اترادي ٻولي

ڊاڪٽر هدايت پريم

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد - سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جي جغرافيائي محاورن يا ٻولين جو مطالعو

سلسلي جو ڇهون ڪتاب

اتراڌي ٻولي

مصنف

هدايت پريم

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد سنڌ
1995ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو : پهريون
سال : مارچ 1995ع
تعداد: هڪ هزار
قيمت: Rs 50/-

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ملڻ جو هنڌ :
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نيشنل هاءِ وي – حيدرآباد سنڌ، پاڪستان.
۽
مرڪزي ڪتاب گهر نمبر - 16
نسيم شاپنگ سينٽر - نسيم نگر
قاسم آباد، حيدرآباد– سنڌ .

هي ڪتاب ميسرس علمي پرنٽرز ڪراچي ڪمپوز ڪيو ۽ اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري ايجوڪيشنل پريس ڪراچي مان ڇپرائي حيدرآباد سنڌ مان پڌرو ڪيو.

عنوانن جي فهرست

عنوان		صفحا
مهاڳ		٧
باب پهريون:	اترادي ٻوليءَ جو تعارف ۽ حدون........	١١
باب ٻيو:	اترادي لهجن جي صوتياتي ڇنڊڇاڻ	٢٩
باب ٽيون:	اترادي لهجن جي صرفياتي ڇنڊڇاڻ	٤٢
باب چوٿون:	اترادي لهجي جي نحوياتي ڇنڊ ڇاڻ	٦٩
باب پنجون:	اترادي لهجي تي سرائڪي، بلوچي ۽ براهوي ٻولين جو اثر	٧٩
باب ڇهون:	اترادي لهجي جو لوڪ ادب ۾ حصو......	٩٧
باب ستون:	اترادي لهجي جا خاص لفظ	١٢٥
باب اٺون:	اترادي لهجي جا پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح	١٣٤

ٻه اکر

سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهو ضروري آهي ته هن ٻهڳڻ ٻوليءَ جي مختلف لهجن تي ڪتاب تيار ڪرائي ڇپرايا وڃن. هن رٿا هيٺ ٻارهن ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا ويندا. هن وقت تائين پنج ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، هيءَ ان سلسلي جو ڇهون ڪتاب آهي.

باقي ڇهن لهجن تي ڪتاب تيار ٿي رهيا آهن؛ جهڙوڪ: ڪڇي - ناڙي جي ٻولي، ڪاڇي جي ٻولي، لاسي ۽ ڪوهستاني ٻولي، ڪڇي - سنڌي ٻولي وغيره.

چوڻي آهي ته ٻارهين ڪوهين ٻولي ڦري. واقعي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڪي خاص لفظ ۽ اصطلاح نظر ايندا. اهو سنڌي ٻوليءَ جو خزانو آهي، جنهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ شاهوڪاريءَ جو صحيح اندازو ٿي سگهندو.

سنڌ جي اتر واري علائقي جي ضلع جيڪب آباد جون سرحدون پاڪستان جي ٻن صوبن يعني پنجاب ۽ بلوچستان سان ملن ٿيون. سکر ضلعي جون حدون پنجاب کان علاوه هندستان سان ملن ٿيون.

سکر ضلعي جي پنجاب جي حدن واري شهرن ۾ سرائڪيءَ جو گهڻو اثر آهي، جڏهن ته جيڪب آباد ضلعي جي ڪن شهرن جي ٻوليءَ تي بلوچي ۽ براهوي جو اثر نمايان نظر ايندو.

هن ڪتاب ۾ اٺ باب آهن. پهرين باب ۾ اترادي ٻوليءَ جو تعارف ۽ حدون بيان ڪيل آهن. ٻئي باب ۾ اترادي لهجن جي صوتياتي ڇنڊ ڇاڻ ڪيل آهي. ٽين باب ۾ اترادي لهجي جي صرفياتي اصولن تي بحث ڪيل آهي. چوٿين باب ۾ اترادي لهجي جي نحوياتي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وئي آهي. اترادي لهجي تي جيڪو سرائڪي، بلوچي ۽ براهوي ٻولين جو اثر آهي، سو پنجين باب ۾ مثالن ذريعي ظاهر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ٻين بابن ۾ اترادي لهجي جو لوڪ ادب ۾ حصو، اترادي لهجي جا خاص لفظ، پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح ڏنا ويا آهن.

هيءُ ڪتاب محترم دوست هدايت پريم منهنجي گذارش تي چند مهينن ۾ تيارڪري ڏنو، جنهن لاءِ آءُ سندس ٿورائتو آهيان. هدايت پريم صاحب هن ڪتاب تي وڏي محنت ڪئي آهي، پڙهندڙ پڪ سان ان جو قدر ڪندا.

حيدرآباد سنڌ
8 مارچ 1995ع

ڊاڪٽر نواز علي شوق
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

مهاڳ

سنڌي ٻولي جي مکيہ لهجن مان هڪ لهجو "اُترادي" بہ آهي، جيڪو اتر سنڌ ۾ رائج آهي. هن ڪتاب ۾ اترادي لهجي جو لساني جائزو ورتو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران هن مهل تائين"سنڌي" ٻوليءَ جي جغرافيائي محاورن يا ٻولين جو مطالعو جي سلسلي ۾ سنڌ جي مختلف خِطن يا علائقن جي مکيہ لهجن توڙي ننڍن محاورن جي باري ۾ پنج ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. هن مهل تائين انهن ڪتابن تي رکيل عنوانن ۾ "ٻولي" لفظ ڪم آندو ويو آهي. جڏهن اسين "سنڌي" کي "سنڌي" ٻولي چئون ٿا، تہ شڪارپور، سبي، ماٿيلي، اُباوڙي ۾ رائج ٻوليءَ کي سنڌيءَ جا ننڍا محاورا سڏڻ گهرجي. حقيقت ۾ ڪتابن جي عنوانن جو مفهوم بہ اِهو ئي آهي. هيءَ ڪتاب "اُترادي ٻولي" لکڻ دوران آءٌ سوچيندو رهيس تہ اترادي ٻولي تہ نہ آهي، ٻولي تہ "سنڌي" آهي ۽ اترادي ان جو هڪ لهجو آهي ۽ ان ئي لهجي جا ٻيا ننڍا محاورا آهن؛ روهڙائي، شڪارپوري، اُباوڙائي، لاڙڪاڻائي ۽ جيڪب آباد وغيره. تنهڪري هن ڪتاب ۾ مون هرهنڌ "اترادي لهجو" ڪري لکيو اهي. جيئن تہ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران هن سلسلي جي ڪتابن جا نالا ائين ئي تجويز ڪيل آهن. يعني تہ سبيءَ جي ٻولي، شڪارپور جي ٻولي، ٿر جي ٻولي وغيره،

تنهنڪري هن ڪتاب جو نالو مون بہ "اُترادي ٻوليءَ" ۾ رکڻ ڏنو آهي.

اُترادي لهجو هڪ نهايت ئي پيارو لهجو آهي. مينا ج پرپيل ٻولن وارو هيءُ لهجو جنم ڏينهن کان وٺي منهنجي ڪنن ۾ پيو. اتر سنڌ جي شهر روهڙيءَ سان واسطو اٿم. روهڙي سکر ڄڻ تہ منهنجا ڳوٺ آهن. خيرپور ۽ پير ڳوٺ جي شهرن سان پڻ نينهن جا ناتا اٿم. جتي گهڻائي عزيز قريب ۽ دل وارا دوست اٿم، جن وٽ اچڻ وڃڻ آهي. شڪارپور ۾ بہ ٻہ ٽي سال رهيو آهيان. لکي در، هاٿي در، هزاري در، مطلب تہ شڪارپور جا اٺ ئي در ڀيٽيا اٿم. جيڪب آباد پڻ ويندو رهندو آهيان، جت ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، فتاح عابد، غلام رسول ڪلهوڙو، پيڻ ڊاڪٽر شڪنتلا سيواڻي ۽ ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي جهڙن دل گهرين دوستن سان گهڻيون ئي قرب ڪچهريون ٿينديون رهنديون آهن. اتر سنڌ جي ٻين شهرن جهڙوڪ شهداد ڪوٽ، ميرپور ماٿيلو، گمبٽ ۽ خيرپور ۾ پڻ نوڪريءَ سانگي ٿورو ٿورو عرصو رهيو آهيان. خيرپور ۾ رهڻ دوران ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي سان ملاقاتون ٿينديون هيون. ٻوهيو صاحب تن ڏينهن ڪامپر يهينسو هاءِ اسڪول جو پرنسيپال هو. خيرپور ۾ گذاريل اهي ڏينهن ڏاڍا ياد ايندا اٿم. ويجهڙائيءَ ۾ سنڌ وطن کان ڏور ست سمنڊ پار برطانيہ ۾ ٻن سالن جو عرصو رهيم. اُتي هڪ ڏينهن طارق عالم مهراڻ جو هڪ تازو پرچو آڻي ڏنو، جنهن ۾ تنوير عباسيءَ جا "خيرپور جا هائيڪو" ڇپيل هئا. هائيڪو ڇا هئا، بس ڄڻ خير پور اکين اڳيان اچي ويو. هڪ ديس کان دور ٻيو تنوير جي سڪهاري شاعري، هائيڪو اصل دل ۾ پيهي ويا. چند هائيڪو هت اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو. هنن هائيڪن پڙهڻ سان اوهان پڻ اتر سنڌ جي نظارن مان لطف اندوز ٿي سگهندا.

آئي آ پن ڇڻ
سين وڻن پن ڇاڻيبا
نرچو ڪچيءَ وڻ.

مير واه تي شام
سوني پاٽيءَ ڏي جهڪي
تالهنيءَ جي هڪ لام.

سانجهي سنجهيون ٽاپ
پرينءَ پر واه جي
ڪافيءَ جو آلاپ.

مير واه سان پنڌ
ڪالهه هئا جيڪي پکي
اڄ نه انهيءَ هنڌ.

پنج ڪلو ۽ شام
ويٺيءَ ۾ رابيل ۽
لب تي ڪنهن جو نام.

پرينءَ جو پاڙو
گهٽي گهٽي ڄڻ ڪاڪ آ
۽ پاٽي پاڙو.

گرمي گهٽ مکيون
آرايون ڪنهندي ڇپائين
ڪجيون ڇاڻ پکيون.

جون ۾ پيچرن انگ
سنڌڙي الب ۽ ڪارڪون
هيءَ سونهري رنگ.

قلفيءَ وارو نيٽ
گهلي گاڏو ٻي ٻجي
بيٺو وڻ هيٺ.

اتر سنڌ جو علائقو، منهنجو پنهنجو علائقو آهي، جڻ پنهنجو وطن آهي، ديس آهي. اُتان جي لهجي تي لکڻ مون پاڻ تي فرض سمجهيو، ۽ هيءَ ڳالهه مون لاءِ باعث افتخار پڻ آهي.

آءٌ پنهنجي پياري دوست ڊاڪٽر غلام نبي سڏائي جو بيحد گهڻو ٿورائتو آهيان، جنهن جو مڪمل سهڪار، ڪتاب لکڻ دوران رهيو، خاص طور، سنڌي ٻوليءَ تي براهوي اثرات ۽ اُترادي ٻوليءَ جي لوڪ ادب وارن موضوعن ۾ سڏائي صاحب مون سان هٿ ونڊايو آهي. پنهنجي مانائتي استاد محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جو بيحد گهڻو مشڪور آهيان، جن جي همتائڻ سان ئي آءٌ هيءَ ڪتاب لکي سگهيو آهيان، ۽ هي پنهنجي پيار جو پورهيو پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪريان ٿو.

هدايت پريم

سنڌ يونيورسٽي
ڄامشورو سنڌ.
فبروري ١٩٩٥ع.

باب پهريون

اُترادي ٻوليءَ جو تعارف ۽ حدون

سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون تاريخي طور سنڌ ۾ کتل آهن، ۽ تهذيبي اعتبار کان سنڌو سڀيتا سان واڳيل آهن. سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي مڙني مکيہ ٻولين مان هڪ اهم ٻولي آهي. اڪثر عالمن سنڌس اصل نسل هند يورپي ٻولين جي خاندان ۽ اندڪ گروهہ سان ڏيکاريو آهي. هند يورپي خاندان جون ٽي شاخون آهن.

(١) – يورپي،

(٢) – ايراني،

(٣) – هندي.

هندي شاخ ۾ بنگالي، آسامي، هندي، اردو، مرهٽي، گجراتي، سنگلي زبانون اچي وڃن ٿيون. سنڌي، پنجابي، ملتاني، ڪشميري زبانون وري انهي آريائي زبان مان نڪتل ڏسجن ٿيون. جا ايراني ۽ هندي خاندان جي وچ واري ڪڙي هئي. اسان انهن جي خاندان کي ”سنڌو“ خاندان سڏي سگهون ٿا. (١)

سنڌو خاندان کي اڪثر ماهرين لسانيات اندڪIndic ڪري پڻ لکيو آهي.

سنڌي ٻولي لنڊي ڪنڊ جي هڪ وسيع علائقي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ ڳالهائڻ واري هندو آباديءَ جي اڪثريت لڏي وڃي هندستان جي مختلف علائقن ۾ آباد ٿي. پاڪستان جي صوبي سنڌ، بلوچستان جي سبي ۽ لسبيلي، پنجاب جي ماڇڪي ۽ ڀارت جي ڪڇ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي سرحدي حصن ۾ سنڌي ڳالهائڻ وارا موجود آهن. "سنڌ" هن ٻولي جو خاص خطو Main land، مادر وطن آهي. وڏي وسيع ايراضيءَ ۾ عام وهنوارَ ۽ سماجي ضروريات لاءِ سنڌي ٻولي ڪم اچي رهي آهي. تنهنڪري جاگرافيائي اعتبار کان سنڌي ٻولين جا ڪيترائي لهجا /محاورا/ اپڀاشائون/ Dialects آهن، جن جي لساني ڇنڊڇاڻ ڪجهه قدر ٿي چڪي آهي، پر اڃا گهڻو ڪم رهيل آهي.

ٻوليءَ ۽ لهجي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ مختلف محاورن لهجن جو پنهنجي ٻوليءَ سان ڪهڙو تعلق آهي؟ محاورن، لهجن ۾ موجود، صوتي، صرفي، نحوي فرق ڪهڙي اهميت رکن ٿا. مختلف لهجن ۽ محاورن جي حيثيت ڪهڙي ريت متعين ڪرڻ گهرجي. اهڙن سوالن جا جواب جاچڻ لاءِ لسانيات جيَ شاخ لساني جاگرافي Dialectology جا مکيه اصول ڪار آمد ثابت ٿي سگهن ٿا. محاورا يا لهجا بلاشڪ ٻوليءَ جي اپڀاس ۾ هڪ اهم جاءِ والارين ٿا.

هر زبان کي هڪ ملڪ ٿيندو آهي، جنهن جي گهٽ يا وڌ ايراضي ٿيندي آهي. انهيءَ ايراضيءَ اندر هڪ ئي زبان جا مختلف محاورا جدا جدا ڀاڱن ۾ موجود هوندا آهن. جن مان هرهڪ کي اتان جي "مقامي ٻولي" Dialect سڏبو آهي. باريڪبينيءَ سان ڏٺو وڃي ته هر شخص جي ٻوليءَ جو طريقو بلڪل پنهنجو ۽ نرالو هوندو آهي. ان کي ذاتي زبان Idiolect چئي سگهجي ٿو، مگر اها آوازي، صرفي ۽ نحوي نگاهه کان ٻين جي ذاتي زبان کان نرالي نه هوندي آهي، جيڪي ان جا پاڙيسري، ڳوٺائي، شهري يا ويجهڙائي وارا هوندا آهن. سچ پچ ته زبان

نہ رکو هڪ شخص کان ٻئي تائين بدلجي ٿي، پر هر طبقي کان ٻئي طبقي تائين ڦري ٿي. جنهن حد تائين اتان جي رهاڪن جي ٻولي بنا ڦيرڦار جي چالو هجي، انهيءَ حد تائين ٻوليءَ جو هڪ محاورو سڏبو. جنهن حد کان ٻوليءَ ۾ ڪجهه ڦيرو معلوم ٿئي، انهيءَ حد کان ٻوليءَ جو ٻيو محاورو سڏبو. ايئن هر ٻوليءَ جا ٻہ يا ٻن کان مٿي محاورا هوندا آهن. جن کي مقامي محاورا ۽ اپڀاشائون سڏبو آهي. انهن مقامي ٻولين مان هڪ ٻولي جا علم ادب جي لحاظ کان ٻين مقامي ٻولين تي ڇانئجي ويندي آهي، ۽ جنهن کي پڙهيل طبقو عام طرح سان استعمال ڪندو آهي، تنهن کي معياري زبان Standard dialect سڏبو آهي. روايت طور ۽ رسمي طرح تختگاهہ جي پڙهيل ماڻهن جي زبان کي معياري زبان جو نمائندو سڏيو ويجي ٿو. تورڙن ماڻهن جي ٻوليءَ کي ننڍي ٻولي سڏيو ويجي ٿو. سنڌي زبان ۾ وچولي واري سنڌي معياري زبان آهي، ۽ باقي ٻيون سڀ ٻوليون، اترادي، لاڙي، ٿري، لاسي، ڪوهستاني ۽ ڪڇي وغيرہ مقامي ٻوليون آهن. (٢)

لسانيات جي نامور اسڪالر بلومفيلڊ لکيو آهي، تہ جديد لسانيات ٻوليءَ جي مقامي تفاوتن کي وڏي اهميت ڏني آهي. تحقيق مان ثابت ٿيو آهي تہ مقامي ننڍين ٻولين جا آواز ۽ صرفي نمونا زبان جي ڪنهن پراڻي دور سان لاڳاپيل هوندا آهن ۽ سندن سڀ جا ڪيترائي روپ ٻين ٻولين جي روپن سان گڏ مس ٿيڻ سببان بدلجي چڪا هوندا آهن (٣).

هر ٻوليءَ ۾ علائقائي فرق ضرور موجود آهي. ان فرق جي بنياد تي ئي لهجن / محاورن جي حيثيت متعين ڪئي ويجي ٿي. پر جيڪڏهن فرق سٽاءَ ۽ ساخت جي لحاظ کان بنيادي آهي، تہ اها ٻولي ئي ٻي هوندي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو: ڪي ٻوليون اهڙيون آهن جيڪي مختلف ملڪن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. ڪي وري قبيلن ۽ گروهن جون ٻوليون آهن. جيڪا ٻولي مختلف ملڪن يا

هڪ ئي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائي ويجي ٿي، ان علائقي جي لحاظ کان ٿورو گهڻو فرق ٿئي ٿو. ٻولي جي مختلف محاورن ۾ سٽاءَ ساخت جي لحاظ کان بنيادي فرق هوندو تہ اُها جدا ٻولي ليکي ويندي. ساڳي ٻولي جي جدا جدا علائقن جي مقامي لهجي کي انگريزيءَ ۾ Dialect چئبو آهي، جنهن کي اسان لهجا، محاورا يا اپڀاشائون چوندا آهيون (۴)".

ٻوليءَ ۽ محاوري يا لهجي ۾ ڪهڙو فرق آهي، ان سلسلي ۾ پوپٽي هيرانندانيءَ جا خيالات پيش ڪجن ٿا.

ٻولين جي جاچ پڙتال ڪندڙ ماڻهو چون ٿا تہ ٻوليءَ جا ٽي قسم آهن.

(۱) ڀاشا- اها ٻولي جنهن کي پڙهيل ماڻهن گهڙيو مڙهيو آهي، يعني Standard dialect

(۲) وڀاشا- اُها ٻولي جا هڪ گهيري ۾ رهندڙ رواجي ماڻهو ڳالهائين ٿا يعني Dialect

(۳) ٻولي - اها ٻولي جا گهر جا ڀاتي گهرن ۾ ڳالهائين ٿا. گهر ۾ بنا ڪنهن سجاوٽ، ملاوٽ، يا بناوت جي ڳالهايون ٿا. ان ۾ رنگ يا ڏيکاءُ نہ آهي.Provincial dialect

وڀاشا کي انگريزيءَ ۾ ڊائليڪٽ ۽ هندي ۾ اپڀاشا چئبو آهي. اهڙي ٻولي ڌرتيءَ جي هڪ وڏي گهيري ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ڪم اچي ٿي. ڀاشا، وڀاشا ئي آهي، پر اُها پڙهيل لکيل ماڻهن جي هٿ ۾ اچي تمام پڪي پختي ۽ پالش ٿيل بڻجي ٿي. پوءِ وڀاشا ئون ان کي پنهنجي راڻي ڪري مڃين ٿيون.جدا جدا وڀاشا ڳالهائيندڙ ان ئي ڀاشا ۾ پستڪ لکڻ، پتر لکڻ يا راشٽر جو ڪاروبار هلائڻ جو يتن ڪن ٿا. سنڌ ۾ حيدرآبادي سنڌي "ڀاشا" ئي ڪتب ايندي آهي. سنڌي ڀاشا جو ڪيتر سچوئي سنڌ ۾ ڦهلجي هو.شڪارپوري، سرائڪي، لاڙڪاڻائي، وغيره

وياشائون آهن، جي جدا جدا ضلعن ۾ ڪتب ايندڙيون هيون. وڀاشا جي حد جاگرافي مقرر ڪري ٿي، پر ڀاشا جي حد سپيتا. سنسڪرتي ۾ ڀاونائون مقرر ڪن ٿيون. مرهٽي ٻوليءَ ۾ پڻ ڪوڪني، رتنا گري، يا برابري وڀاشائون آهن، پر انهن جي ڀاشا پوني واري وڀاشا آهي. مرهٽي ڀاشا کي پنهنجو مقرر ٿيل نڪتو ڪيتر آهي.

وڀاشا ۽ ڀاشا جو ڀاڱ ۾ گهرو سبنڌ آهي، ڇاڪاڻ ته وڀاشا کي اڳتي هلي ڀاشا جو پد ملي ٿو. هنديءَ ۾ برج ڀاشا، راجستاني، اوڌي، بهاري وغيره روپ آهن. سيني کي هندي ٿي ڪري پڪاربو آهي، پر اُهي راشٽر ڀاشا هنديءَ کان ڪجهه قدر ڦريل آهن. وڀاشا کي ڀاشا جو پد هيٺين سببن ڪري ملندو آهي.

١ -راج دربار طرفان فرمان جاري ڪري ڪنهن وڀاشا کي ڀاشا مقرر ڪيو وڃي، يا راڄڌانيءَ جي وڀاشا ۾ راج ڪاروبار هلائڻ ڪري اُها ڀاشا بڻجي وڃي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن خاص وڀاشا ۾ ڳالهائڻ وڏماڻهپي ليکي ويندي آهي. رفته رفته اها ڀاشا بڻجي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن چاپلوسي ڪندي يا پنهنجو مطلب سڌ ڪرڻ لاءِ ڪي عملدار راجا کي پسند ايندڙ ٻولي ڪتب آڻيندا آهن، جيئن مغلن جي راڄ ۾ يا ميرن جي صاحبي ۾ ماڻهو فارسي ڪتب آڻيندا هئا. ڪڏهن وري جيتيندڙ جي ڏپ وچان ماڻهو ان دواران قائم ڪيل ٻوليءَ کي تسليم ڪندا آهن.

٢ -ڪنهن وڀاشا ۾ گهڻا پستڪ رچيا ويندا آهن. يا ڪو اهڙو پستڪ لکيو ويندو آهي جو لوڪ پريه ٿي ويندو آهي ته اُها وڀاشا، ڀاشا جو پد ماڻيندي آهي. جيئن ڪجهه وقت اڳ ۾ سورداس جي پستڪن ڪري برج ڀاشا ڪنهن وقت ڀاشا سڏجڻ ۾ ايندي هئي.

٣ -جنهن ٻوليءَ جا ماڻهو ٻين مٿان ڏاڪو ڄمائين، انهن جي ٻولي اڳتي هلي ڀاشا بنجي ويندي آهي. سنڌ ۾ حيدرآبادين مان ڪي ميرن جا

ديوان بڻيا هئا، جنهن ڪري انهن جي عقل ڪي مڃي انهن جي ٻوليءَ کي ڀاشا ڪري مڃيو ويو.

۴ -اڳين زماني ۾ ڪي ڌرم جا وڏا ڪنهن ٻوليءَ کي زور وٺرائيندا هئا. روم جي پادرين اٽالين ٻوليءَ کي ڏاڍو زور وٺايو، جنهن ڪري اُها ڀاشا بڻجي پئي.

مطلب اهوئي آهي تہ ڀاشا هڪ قسم جي پرماڻڪ ٻولي Standard language آهي، جنهن کي ساڳي علائقي ۾ يا قوم جا ماڻهو ساهتڪ ٻولي سمجهن، ان ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ راڄ ڪاروبار جو ڪم هلائين ٿا (۵).

انرادي ٻوليءَ جون حدون

سنڌي زبان جي لهجن تي جاگرافيائي حد بندين جي لحاظ کان نالا رکيل آهن. اهو لهجو جيڪو اتر سنڌ يعني سري واريءَ ايراضيءَ ۾ ڳالهائبو آهي، تنهن کي سرائڪي لهجو سڏيو ويو ۽ اهو لهجو جيڪو لاڙ ۾ مروج آهي، تنهن تي لاڙي لهجو نالو رکيو ويو (٦). ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو.

سِر معنيٰ مٿو ۽ سرو معنيٰ مٿ يا مٿيون ڀاڱو. سنڌ جو اتر وارو پاسو، سنڌ توڙي سنڌونديءَ جي وهڪ جو مٿيون ڀاڱو آهي. انهن ٻنهي سببن ڪري اهو سرو سڏجي ٿو. ٻوليءَ جي مطلب لاءِ ٿلهي ليکي چئبو تہ خيرپور رياست کان وٺي ويندي اباوڙي تعلقي جي چيڙي تائين ۽ سيوهڻ دادو کان وٺي سڄو لاڙڪاڻو ضلعو توڙي شهداد ڪوٽ ۽ جيڪب آباد وارو پاسو ڪشمور تعلقي جي چيڙي تائين "سرو" آهي ۽ اتي جي ٻولي "سريلي" سڏجي ٿي (٧)

موجوده تحريري محاوري Standard dialect کي جن سياسي مجبورين ۽ اتفاقي حالتن جنم ڏنو، تن جو ذڪر هن ريت ڪري سگهجي ٿو ته اقتدار جي واڳ جڏهن ٽالپور اميرن جي هٿن مان ڪسجي وئي ۽ سنڌ ۾ برطانوي راڄ قائم ٿي ويو، تڏهن حيدرآباد ۽ گردنواح کي سياسي طور مرڪزي حيثيت حاصل ٿي ۽ سنہ ١٨٥٣ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ درسي ڪتابن جي ضرورت محسوس ڪئي، تڏهن اهو ڪم حيدرآباد جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جي سپرد، ڪيو ويو. هاڻي سوال آهي ته ان زماني ۾ جيڪڏهن انگريزن جي سياسي قوت جو مرڪز خيرپور يا سکر هجي ها، ته ڇا پوءِ حيدرآباد جي عالمن کان درسي ڪتاب لکرائجن ها! ظاهر آهي ته اهو ڪم پوءِ خيرپور يا سکر جي دانشورن کان ئي ورتو وڃي ها! ۽ لامحاله اُترادي محاورو ئي معياري درجو ماڻي ها! (٨).

لسانيات جي ڪن ماهرن اُترادي محاوري کي سريلي ٻولي سڏيو آهي، ڇو ته اها ٻولي سنڌ جي ان طبعي ڀاڱي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، جنهن کي "سرو" ڪوٺجي ٿو. اها ڳالهه ڪنهن حد تائين ڪٿي تسليم ڪجي، پر سري جي حدن کي اُترادي محاوري جون سرحدون سمجهڻ ڪنهن به حالت ۾ درست نہ آهي. ڪنهن به خطي جي "طبعي جاگرافي" ۽ "لساني جاگرافي" ۾ صد في صد مطابقت اتفاقي تہ ٿي سگهي ٿي پر عمومي طور تي ائين نہ آهي(٩).

شيخ محمد فاضل پنهنجي ڪتاب "ماتيلي ۽ اباوڙي جي ٻولي" ۾ ڀيرومل جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:-

ڀيرومل آڏواڻي "سري" جي ٻولي جون حدون ٻڌائيندي چوي ٿو تہ ٻولي ء جي مطلب لاءِ ٿلهي ليکي چئبو تہ خيرپور رياست .... پر اُترادي محاوري جي جاگرافي جي گهري مطالعي کان پوءِ ڀيرومل جي راءِ کي رڳو ٿلهي ليکي ئي قبول ڪري سگهبو، ڇو تہ خيرپور ضلعي جي

اوير واري وسيع ايراضي توڙي روهڙي، ميرپور ماٿيلي ۽ اٻاوڙي تعلقن جي اڀرندي طرف واري پٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو سنئون سڌو ٽري محاورو ڳالهايو ويجي ٿو. ٻئي طرف جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي اولهندي پاسي بلوچستان جي شورڻ ۽ سبيءَ واري علائقي ۾ به اترادي محاورو رائج آهي. اٻاوڙي تعلقي جي اتر ۾ وري ماڇڪي جي ٻوليءَ جو گهڻو اثر آهي، اتان جي ٻوليءَ کي "سرائڪي سنڌي" ته سڏي سگهبو، پر ان کي اُترادي ٻولي يا سريلي ٻوليءَ ۾ شمار ڪري نه سگهبو (١٠)

ڀيرو مل جي لکڻ موجب سيوهڻ ۽ دادو سريلي ٻولين ۾ شامل آهن، پر پاڻ ٺي اڳتي هلي دادو تعلقي کي وچولي ٻوليءَ ۾ شمار ڪري ٿو، سندس چوڻ آهي ته سري ۽ لاڙ جي وچ وارو ڀاڱو وچولو سڏجي ٿو جنهن جون حدون ڪنڌياري ۽ دادو تعلقن جي اتر واري ڀاڱي کان وٺي هيٺ ڪوٽڙيءَ تائين آهن. اهو سنڌ جو وچولو يعني وچ وارو ڀاڱو آهي، ۽ اُتي جي ٻولي "وچولي" ڪوٺجي ٿي. حقيقت ۾ ٻوليءَ جي محاورن جون سرحدون متعين ڪرڻ انتهائي مشڪل ڪم آهي. جيستائين ٻوليءَ جي سيني محاورن جو تفصيلي مطالعو نه ڪبو، تيستائين ڪنهن هڪ محاوري جي پکيڙ ۽ ايراضي متعلق وثوق سان ڪجهه چئي نه سگهبو. بس ايئن ڪٿي چئجي ته "اُترادي محاورو" لاڙڪاڻي، شڪارپور، جيڪب آباد، سکر ۽ خيرپور ضلعن تي پکڙيل آهي. البته اُهي ايراضيون جي بلوچستان پنجاب ۽ هندستان سان بلڪل متصل آهن، تن ۾ سندن قريبي علائقي وارين ٻولين جو اثر آهي، جنهنڪري اُتي ڳالهايل ٻولين کي نج اترادي محاورو سڏي نه سگهبو (١١).

سنڌي ٻوليءَ جي لهجن تي سڀ کان پهريائين ارنيسٽ ٽرمپ پنهنجي گرامر ۾ روشني وڌي آهي. هو صاحب لکي ٿو:

سنڌي جيڪا سنڌ جي حدن اندر ڳالهائي ويندي آهي، تنهن جا ٽي مکيه لهجا آهن. گرامر جي لحاظ کان ٽنهي ۾ بنهه ٿورو فرق آهي، پر

اُچارڻ ۾ ڪافي فرق اٿن. زيرين سنڌ جو علائقو ۽ ساموندي ڪنارو ۽ ڊيلٽا وارو علائقو آهي، اُتي جي لهجي کي "لاڙي" چيو ويجي ٿو. "لاڙ" لفظ اسم خاص نہ آهي. لاڙ يعني لنهواري زمين. "سرو" لفظ پڻ ساڳي ريت ملڪ جي مٿاهين علائقي کي سڏجي ٿو. حيدرآباد جي اتر واري علائقي يعني اپر سنڌ جي لهجي کي سرائڪي يعني سري وارو چئجي ٿو. سنڌ جي "ٿر" يعني بيابان واري علائقي ۾ " ٿاريلي" لهجو رائج آهي، اهو نج محاورو نہ آهي. سُرن جي گهٽتائي بہ اٿس تہ وينجن بہ تبديل ٿيل آهن. اُترادي لهجي (سري واري)اصليت بر قرار رکي آهي ۽ اُچار پڻ نج ۽ نبار اٿس. اهڙي برتريءَ سبب اترادي ماڻهن لاڙين لاءِ هيءُ محاورو گهڙيو آهي؛ لاڙ جو پڙهيو سو سري جو ڍڳو (١٢)

جارج ابراهم گريئرسن سنڌي ٻوليءَ تي نهايت اهم ڪم ڪيو آهي، جيڪو لنگوئسٽڪ سروي آف انڊيا جي جلد اٺين جي پهرين حصي ۾ شامل آهي. ٽرمپ جي مٿين راءِ کيس معلوم هئي، ان جي باوجود بہ گريئرسن اُترادي لهجي کي بطور هڪ لهجو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. سندس راءِ ۾؛ سنڌي ٻوليءَ جا ڇهہ ڇاٽيل لهجا آهن؛ وچولي، سرائڪي، لاسي، لاڙي، ٿريلي ۽ ڪڇي. پهريون يعني وچولو سنڌ جي وچين علائقي ۾ ڳالهايو ويجي ٿو. هي معياري لهجو آهي، ۽ ادب تحرير ڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو. سرائڪي وچولي لهجي جو ئي هڪ نمونو آهي ۽ حقيقي طور لهجو نہ آهي. صرف اچارن جو ٿورو فرق آهي، جيڪي سرائڪي ۾ تمام چٽائي سان اچاريا وڃن ٿا ۽ لفظي ذخيره ۾ پڻ ٿورو ئي فرق آهي. سنڌ ۾ "سرو" لفظ جي معنيٰ آهي "مٿو" ۽ سرائڪي معنيٰ مٿاهون، لاڙ يا لوئر سنڌ جي اتران وارو علائقو. سنڌين پاران سرائڪي (اُترادي) لهجو ٻوليءَ جو نج نبار نمونو تصور ڪيو وڃي ٿو.

ياد رکڻ گهرجي تہ "سرو" نالو يعني مٿاهون ملڪ، هڪ نسبتي اصطلاح آهي، جيڪو مقامي طور مختلف معنائون رکي ٿو. جيئن

ٿي سنڌو نديءَ جي هيٺاهين طرف وڃبو، اوترو ٿي ”سرو“ علائقو وڌو هوندو يعني ته اهڙي لاڙ وارن لاءِ سرو يعني وچولي سنڌ ۽ اتر سنڌ جا سمورا علائقا ان ۾ اچي ٿا وڃن(١٣) اڳتي هلي گريئرسن لکي ٿو:

ٽرمپ پنهنجي گرامر ۾ بيان ڪيو آهي ته اپر سنڌ ۾ هڪ نمايان لهجو، سرائڪي، ڳالهايو ويندو آهي، پر مون کي مليل نمونن مان اهو ثابت ڪونه ٿو ٿئي. مثلاً حوالي طور خيرپور مان مليل نمونو پيش ڪريان ٿو. خيرپور جيڪا جاگرافيائي طورسريءَ جي وچ ۾ آهي، اتان جي ٻولي حيدرآباد جي معياريءَ کان ڪنهن طرح به مختلف ڪونه آهي. شڪارپور ۽ اپر سنڌ فرنٽيئر (جيڪب آباد) مان مليل نمونن جي پڻ ساڳي حالت آهي. سنڌي ٻولي جي هڪ روپ جو نالو ”سرائڪي“ ضرور آهي، پر اهو سنڌي ٻوليءَ جو ڪوبه لهجو نه آهي. اهو لهندا ٻوليءَ جو هڪ لهجو آهي، جيڪو سموري سنڌ ۾ پڻ رائج آهي ۽ خصوصي طرح اپر سنڌ ۾ جت قوم جا ماڻهو ۽ ٻيا بلوچ جهڙوڪ رند، لغاري ۽ عباسي وغيره ڳالهائيندا آهن(١٤)“

گريئرسن جي خيال ۾، اپر سنڌ جي سنڌيءَ ۾ تمام ٿوريون خصوصيتون آهن. اهڙو ڪوبه بنياد ڪونهي جو ان کي خود مختيار لهجو قرار ڏئي سگهجي. در اصل اهي خصوصيتون بلڪل ئي غير اهم آهن، جن جو تعلق اُچارن ۽ لفظن جي استعمال سان آهي، جيڪي ٻين هنڌن تي رائج آهن. اهڙيون خصوصيتون مليل نمونن ۾ اڻ لکيون ڏنيون ويون آهن(١٥)“ حالانڪ گريئرسن شروع ۾ لکي آيو آهي ته:-

سنڌ ۾ ”سِرُ“ معنيٰ مٿو، جنهن مان لفظ نڪتو آهي ”سرو“ يا سنڌ جو مٿيون علائقو. سمجهو ته نارٿ فرنٽيئر (جيڪب آباد) کان ٢٧ ڊگري هيٺ تائين، لاڙڪاڻي ۽ سيوهڻ جي وچ تائين جو علائقو اچي وڃي ٿو. وري ان مان ”سرائڪي“ صفت ٿي، جنهن جي معنيٰ آهي اُها ٻولي، جنهن جو تعلق سري سان يا اپر سنڌ سان هجي(١٦).

گريئرسن هڪ نمونو خيرپور رياست جو ڏنو آهي، ان لاءِ چوي ٿو، لوڪ ڪهاڻي تي مشتمل هڪ نمونو خيرپور جو ڏجي ٿو، تنهن جي بولي سنڌي ٻوليءَ جي گرامر موجب آهي. صرف هيٺيون بيقاعدگيون ڏنيون ويون:

"چيو" لفظ ٻين هنڌن "چِيو" لکيو ويندو آهي، پر هت چِيو لکيو ويو آهي، ضميري پڇاڙي "آن" "اين" بہ "آن" ۽ "اِن " ڪري لکيو ويو آهي. فعل "ٻڌڻ" مان "ٻڌائڻ " لفظ قاعده موجب ڪونہ آهي. "ٻڌائڻ" بجاءِ، ٻڌائڻُ لکيو ويو آهي (١٧).

گريئرسنَ اترادي کي مڪمل لهجو نہ ٿو سمجهي، انَ لاءِ هي دليل ڏنا اٿس:-

جيستائين سرائڪي سنڌي (اترادي) جو تعلق آهي تہ ان جي ڳوڙهي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو وچولي کان صرف چٽائي وارن اُچارن جي ڪري ۽ چند لفظن ۾ فرق هئڻ جي ڪري مختلف آهي، تنهڪري ان کي ڌار مڪمل لهجي Dialect جي قابل نہ ٿو سمجهجي، ان لاءِ مون سنڌي سرائڪي (اترادي) کي وچولي لهجي جو ئي هڪ نمونو ڪري پيش ڪيو آهي(١٨).

گريئرسن جي خيرپور رياست مان مليل سنڌي ٻوليءَ جي نموني کي غور سان پڙهڻ بعد معلوم ٿيندو تہ، هيءَ لکت سنڌيءَ جي معياري لهجي جي آهي، ۽ نہ خيرپور جي. هن نموني کي ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي طور ڏجي ٿو. هن ۾ هي جملا لکيل آهن:

١ - آءٌ بندو بست ڪريان ٿو.

٢ -مون کي ڪم تمام گهڻو ٿيو آهي، ۽ آءٌ هڪڙو پورو ڪري نٿو سگهان.

٣ -بادشاه جي حڪم موجب توکي نائب قاضي مقرر ڪريان ٿو.

۴ -بادشاه جو ارادو آهي تہ توکي وڏو عهدو ڏئي.

۵ -توکي چڱي نوڪري ملندي ۽ آءٌ قاضي پيو مقرر ڪندس.

مٿين جملن ۾ آءٌ، ڪريان، ۽ ڏئي، خيرپور رياست ۾ ڪتي بہ ڪم نہ ايندا آهن. خيرپور ۽ مٿين سموري سنڌ ۾ "آءٌ" جي جاءِ تي "مان" ۽ "ڪريان" جي جاءِ تي "ڪيان" لفظ ڪم ايندا آهن. "ڏئي" لفظ پڻ لاڙي ۽ وچوليءَ جو لفظ آهي، اتر ۾ "ڏي" لفظ ڪم ايندوآهي. افسوس تہ گريئرسن صاحب کي سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، ۽ لاڙڪاڻي مان ڪوبہ اُترادي لهجي جو نمونو نہ ملي سگهيو. حالانڪ اُترادي لهجو پنهنجي حدود اربع جي ڪري هڪ وڏي وسيع علائقي ۾ سالها سال کان رائج آهي. اتر جي عظيم شاعر حضرت سچل سائين جي ڪلام مان ئي پڌري پٽ آهي تہ اُترادي لهجو پنهنجون خاص خصوصيتون رکي ٿو. انهن خصوصيتن جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو تہ اُترادي انفرادي ۽ مڪمل طور تي هڪ لهجو / محاورو/ Dialect آهي، جنهن کي پنهنجا ننڍا محاورا پڻ آهن، جهڙوڪ: شڪارپوري، ماٿيلي اپاوڙي جي ٻولي، سبيءَ جا محاورا (هنن ننڍن محاورن جو تفصيلي اڀياس سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران ڇپايل ڪتابن ۾ موجود آهي) لاڙڪاڻائي، ساڪرو، روهڙائي وغيره. هن ڏس ۾ سنڌ جي هڪ ڏاهي حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ پاران ڏنل زرين خيالات پيش ڪجن ٿا:

ڏسجي ٿو تہ سنڌ جي لاڙ ۽ سري جي ٻولين ۾ وڏو فرق آهي. ايتري قدر جو صدها، بلڪ هزارها لفظ لاڙ واري حصي جا اهڙا آهن، جي سري جا ماڻهو بنهہ سمجهي ڪين سگهندا آهن. اهڙي طرح سري جي ٻوليءَ ۾ بہ ڪيئي اهڙا الفاظ آهن، جي لاڙ جا ماڻهو مشڪل سمجهندا آهن. انهيءَ کان سواءِ ٿر ۽ ڍٽ جي ٻولي وچان ئي نرالي آهي. شاه ڀٽائي جو ڪلام ڏسجي ٿو تہ سيکنهن قسم جي سنڌي ڪم آندل آهي، پر

لاڙ جي سنڌي ڪَجهه مڙئي سرس ورتايل آهي. جيتوڻيڪ لاڙ ۽ سري جي ٻوليءَ جا خاص خاص لفظ ڏاڍا وڻندڙ ۽ پيارا آهن، پر اُهي پنهنجي حد ۾ ٺيءَ ڪم اچن ٿا. لاڙ جا سري ۾ ۽ سري جا لاڙ ۾ ڪم نہ ٿا اچن، ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾. سنڌ جي انهن ٻنهي هنڌن کان سواءِ ٽيون هنڌ آهي "سنڌ جو وچولو". سنڌ جي وچولي ٻولي وڌيڪ وزنائتي ۽ زياده وسيع آهي. وچولي جي ٻولي، لاڙ ۽ سري جي ٻولين مان سڌريل صورت ۾ بنيل آهي. وچولي ٻولي لاڙ ۽ سري ۾ بہ آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿي، ۽ اهائي علمي ۽ ادبي ٻولي سمجهي وڃي ٿي. اڪثر ڪتاب ۽ اخبارون انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکيون وڃن ٿيون. تعليمي ڪتاب تہ خاص طرح وچولي ٻوليءَ ۾ لکيا ويا آهن ۽ لکيا وڃن ٿا. وچولي سنڌ جون حدون طول (ڊيگهہ) ۾ گهٽ ڪري لاڙڪاڻو ۽ ان جي آس پاس کان وٺي حيدرآباد ۽ ان جي ويجهو پسگردائيءَ تائين آهن. عرض (موڪر) ۾ درياءَ جو اولهہ پاسو جبل کان سواءِ ۽ درياءَ جي اوڀارين پاسي ساهتي پرڳڻو سڄو. انهن حدن کان سواءِ اتر پاسو، ٻوليءَ جي ڪري "سرو" چئبو ۽ ڏکڻ پاسو لاڙ (١٩).

اترادي لهجي جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ لهجو لغت جي اعتبار کان وڌيڪ شاهوڪار ۽ گرامر جي قاعدن قانونن جي بيمثال پختگيءَ جو حامل آهي. هن لهجي ۾ سنڌي ٻولي جي ٻين لهجن جي ڀيٽ ۾ نهايت قيمتي مواد موجود آهي، جنهن جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جي ارتقائي تاريخ معلوم ڪرڻ جا گهڻائي موقعا ميسر ٿي سهگن ٿا (٢٠).

اُترادي محاورو سنڌ جي اترين علائقي خاص ڪري خيرپور سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ ملي ٿو. اُترادي محاوري تي سرائڪي، براهوي ۽ بلوچي زبانن جو اثر نظر اچي ٿو ڇو تہ اهي ٻوليون ڳالهائڻ وارا ماڻهو هن علائقي ۾ ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا ۽ صدين کان اتي ئي رهائش پذير آهن. هن محاوري تي اُترادي نالو بہ علائقي جي نسبت سان پيل آهي(٢١).

. اُترادي لهجو پنهنجن چڱن ۽ واضح آوازن ڪري پنهنجي انفراديت قائم ڪري چڪو آهي. ساڳئي وقت ٻوليءَ جي ميٺاج ڪري پڻ هيءَ لهجو نهايت وڻندڙ ۽ دلڪش آهي. اُتراديءَ جو ننڍو محاورو "شڪارپوري" تہ خاص طور پنهنجي مخصوص لاند ۽ ترنم سان ادائگي وارن اچارن جي ڪري گهڻو مشهور آهي. پوئتي هيرانندانڻي نندي ڪنڌ جي مشهور ماهر لسانيات سُنيتي ڪمار چٽرجي جي حوالي سان لکي ٿي:

In the oldest form of Indo- Aryan perserved in the Rig and other vedas and in Brahmans pitch or musical accent was pre- dominant " (S.K. Chatter jee, Origin and Development of Bengali) اهو چوڻ سنڌ جي شڪارپوري ٻوليءَ سان لڳائي ڏسو جتي ماتا پنهنجي لال کي چوندي آهي "پٽڙا ! اچ تہ ٺول کارايانءِ ني ي. "اتر سنڌ جي ٻولين ۾ لفظن جو اُچار اُئين سُر سان ڪيو ويندو هو (٢٢)"

شڪارپور جي ٻوليءَ لاءِ ڀيرو مل لکي ٿو:

ٻولي تہ شڪارپور جي، جهڙي آهي سپڪ ۽ سوادي تهڙي آهي مٺي ۽ رسيلي. واه جو منجهس ميٺاج آهي! انهيءَ ٻوليءَ سان سنڌ جي ٻئي ڪهڙي بہ هنڌ جي ٻولي ميٺاج ۾ مٽ پنجي ڪين سگهندي. ٻين هنڌن جي ٻوليءَ کان شڪارپور جي ٻولي جنهن سبب ڪري رس چس ۾ سرس آهي، سو سبب مثال ڏئي سمجهائي ٿو. شڪارپوري چون "پائڙا هتڙي ويهہ" - هتي "ويهہ" جي پڇاڙيءَ ۾ "" يعني "اَ" جو اچار آهي. شڪارپوري انهيءَ تي زور ڏئي ان جو اچار اهڙي طرح ڊگهو ڪن ٿا، جو ڄڻڪ اُچار آهي "ويهہ "اَ" ائين اچار کي برابر ڊگهو ڪن ٿا .... هڪ مثال ٻيو ڏجي ٿو: ٻين هنڌن چون "اٿ نہ" "هل نہ" پر شڪارپوري چون: "اٿ ني- هل ني" هت ٻنهہ پڌرو آهي تہ "نہ" جي ننڍڙي اچار کي وڌائي "ني" ڪن ٿا، جنهنڪري اهو اچار بلڪل چٽو ٿيو پوي. پر ساڳئي وقت سر سان اچارين ٿا، تنهنڪري ٻڌندن ڳالهائڻ مٺو پيو لڳي(٢٣).

اُترادي لهجي جي تفصيل سان لساني ڇنڊ ڇاڻ ڪانہ ڪئي وئي آهي. مختلف عالمن پنهنجن ڪتابن ۾ هن لهجي تي راءِ زني ڪئي آهي. نہ صرف اُترادي لهجي، پر سنڌي ٻوليءَ جي ٻين لهجن جي باري ۾ پڻ ڌار ڌار لسانياتي جاگرافيءَ جي اصولن تحت ڪو باقاعده پروجيڪٽ تيار ڪري نقشن ۽ چارٽن سميت ڪوبہ وڏو ڪم ڪونہ ڪيو ويو آهي. جنهن جي اڄ جي دور ۾ تمام گهڻي اهميت ۽ ضرورت آهي. نامور ماهر لسانيات ڊاڪٽر ڄامڻ خوب چنداڻي لکي ٿو:

Sindhi linguistics is still in its infancy as far as dialect study is concerned ..... No serious study has been made of any dialect of Sindhi,except Kachhi. Theoritical problems of dialectology have not yet attracted the attention of Sindhi scholars (24)

اُترادي لهجو، سنڌي ٻوليءَ جو اهم لهجو آهي جيڪو اُپر سنڌ جي هڪ وسيع علائقي ۾ ڳالهايو ٻيو وڃي، جنهن جا اثرات سنڌ کان ٻاهر پنجاب جي ماڇڪي علائقي ۽ بلوچستان جي سبي ۽ ڪيتراڻ جي علائقن تائين ڦهليل آهن. هيءُ لهجو سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي جي تمام قريب آهي ۽ ايڏي هڪجهڙائي رکي ٿو، جو گريئرسن هن لهجي کي معياري لهجي جو ئي هڪ روپ سمجهي ٿو.

اُترادي لهجي کي سنڌ مان لڏي ويل سنڌي ڳالهائيندڙ هندو پارت ۾ بہ پنهنجي لهجي جي ميٺاج کي برقرار رکيو ويٺا آهن. جتي جتي بہ هو وسيل آهن، اُتي اُتي هو پنهجي لهجي، شڪارپوري، لاڙڪاڻائي، جيڪب آبادي وغيره جي حوالي سان سڃاتا وڃن ٿا. بمبئي جي هڪ شڪارپوري دڪاندار پنهنجي دڪان جي ٻاهران لکرائي ڇڏيو آهي:

"پڳلان پينان مانکان ٺهرائيندا"(٢٥)

هن سٽ ۾ شڪارپور جي منڙي ٻوليءَ جو سواد اڃا رهيو آهي هم قافيہ لفظن پڳلان، پينان، مانکان جو ترنم ڪن ۾ مٺو مٺو رس اوتي رهيو آهي.

ادبي لحاظ کان بہ اُترادي لهجو تمام گھڻو اهم آهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا سرموڙ شاعر، قاضي قادن، حضرت سچل سرمست، خوش خيرمحمد فقير، قادر بخش بيدل، فقير محمد محسن بيڪس، روحل فقير ۽ ٻين جي ڪلام ۾ اُترادي لهجي جون خصوصيتون نمايان نظر اينديون. اترادي لهجي جو قديم ترين نمونو قاضي قادن جي ڪلام کي سمجهي سگهجي ٿو. قاضي قادن (ڄنم ۱۴۶۳ع ۽ وفات ۱۵۵۱ع) جي ڪلام جي ٻولي اُترادي آهي ۽ سرائڪي /ملتاني ۽ پنجابيءَ کان متاثر آهي. سرائڪي اثر ٻوليءَ جي وياڪرڻ واري روپ يا جوڙجڪ تي ڇانيل آهي. ٻوليءَ جي شبداولي (Vocabulary) ان کان گھڻو متاثر نہ ٿي آهي. قاضي قادن بکر جو رهندڙ هو، جو اتر سنڌ ۾ آهي. اُهو علائقو جاگرافيائي طرح ملتان کي ڪافي ويجهو آهي. سنڌ ۽ ملتان جا صدين کان پاڻ ۾ سياسي، روحاني ۽ سيپتڪ لاڳاپا رهيا آهن، ۽ ملتان صوفين جو ڳڙهہ بہ رهيو آهي. ان ڪري قاضي قادن جي سنڌي ٻوليءَ تي اهو اثر سياويڪ آهي. وچ سنڌ ۽ هيٺين سنڌ ۾ اسمن جا عدد جمع ٺاهڻ وقت "ئو" پڇاڙي لڳائي ويندي آهي، پر مٿين سنڌ ۾ عدد جمع ٺاهڻ لاءِ لفظ جي پٺيان "آن" وجهن، جيئن دانهن جو دانهان، ڇپ جو ڇپان. قاضي قادن جي ٻولي مٿين سنڌ جي آهي، جو تہ سندس ضمير پڻ ڏيکارين ٿا تہ سندس ٻولي اُترادي آهي، جيئن تہ:-

عيد ڪريندو ڪير، ماڪي (مونکي) سڄڻ گڏيو. سندس ٻيئن ۾ صفتون ۽ گرامر جا ٻيا روپ پڻ اهو ظاهر ڪن ٿا، تہ سندس ٻولي مٿين سنڌ (سري، يعني اُترادي) جي سنڌي آهي(۲۶)

ڪلاسيڪي شاعرن کان علاوه موجوده دور جا شاعر، شيخ اياز، تنوير عباسي، فتاح ملڪ، نواز علي شوق، نياز همايوني، اياز گل، ادل سومرو، مهرخادم، سرڪش سنڌي، مقصود گل، سوز بلوچ، اختر درگاهي ۽ ٻيا سون جي تعداد ۾ شاعر شاعري ڪري رهيا آهن. هن سموري ادبي ذخيره ۾ اُترادي لهجي جي اهڙي سگهند ۽ سرهاڻ موجود آهي، جيڪا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي من ۾ هڪ پرمسرت ڪيفيت پيدا ڪري ٿي.

حوالا

١ -علي نواز جتوئي. علم لسان ۽ سنڌي زبان ١٩٦٨ع. ص١٧٨

٢ -علي نواز جتوئي. علم لسان ۽ سنڌي زبان ١٩٦٨ع.ص ١٥٤ -١٥٥

3 - Bloomfield, L. Language. P- 302

٤ -ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. شڪارپور جي ٻولي١٩٩٣ع.ص ١٧

٥ - پوپٽي هيرا نندائي. ڀاشا شاستر ١٩٦٤ع.ص ٤١ -٤٥

٦ -ڊاڪٽر غلام علي الانا. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي ١٩٧٩ع.
ص. ١٩٨

٧ -ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ١٩٥٦ع، ص ٩٦

٨ -شيخ محمد فاضل. ماٺيلي ۽ اٻاوڙي جي ٻولي ١٩٩٢ع، ص ١٤ -١٥

٩ - شيخ محمد فاضل- ساڳيو ڪتاب ص ١١

١٠ - شيخ محمد فاضل ساڳيو ڪتاب،ص ١٢

١١ - شيخ محمد فاضل ساڳيو ڪتاب ص ١٣

12 - Earnst Trumpp. Grammar of Sindhi language1872 P-ii

13 - G.A Grierson. Linguistic Survey of India1919.Vol.VIII Part I. P.139.

14 - Ibid. P- 140

15 - Ibid. P- 140

16 - Ibid. P- 140

17 - Ibid. P- 131

18 - Ibid. vol. I, P- 9

۱۹ -حڪيم فتح محمد سيوهاڻي. آفتاب ادب ۱۹۵٦ع، ص ۱۱۵

۲۰ -شيخ محمد فاضل. ماٺيلي اباوڙي جي ٻولي. ۱۹۹۲ع، ص ۱۵

۲۱ -ڊاڪٽر داد محمد بروهي. سبيءَ جي ٻولي ۱۹۹۲ع، ص ۱

۲۲ -پوپٽي هيرا نندائي. ڀاشا شاستر. ۱۹۴۱ع، ص ۲۲۹

۲۳ -ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۱۹۵۴ع، ص. ۹۹

24- Lachhman, Khubchandani.Current trends in Linguistics- Sindhi. P.209

۲۵ -عمر قاضي. ديسين وٽ، پرديس ۾. ۱۹۸۴ع، ص ۹۴

۲٦ -هيرو ٺڪر. قاضي قادن جو ڪلام ۱۹۷۸ع، ص ۸۲

باب ٻيو

اُترادي لهجي جي صوتياتي ڇنڊ ڇاڻ

صوتيات، ڳالهائڻ جي آوازن جو علم آهي. آوازن جي خصوصيتن جي جانچ پرک ڪرڻ ۽ آوازن جي گروه بندي ڪرڻ صوتيات جي مکيه مقصدن ۾ شامل آهي. هر ٻوليءَ کي پنهنجو پنهنجو صوتياتي سرشتو آهي. ٻولين جي لهجن ۽ محاورن جو صوتياتي سرشتو ۽ معياري ٻوليءَ جو صوتياتي سرشتو ساڳيو هوندو آهي، سواءِ ڪن جزوي فرقن جي. هن باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي سرشتي ۽ اترادي لهجي جي صوتياتي سرشتي سان ڀيٽ ڪندي اُترادي لهجي جي صوتياتي خصوصيتن کي نروار ڪيو ويندو.

سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۽ اُترادي لهجي جي صوتياتي سرشتي ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي، سواءِ هيٺ ڄاڻايل عيوضي آوازن Allophones جي: ڙ، ڏ، ڍ ۽ ڙ.

هنن آوازن کي علي نواز جتوئي صاحب "بندشي لرزيدار" آواز ڪري لکيو آهي. عيوضي آواز يعني Allophones، ڪنهن به هڪ صوتئي جا هڪ کان وڌيڪ آواز هجن، ته سڀ ان صوتئي جا عيوضي

آواز ڪري سمجهيا ويندا. پهريائين اچو ته ڏسون ته "صوتيو، ڇا آهي. جيتوڻيڪ ٻڌڻ جي لحاظ کان ٻولين جي آوازن جو تعداد محدود آهي، پر باريڪين جي لحاظ کان هر آواز جا ڪيئي قسم آهن. مثلاً ڪِنو ۽ ڪُنو ۾ ڪ جو آواز هوبهو ساڳيو ناهي. ڪِنو ۾ (ڪ) آواز نرم تارونءَ جي اڳياڙيءَ کان ظاهر ٿئي ٿو. ۽ ڪُنو ۾ (ڪ) آواز نرم تارون جي پڇاڙيءَ کان ظاهر ٿئي ٿو. وري مرد ماڻهو جو (ڪ) آواز اهڙو ناهي جهڙو زال ماڻهو يا ٻار جو (ڪ) آواز. جيڪڏهن اهڙن باريڪ تفاوتن کي ڌيان ۾ رکبو ته پوءِ ڏسبو ته هر ٻوليءَ جي آوازن جو تعداد سوَ کان مٿي چڙهندو ويندو. ٻوليءَ جي عملي ڪارروائي ۾ آوازن جي اهڙن تفاوتن کي ڪابہ اهميت ڪانہ آهي، ڇوته مردن، زالن ۽ ٻارن جي اچاريل "ڪِنو" ۾ ڪوبہ معنوي فرق ڪونہ آهي. مگر اُهي آواز جيڪي معنوي تبديلي پيدا ڪَن ٿا، تن کي "صوتيہ" Phoneme سڏجي ٿو. مٿين ٻن لفظن / ڪِنو/ ۽ ڪُنو/ ۾ معنوي فرق آهي. /ڪُنو/ ۾ اڳئين ڇوٽي سوڙهي سُر بجاءِ پويون ڇوٽو سوڙهو سُر آهي ۽ باقي آواز ساڳيا آهن. انهيءَ هڪڙي آواز جي تبديليءَ سببان لفظ جي معني ۾ ڦير اچي وڃي ٿو. تنهنڪري سنڌي زبان ۾/اِ/ ۽/ اُ/ بہ صوتيا آهن. انهن ٻن صوتين جي آوازن بجاءِ (اَ) آواز استعمال ڪبو ته لفظ /ڪَنو/ ٿي پوندو جنهن جي معنيٰ بہ ڦريل آهي.تنهنڪري سنڌي زبان ۾ /اَ/ بہ صوتيو آهي. انهيءَ مان اصول اهو نڪتو ته جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ جي ڪنهن لفظ مان هڪ آواز ڪڍي، ان جي جاءِ تي ٻيو آواز آڻجي ۽ اهو ڦري ٻي معنيٰ وارو لفظ ٿي پوي ته پوءِ اهو آواز ان ٻوليءَ ۾ "صوتيو" سڏبو(٢)

سنڌي زبان ۾ /گ/ ۽/گ/ بہ صوتيا آهن، جيئن هيٺين لفظن مان ظاهر آهي،

/ سنگ / ۽ / سنگ /

مگر ڪڏهن ڪڏهن هڪ صوتئي جا بہ آواز / گ / ۽ گ / بہ آهن. مثلاً

/ منگتو / ۽ /منگتو/

هت (گ) آواز عيوضي آواز Allophone آهي. هڪ ٻيومثال؛

/ ڳوري / ۽ /ڱوري /

هت (ڱ) آواز ٻه عيوضي آواز Allophone طور ڪم اچي ٿو، يعنيٰ ته هڪ صوتئي جا ٻه آواز هڪ (ڳ) ۽ ٻيو (ڱ) آهي. جن کي عيوضي آواز چئجي ٿو.

اُترادي لهجي ۾ هيٺ ڏنل لفظ جي (ٽ، ٿ، ڊ ۽ ڍ) آوازن سان گڏ (ر) آواز به شامل هوندوآهي:-

پٽ، سٽ، مانٽ، ڪٽي، ڏاٿو، ڪنڊ، منڊ، ڍاهڻ، ڊڪائڻ، ڊوهه، سٿو، اوٿو، ڍڳ، واڍ.

مٿين لفظن ۾ ٽ، ٿ، ڊ ۽ ڍ سنڌيءَ جي معياري لهجي ۽ لاڙي لهجي ۾ بنا ڪنهن (ر) آواز جي اچاريو وڃي ٿو. اترادي لهجي جا آواز

(ٽر)، (ٿر)، (ڊر) ۽ (ڍر)

عيوضي آواز آهن. انهن جي جاءِ تي

(ٽ) (ٿ)، (ڊ)۽ (ڍ)

آواز ڪم آڻجن ته معنيٰ ۾ ڪوبه فرق ڪونه ايندو. اهوئي سبب آهي ته سنڌي الف بي ۾ (ٽر)، (ٿر)، (ڊر)، ۽ (ڍر) آوازن جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ ڪوبه اکر مقرر ڪونه ڪيو ويو آهي اُترادي ماڻهو لکيل اکر "ٽ" کي "ٽر، ۽ "ڊ" کي "ڊر" ڪري اچاريندا آهن ۽ وچولي لاڙي لهجي وارا "ٽ" ۽ "ڊ" ڪري اُچاريندا آهن. در اصل چنڊ، پاٽ ۽ پٽ لفظن کي سنسڪرت ۾ چندر، چندر، پاتر ۽ پتر وغيره چيو ويندو آهي. اهي لفظ جيڪڏهن سنسڪرت مان سنڌيءَ ۾ آيا آهن ته انهن جي اُچار ۾ (ر) هئڻ وڌيڪ درست آهي، پر جيڪڏهن سنڌيءَ مان سنسڪرت ويا آهن ته به ائين چئي سگهجي ٿو ته اصل ۾ ٿي انهن لفظن ۾ (ر) آواز شامل هيو. يا ايئن ائين ڪٿي چئجي ته اهي لفظ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ٻنهي ۾ هڪجهڙا آهن. ڇو ته ٻئي همسر ۽ ڀينر ٻوليون آهن

تہ بہ (ر)جو آواز ٻنهي ٻولين ۾ هئڻ گهرجي. اهڙي تصديق ڊاڪٽر بلوچ صاحب "ڪڇي محاوري" جي مطالعي دوران ڪئي آهي. ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو:

"جندرُ" جو اُچار اصلي سنسڪرت اُچار جي نزديڪ تر آهي ۽ انهيءَ ڪري پڪي سنڌي جي اُچار (جنڊ) کان وڌيڪ صحيح آهي، تعجب جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڪڇي محاوري ۾ "ڊ"بجاءِ "در"۽ "ٽ" جي بجاءِ "تر" اصلي ۽ صحيح اُچار لفظن ۾ موجود آهن. سنڌيءَ جي وچولي واري پڪي محاوري ۾ "در" "تر" جي صورتن ۾ ڪن لفظن ۾ موجود آهن. (جيئن تہ جنڊر، چنڊر، پاتر، پٽر) مگر حيدرآباد خواهہ نصرپور جي مڪاني ۽ آس پاس واري "چالو عامہ" ۾ اهي اُچار سُسي سڪي وڃي"ڊ" ۽ "ٽ" ٿي بيٺا آهن. (چنڊ ۽ پٽ) حيدرآباد جي پڙهيلن وري پنهنجي انڻ ڄاڻائي سبب اِهي سُڪا ۽ مڪاني اُچار سنڌي صورتخطي ۾ رائج ڪري ڇڏيا. ڪڇي محاوري ۾ عام طور "چنڊ" (چندر)، "جنڊ" کي (جندر)، پاٽ کي (پاتر)، پٽ کي (پتر)، هيڊ کي (هيدر) ڇيٽ کي (ڇيتر)، بڊو کي (بدرو) کيٽ کي (کيتر)، ڏانٽو کي (ڏانترو)، جوٽڻ کي (جوترڻ)، مِٽ کي (متر)، ننڊ کي (نندر)، وغيره ڪري اُچاريندا آهن ۽ اهي اُچار از روءِ لغت وڌيڪ صحيح آهن (۳)

اُترادي لهجي ۾ پڻ (ٽر)، (ڊر)، (ٺر) ۽ (ڍر) آواز موجود آهن، پر عيوضي آواز طور اچن ٿا. منجهن معنوي تبديلي آڻڻ جي سگهہ ڪانہ آهي، مڪمل صوتين جي حيثيت ڪونہ ٿا رکن، تنهنڪري ٿي ڪين الف بي ۾ شامل ڪري نہ ٿو سگهجي. صوتياتي اعتبار کان (ٽر)، (ڊر)، (ڍر) ۽ (ٺر) بندشي لرزيدار آواز اترادي لهجي ۾ هڪ مکيہ خصوصيت طور موجود آهن.

اُترادي لهجي ۽ معياري لهجي جي سُرن ۾، وسرگائيءَ ۾ ۽

ڪهڙائيپ يا غنائيپ ۾ ڪٿي ڪٿي فرق موجود آهي. مثال طور:

معياري لهجو- منهنجو تنهنجو ڪنهنجو

اُترادي لهجو- مانجو تون جو ڪينجو

هت /ه/ آواز کي حذف ڪيو ويو آهي.

معياري لهجو- مون کي

اُترادي لهجو- ماکي

هت/ اون/ سر مان غنائيپ حذف ڪري ۽ / آ/ سر ۾ بدلايو ويو آهي.

معياري لهجو - ڪتان وٺي آيو آهين.

اُترادي لهجو - ڪاٿئون وٺي آيو آن.

هِت "ڪتان". لفظ کي "ڪاٿئون" ۽ "آهين" لفظ کي /آن/ ۾ بدلايو ويوآهي.

معياري لهجو - پاڻي ٿڌو هئو

اُترادي لهجو - پاڻي ٿڌو هيو. يا پاڻي ٿڌو هو. هِت "هئو" لفظ هيو" يا "هو" ۾ بدلايو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خاصيت هيءَ به آهي تہ ان جي اسمن جي آخر ۾ ڪونہ ڪو سُر ٿئي ٿو. اُها خاصيت اترادي لهجي ۾ بہ آهي، پر ڪن عالمن جي راءِ ۾ هيءَ خاصيت اُترادي لهجي ۾ ۽ خاص طور ماٿيلي اٻاوُڙي واري ننڍي محاوري ۾ ناپيد آهي. هن خاصيت جي باري ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ماهر لسانيات ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکيو آهي:

سنڌيءَ ۾ اسم گهڻو ڪري ڪنهن نہ ڪنهن سُر ۾ پورا ٿين ٿا. انهيءَ ڪري اسمن جي جنس سڃاڻڻ ۾ ڪي قدر هٿي ملي ٿي "آ"۾

پورا ٿيندڙ سڀ اسم سنڌيءَ ۾ مونث آهن. جيئن تہ ڪٽَ، زالَ، عادتَ. "او" ۾ پورا ٿيندڙ سڀ اسم مذڪر آهن. مثلاً، گھوڙو، دلو، ملو، رپيو. آ، اِ، اي آءِ ۾ پورا ٿيندڙ اسم گھٽو ڪري مونث آهن، جيئن تہ دوا، مالا، پِتِ، راتِ، مائي، ياجي، شئي. اُ، او، آءُ پڇاڙيءَ وارا اسم گھٽي ياگي مذڪر آهن. جيئن تہ مَٽُ، سَٽُ، ماڻهو، ڪدوُ پوءُ، ڏءُ(۴)

سنڌي ٻوليءَ جي هيءَ خاصيت بيحد گھٽي اهم آهي. ان جي اهميت جيِ پيش نظر سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙ تقريباً سمورن ماهرن پنهنجا رايا ڏنا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکيو آهي؛

سنڌ جيِ ماڻهن ڪي اها بہ ڄاڻ آهي، تہ سنڌي زبان جي هر لفظ جي آخر ۾ ڪونہ ڪو سُر ضرور ايندو آهي، يعني تہ سنڌي زبان جي هر مفردُ لفظ جي آخر ۾ ساڪنُ وينجن Consonant نہ ايندو آهي پوءِ چاهيَ اهو وينجن مفرد هجي يا مرڪب (۵)

پوپٽي هيراننداڻيءَ جي خيال ۾؛

سنڌيءَ جو هر ڪو اسم حرف علت جي پڇڙي ڪٽي پورو ٿئي ٿو. يعني اسم جي پڇاڙيءَ ۾ آ، اُ، آ، اِي، اوُ يا او ضرور ايندو، انهيَ ڪرڻ سان ٻوليءَ ۾ هڪ قسم جي لچڪ قائم ٿئي ٿي. (ڪوبہ اسم "اي" ۾ پڇاڙيَ نہ ڪندو، جي ڪندو تہ سندس حالت فاعليَ نہ هوندي) (٦)

گريئرسن لکيو آهي؛ سنڌي ٻوليءَ ۾ هر لفظ لازماً سُر تي ختم ٿئي ٿو. ۽ جڏهن هي سُر ڇوٽو سُر هوندو آهي تہ تمام هلڪو هوندو آهي، جيڪو ڏاڍي مشڪل سان ٻڌي سگھبو آهي. اهڙي مختصر سر کي لکڻ لاءِ مون ليڪ ہتان ننڍڙو اکر لکي واضح ڪيو آهي. حالانڪ هي سُرَ ڏکيائيءَ سان ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، پر پوءِ بہ وڏي اهميت رکن ٿا، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن لفظ جي معنيٰ کي متاثر ڪري سگھڻ جي قوت رکن ٿا. مثال طور "ڇوڪرُ" معنيٰ boy ۽ "ڇوڪرِ، معنيٰ girl انهن ٻنهي

لفظن ۾ جيڪو تمام هلڪڙو تفاوت آهي سو يورپي ماڻهو مشڪل سان جهٽي سگهي، جڏهن ته اهو تفاوت سنڌي ماڻهو جهٽ صحيح ڪري وٺندا آهن. (٧)

هن خاصيت جي باري ۾ ٽرمپ هن ريت اظهار ڪيو آهي: سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خاصيت آهي، سا هيءَ ته سنڌيءَ جو هر اسم، اسم خاص، صفت، ضمير ۽ مصدر وغيره جي آخر ۾ هڪ سُر هوندو آهي. هن خاصيت جي ڪري سنڌي ٻوليءَ کي ٻين ڀينر ٻولين تي فوقيت حاصل آهي. انهيءَ خاصيت جي ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ لچڪ پيدا ٿي آهي ۽ آوازن جي چٽائي کي محفوظ رکيو آهي. هن خاصيت کان ٻيون مقامي ٻوليون وانجهيل ۽ محروم آهن (٨).

سنڌي ٻوليءَ جي مذڪوره خاصيت سنڌيءَ جي پاڙيسري ٻولين سرائڪي، پنجابي ۽ بلوچيءَ ۾ به نه آهي. خاص طور سرائڪي ٻولي جيڪا سنڌيءَ کي ويجهي ۾ ويجهي ٻولي آهي ان ۾ به هيءَ خاصيت نه آهي. ان باري ۾ ملتاني / سرائڪي ٻوليءَ جو ماهر ڊاڪٽر مهر عبدالحق لکي ٿو: سنڌي جي هڪ خصوصيت هيءَ آهي (جيڪا هندستان جي هڪ ٻن ٻولين ۾ پڻ آهي) ته ان جو هر لفظ حرف علت (سُر) تي ختم ٿئي ٿو. ملتانيءَ ۾ هيءَ خاصيت نه آهي(٩).

هن راءِ جي پٺڀرائي سرائڪي ٻولي جي ماهر ڪرسٽوفر شڪل به سرائڪيءَ جي گرامر ۾ ڪئي آهي. سرائڪيءَ ۾ سنڌي دخيل لفظن جو ذڪر ڪندي شڪل لکي ٿو:

سنڌي ۽ سرائڪيءَ جا صوتياتي سرشتا پاڻ ۾ تمام گهٽي هڪجهڙائي رکن ٿا، تنهنڪري سنڌي دخيل لفظن کي تمام ٿوري ڦير گهير سان سرائڪيءَ ۾ قبول ڪيو ويو آهي. سنڌي اسم ۽ صفت جي آخر ۾ ايندڙ ڇوٽا وچيان سُرَ سرائڪي ڳالهائيندڙ حذف ڪندا آهن، سواءِ سنڌيءَ جي گهري اثر هيٺ آيل سرائڪي ڳالهائيندڙن جي. (١٠)

يعني تہ سنڌي اثر هيٺ آيل سرائڪي ڳالهائڻ وارا بہ پنهنجن لفظن جي آخر ۾ آيل سُرن جو اچار ڪن ٿا.

پيرو مل مهرچند سنڌي ٻوليءَ جي هن خاصيت لاءِ هڪ عجيب ۽ غريب راءِ جو اظهار ڪيو آهي:

سنڌيءَ ۾ سيڪنهن لفظ جي پڇاڙي ۾ ڪانہ ڪا اعراب آهي، جنهن جو اُچار سرحد ڏي چٽي ريت ڪن ٿا ۽ شڪارپوري اهو سُر سان اُچارين ٿا. وچولي طرف ان جو اُچار اڻ لکيءَ طرح ڪندا آهن، جو ڏاريو ماڻهو سندن ڳالهائڻ مان جيڪر سمجهي ڪين سگهي تہ هرهڪ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا اعراب آهي. لاڙ جا ماڻهو خاص ڪري هندو اهو اُچار اڪثر ڪونہ ڪن .... هن وقت سنڌيءَ ۾ سيڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪانہ ڪا اعراب آهي ٿي آهي. انهيءَ پڇاڙيءَ وارين اعرابن هينئر ٿي لڏڻ جو سانباهو ڪيو آهي. لاڙ ۾ انهن جو اچار اڪثر ڪونہ ڪن، آهي گهڻو وقت ڪين جٽينديون جو اکرن جي پدن تي زور ڏيڻ جي ترتيب Accent System ڦرندي پئي وڃي. (١١)

پيرومل جي راءِ ۾ هن خاصيت لڏڻ جو سانباهو ڪيو آهي ۽ گهڻو وقت ڪين جُٽينديون .... اجا تائين تہ صحيح ثابت ڪونہ ٿيو آهي. آڏواڻي صاحب جي راءِ ڪي اڌ صدي کان مٿي عرصو تہ گذري چڪو آهي، سنڌي ٻوليءَ جي اسمن جي آخر ۾ ڪونہ ڪو سُر اجاتائين تہ موجود آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري Sindhi Language Authority پاران بہ ڪتاب شايع ٿيا آهن. هڪ ڊاڪٽر داد محمد بروهي جو سبيءَ جي ٻولي ، ٻيو پروفيسر شيخ محمد فاضل جو –ماتيلي اٻاوڙي جي ٻولي. داد محمد بروهي سبي علائقي ۾ رائج سنڌيءَ جي لهجن فراڪي ۽ جڳدالي جو اڀياس ڪيو آهي. سندس خيال ۾: هن خطي جي ٻنهي محاورن ۾ آ، اِ، اُ، واريون تي پڇاڙيون هميشہ سيني لفظن مان حذف ڪري لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا (١٢).

يعني تہ سنڌي ٻوليءَ جي انهن لفظن، جن جي آخر ۾ آ، اِ، اُ،
وارا سُر آهن، سي سڀيءَ جي ٻوليءَ ۾ انهن سُرن بنا اچاريا ويندا آهن.

پروفيسر شيخ محمد فاضل جي راءِ ۾ ماٿيلي اٻاؤڙي جي لهجي
۾ هيءَ خاصيت ناپيد آهي، در اصل شيخ محمد فاضل صاحب پنهنجي
ڪتاب ۾ پورو باب هن سلسلي ۾ تحرير ڪيو آهي، جنهن جو عنوان
آهي "سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي آخري حرف تي حرڪت وارو اصول"
شيخ محمد فاضل لکي ٿو:

ماٿيلي- اٻاؤڙي جي ٻوليءَ ۾ لفظ جو پويون اکر هميشہ
ساڪن هوندو آهي، اهڙا چند اکر آهن، جن تي انتهائي اڻ لکي اعراب
جو گمان ٿئي ٿو، نہ تہ عام طور تي سڀ لفظ ساڪن الاخر آهن.
اترادي محاوري وارا کَٽَ کي کٽ، ڇِتِ، کي ڇت، لَٽِ کي لٽ، پُٽَ کي
پُٽ ۽ پيرُ کي پير ڪري اُچاريندا آهن مذڪوره اسمن جي واحد توڙي
جمع لاءِ ساڪن الاخر وارو لفظ استعمال ڪندا آهن. (١٣)

هن پيرا ۾ مانواري محقق شيخ محمد فاضل جيڪي فرمايو آهي
ان جي شروع ۾ ئي هڪ تضاد موجود آهي. پهرئين جملي ۾ فرمايو اٿن
تہ ماٿيلي- اٻاؤڙي جي ٻوليءَ ۾ لفظ جو پويون اکر هميشہ ساڪن
هوندو آهي. اڳتي هلي چون ٿا تہ اهڙا چند اکر آهن، جن تي انتهائي اڻ
لکي اعراب جو گمان ٿئي ٿو. گريئرسن هن سُر (اعراب) لاءِ hardly
audible لکيو آهي ۽ چوي ٿو تہ ڇوڪرُ ۽ ڇوڪرِ لفظن ۾ آيل آخري
سُرَ ايترا هلڪا ۽ ڍيما هوندا آهن، جو يورپي ماڻهو ان کي مشڪل
سان جهٽي سگهي ٿو. ڀيرومل بہ اهڙي سُر کي "اڻ لکو" سڏيو آهي.
شيخ صاحب پاڻ بہ چوي ٿو تہ ڪي ٿورا اکر اهڙا آهن، جن ۾ هيءُ سُر
هجڻ جو گمان ٿئي ٿو. تہ پوءِ ائين نہ چئي سگهبو تہ ماٿيلي -اٻاؤڙي
جي ٻوليءَ جي اسمن جو پويون اکر هميشہ ساڪن هوندو آهي.
"هميشہ" جو لفظ ڪم آڻي نٿو سگهجي. ٿورن لفظن ۾ ئي سهي، هيءُ

سُر موجود تہ آهي. شيخ صاحب وڌيڪ لکيو آهي تہ: اُترادي محاوري وارا ڪَٽَ ڪي ڪٽ ۾ .... "اُترادي محاوري" مان مراد اگر سنڌ جو اهو علائقو جنهن ۾ سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ رائج محاورو آهي تہ پوءِ شيخ صاحب جي راءِ درست ڪونهي. اتر سنڌ جي انهن سمورن ضلعن ۾ رائج ٻوليءَ جي اسمن جي آخر ۾ ڪونہ ڪو سُر آهي. شڪارپور جو مثال ئي وٺجي، تہ اتي لانڍي سان اهڙا لفظ اُچاريا وڃن ٿا. شيخ صاحب جي چوڻ موجب مذڪر اسمن جي واحد تورڙيٰ جمع لاءِ ساڪن الاخر وارو هڪڙو ئي لفظ استعمال ڪندا آهن. هن بيان کي درست تسليم نہ ٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ تہ سنڌيءَ ۾ مذڪر اسمن جو واحد ۽ جمع ٺاهڻ جو قاعدو هن ريت آهي.

واحد	جمع	
گهوڙو	گهوڙا	/ او / سُر جي جاءِ تي / آ / سُر ڪم آيو
ڪتو	ڪتا	/ او / سرُ جي جاءِ تي / آ / سُر ڪم آيو.
ڇوڪرو	ڇوڪرا	/ او / سُر جي جاءِ تي / آ / سُر ڪم آيو.
پُٽُ	پُٽَ	/ اُ / سُر جي جاءِ تي / آ / سُر ڪم آيو.
ڪپڙُ	ڪپڙَ	/ اُ / سُر جي جاءِ تي / آ / سُر ڪم آيو.
لَٺِ	لَٺيُون	/ اِ / سُر جي جاءِ تي / يون/ سُر ڪم آيو.
راتِ	راتيون	/ اِ / سُر جي جاءِ تي / يون/ سُر ڪم آيو.

مذڪر اسمن جو جمع گهوڙا، ڪتا، ڇوڪرا، لٺيون، راتيون جهڙا لفظ اُترادي محاوري ۾ ساڪن ڪهڙي طرح ٿي سگهن ٿا. جمع جي قاعدي ۾ / او / سُر / آ / سُر ۾ تبديل ٿئي ٿو تہ / اُ / سُر بہ يعني

يقيني طور / آ / سُر ۾ تبديل ٿيندو. سنڌيءَ ۾ اسم جي آخري سُر جي اهميت ان ڪري وڌيڪ آهي، جو هيءُ سُر اسم جي جنس جي نشاندهي ڪري ٿو، يعني تہ هيءَ خصوصيت Gender Marker آهي.

در اصل صورتحال ڪجھہ هنريت آهي تہ ماتيلي، اباوڙي جي علائقي ۾ ڪيتريون ئي قومون پر واري علائقي بهاولپور رياست ۽ ملتان ڪان اچي آباد ٿيون آهن، جيڪي سرائڪي ڳالهائيندا آهن: تنهنڪري ماتيلي اُباوڙي جي بوليءَ تي سرائڪي بوليءَ جو اثر پئجي سگهجي ٿو. جيئن تہ هيءَ خصوصيت سرائڪيءَ ۾ ڪانہ آهي، تنهنڪري اهي ذاتيون ۽ قومون جيڪي سرائڪي ڪان متاثر سنڌي بولي ڳالهائين ٿيون، تن جي اُچار ۾ هي آخري سُر غائب ٿي ويو آهي. باقي عام طور پيا ماٿهو مذڪوره سُر بلڪل اُچارين ٿا. جهڙي طرح سبي علائقي جي فراڪي ۽ جڻدالي محاوري ۾ اسمن جا آخري سُر آ، اِ ۽ اُ ڪونهن، انهن جو سبب ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ سبي علائقي جي بين مقامي بولين جهڙوڪ: براهوي، بلوچي ۽ پشتو بولين جو اثر ڄاڻايو آهي (۱۴). تهڙي طرح ماتيلي اُباوڙي جي بوليءَ تي بہ سرائڪي بوليءَ جو اثر قبول ڪري سگهجي ٿو. پر ان جو مطلب هرگز اهو نہ آهي تہ اُترادي لهجي جي سمورن محاورن ۾ مذڪوره سُر ڪونہ آهي، يا اُتراديءَ جا لفظ خاص طور اسم ساڪن الاخر آهن.

ارنيسٽ ٽرمپ اُترادي بوليءَ لاءِ راءِ ڏني آهي تہ ان جا اُچار ڇِنا آهن. ڇِنن اُچارن مان مراد آهي تہ سُر آواز نمايان آهن، ۽ پوريءَ ريت ڪڍيا وڃن ٿا. ان جي وضاحت اها آهي تہ اُتر ۾ ڇُئبو "ڇپائون" تہ لاڙ ۾ ان جو اُچار آهي "ڇئون"، يا "ڇپئون". اُترادي لهجي ۾ لاڙ جي لهجي جي مقابلي ۾ هي فرق آهي جو سري ۾ "آ" يا "آ" جو سر آواز لاڙ جي لهجي ۾ "اِ" يا "اِي" ٿئي ٿو. مثلاً

لاڙي لهجو	اترادي لهجو
جِن	جَن
تِن	تَن
ڪِن	ڪَن
جِتي	جاتي
تِتي	تاتي
ڪِتي	ڪاتي

هن ڏس ۾ ڀيرومل لکي ٿو؛ جَنهن، تَنهن ۽ ڪَنهن جي پهرين حرف تي زبر آهي ۽ جمع ۾ آهن جَن، تَن ۽ ڪَن تي به زبر اچڻ گهرجي، انهيءَ ڪري اُتر جو اُچار صحيح آهي (١٥).

ساڳي طرح "وَيو" لفظ ۾ واو تي زبر هجڻ پڻ درست آهي، ڇاڪاڻ ته "وڃڻ" مصدر ۾ به واو تي زبر آهي ته ان مان نڪتل امر "وَڃ" جي واو تي به زبر آهي ته "ويو" لفظ جيئن اُترادي لهجي ۾ آهي اُهو لفظ لاڙي ۽ معياري لهجي جي "وِيو" لفظ کان وڌيڪ درست آهي.

ماضي معطوفي جي نشاني "يو" معياري لهجي ۾ ڪم ايندي آهي، پر اُترادي لهجي ۾ "يو" پڇاڙيءَ جي جاءِ تي "يون" پڇاڙي ڪم اچي ٿي، يعني ته "اون" سر جو اضافو ڪيو وڃي ٿو. ڀيرومل ان جا مثال ڏنا آهن، سچل سائين جو هڪ بيت آهي؛

دريءَ منجهاران دوست ڏٺوسين
لالڻ ليئڙو پايون هليو ويو.
ٻي سٽ هيءَ ڏني اٿائين،
هو تنگان ليڙيون پيو هو.

بيدل سائينءَ جي ڪلام ۾ پڻ "يون" پڇاڙي ملي ٿي؛
کيلي عشق آروپ جي بازي، لکيون ڇپيون دل ڪسي يارَ.

حوالا

١ـعلي نواز جتوئي، علم لسان ۽ سنڌي زبان، ١٩٨٣ع ص ٧٠ـ٧١ .

٢ـساڳيو ڪتاب ص ٧٧

٣ـ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ـ مقالو "سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ ان جو ڪيچي محاورو. ڪتاب "مهراڻ جون موجون" ص ٢١ ـ ٢٢.

٤ـ مرليڌر جيٽلي. مقالو "سنڌي ٻوليءَ جون خاصيتون" ڪتاب "سنڌالاجي" ١٩٧٣ع. ص ٢١ ـ ٢٢ .

٥ـ ڊاڪٽر غلام علي ـ الانا مقالو "سنڌي ٻوليءَ جو مزاج" تہ ماهي مهراڻ ٢ / ١٩٧٩ع. ص ١٢٨.

٦ـ پوپٽي هيراننداڻي. ڀاشا شاستر ١٩٦١ع. ص ٢٥١.

7- Grierson. G.A. Linguistic Survey of India 1919 Vol. viii Part I, P- 22.

8- Trumpp. E. Grammar of Sindhi language 1872. P- 31

٩ـ ڊاڪٽر مهر عبدالحق. ملتاني زبان اور اسڪا اردو سي تعلق ١٩٦٧ع ص ٢٨٢.

10-Shackle, C. The Siraiki Language of Central Pakistan 1976. P- 176

١١ـ ڀيرومل مهر چند آڏواڻي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ١٩٥٦ع. ص١٣٠

١٢ـ داد محمد بروهي، سبيءَ جي ٻولي. ١٩٩٢ع ص ـ ٣٥.

١٣ـ شيخ محمد فاضل ـ ماڇيلي ـ اٻاوڙي جي ٻولي ١٩٩٢ع. ص ٤٢.

١٤ـ داد محمد بروهي. سبيءَ جي ٻولي ١٩٩٢ع. ص ـ ٦٣ .

١٥ـ ڀيرومل مهر چند آڏواڻي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ١٩٥٦ع، ص ـ ٩٧.

باب ٽيون

اُترادي لهجي جي صرفياتي ڇنڊ ڇاڻ

لفظ ٻوليءَ ۾ جو ۽ ڪيئن ڀيا ڀيا رُوپ وٺن ٿا، تنهن جو تعلق لسانيات جي هڪ شاخ سان آهي، جنهن کي علم صرف يا صرفيات سڏجي ٿو. ان کي تشڪيلات يا صورتيات به سڏبو آهي، جو ته اهو عام لفظ جي مختلف شڪلين ۽ صورتن سان بحث ڪري ٿو. عربي گرامر ۾ علم صرف جي تعريف هن ريت ڪئي وئي آهي ته علم صرف اهو علم آهي، جنهن ۾ با معنيٰ اڪيلن لفظن جي بناوٽ ۽ انهن ۾ ڦير ڦار ڪرڻ جو طريقو بيان ڪيو وڃي (١).

صرفيات جي وصف ڄاڻائيندي نامور ماهر لسانيات بلو مفليڊ لکيو آهي:

By the morphology of a language, we mean the construction in which bound forms appear among constituents. By definition, the resultant forms are either bound forms or words, but never phrases. Accordingly, we may say that morphology includes the constructions of words and parts of words, while Syntax includes the construction of phrases (2).

روائتي وياڪرڻ ۾ لفظ (word) کي ننڍي ۾ ننڍو ايڪو ليکيو ويو آهي، جا ڳالهه درست نه آهي. لفظن جي بناوت جو اڀياس ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته لفظ ٽن قسمن جا آهن، مفرد (Simple) مرڪب (Compound) ۽ مرتب (Complex) مرتب لفظ جڙ Root ۾ اڳياڙين پڇاڙين وغيره گڏڻ سان جڙن ٿا. مثال طور "اڻبڻت" لفظ ۾ /ٻڻ/ جڙ

آهي، جنهن ۾ ات پچاڙي ڳنڍي ٿي، لفظ جوڙيو آهي جنهن ۾ وري /اڻ/ اڳياڙي ڳنڍي "اڻٿٽٿ" لفظ جوڙيو اٿئون. هاڻي ثابت ٿيو تہ اِنهيءَ لفظ ۾ ٽي ننڍا جزا آهن، /اڻ/، /ٻڌ/ ۽ /ات/ اهو هرهڪ جزو معنيٰ ڀريو آهي، انهن کي صرف سڏجي ٿو. صرف Morph ڪنهن ٻوليءَ جي بناوٽ ۾ ننڍي ۾ ننڍو معنيٰ ڀريو جزو آهي. انهيءَ جزي کي جيڪڏهن وڌيڪ ڀڃبو تہ الهي جزي جي ڪهربل معنيٰ غائب ٿي ويندي (٣).

ڦيري يا گردان جي نقطہ نظر کان سنڌيءَ ۾ ٻن قسمن جا لفظ آهن (١) ڦرندڙ Inflected مثال طور ڇوڪرو، پنج، مان ، سٺو، لکيو، لکندو (٢) اڻ ڦرندڙ Uninflocted مثلاً نہ، ها ،يا، وڌيڪ، اڙي. ڦرندڙ لفظ ٻن ڪلاسن ۾ ورهائجن ٿا. نام Noun ۽ فعل Verb حالت case ۾ ڦرندڙ لفظ کي Noun ۽ ضمير Person ۾ ڦرندڙ لفظن کي فعل Verb سڏجي ٿو. مثلاً ڇوڪرو اچي ٿو. ڇوڪري خط لکيو، ڇوڪرا هيڏانهن اچ، مان اچان ٿو، مون چيو، انهن ۾ ڇوڪرو ۽ مان لفظ جدا جدا حالتن ۾ ڦريا آهن. انهيءَ ڪري نام Noun آهن. پر لکندس، لکندين، لکنديس، لکندينءَ، لکندي، لفظ فعل آهن ڇاڪاڻ تہ اهي ڦيري ۾ ضمير متڪلم، ضمير حاضر ۽ ضمير غائب جو فرق ڏيکارين ٿا (٤).

صرفيات جي مکيہ اصولن طور، لفظن جو ٺهڻ ۽ لفظن جا گرداني ڦيرا ماهرن پنهنجن وياڪرڻ/ گرامر وارن ڪتابن ۾ تفصيل سان سمجهايا آهن. ٽرمپ کان وٺي گريئرسن تائين. ڀيرومل کان جيٺلي تائين عام سنڌي ڳالهہ ٻولهہ ۽ معياري لهجي کي آڌو رکي اڀياس ڪيو آهي. سنڌيءَ جي معياري لهجي ۽ اُترادي لهجي ۾ جيڪي جزوي فرق آهن، انهن جو تفصيلي بيان هت ڪجي ٿو:-

عدد واحد ۽ عدد جمع

اُترادي ٻوليءَ جي هڪ خاصيت جمع جي نشاني آهي. معياري توڙي لاڙي لهجي ۾ واحد مان جمع ٺاهڻ لاءِ واحد جي ٻوڇان /ون/ سُر پڇاڙيءَ طور ڪم ايندو آهي. اُترادي لهجي ۾ /آن/ سُر واري پڇاڙي ڪم ايندي آهي. مثال طور:-

واحد	جمع معياري لهجو	جمع اُترادي لهجو
ٽنگ	ٽنگون	ٽنگان
موٽر	موٽرون	موٽران
نماز	نمازون	نمازان
قميض	قميضون	قميضان
سليٽ	سليٽون	سليٽان
جڳهه	جڳهون	جڳهان
ڪٽ	ڪٽون	ڪٽان
سِرَ	سرون	سران
قبر	قبرون	قبران
ڪوڪ	ڪوڪون	ڪوڪان
صلاح	صلاحون	صلاحان
ڪارڪ	ڪارڪون	ڪارڪان
ميار	ميارون	مياران
چيٽ	چيٽون	چيٽان
لام	لامون	لامان
دانهن	دانهون	دانهان
ريهه	ريهون	ريهان.

اُترادي سنڌي شاعريءَ ۾ پڻ ڪيترائي مثال اهڙا ملن ٿا، جن ۾ جمع جي صيغي لاءِ /آن/ پڇاڙيءَ ۾ ڪم آئي آهي:-

١. زيران زيران آيتان، اکر انت نہ پار
(قاضي قادن)

٢. جيڪس دانهان درد منهنجي جون، پهتيون اُتي پريات.
(بيدل)

٣. موجود موجان تو ڏنيون، ڪين مان چيءَ گهمسان ڪر
(بيدل)

۴. ڏاڍيون رمزان، گهريون ديدان لايون، دلبر مون سان يار
(بيدل)

۵. راڳ جا قائل من جا مائل وٺن سي رمزن واريون راهان
سٽي سرور سڪر ۾ بيخود بي سر پهرن قرب ڪلاهان
پنهنجو پاڻ ويکن اٿون وسهن ناميا جا ڏي ڪرن نگاهان
ناچ نچائن ڳائن ڳائن عرشون لنگهن انهن جون آهان
(بيدل)

اُترادي لهجي ۾ /آن/ پڇاڙي رڳو انهن مونث اسمن جي پٺيان گڏي ويندي آهي. جن جي پوئين اکر تي زبر هوندي آهي. يعني تہ آخر ۾ / اَ/ سُر هوندو آهي، پرجيڪڏهن پوئين اکرتي زير هوندي آهي يعني تہ آخر ۾ / اِ / سُر هوندو آهي تہ پوءِ / يون / پڇاڙي ملائبي آهي. مثال طور؛ مکِ، اکِ، دلِ ۽ باهِ وغيره جو جمع مکيون، اکيون ،دليون باهيون وغيره آهي. اُتراديءَ ۾ انگريزيءَ جي دخيل لفظ "بس" Bus جي جمع کي "بسيون" چئبو آهي، جڏهن تہ لاڙي ۽ معياري لهجي ۾ "بسون" چيو وڃي ٿو.

جنس

اترادي لهجي ۾ ڪن اسمن جون جنسون ڦريل آهن. انهن جا ٻه مثال ڀيرومل آڏواڻي صاحب ڏنا آهن:

۱- مانڪي گهڻي رت نڪتي آهي.
۲- هن ڪي اولاد ڪا نه ٿي.

سري (اتر)۾ رت ۽ اولاد جنس مونث ۽ ٻين هنڌ جنس مذڪر ليکين ٿا. هن جو سبب هيءَ آهي ته سنڌيءَ مان جنس ٻيجان گم ٿي وئي آهي، تنهنڪري اهي ۽ ٻيا انهن ڪيترا لفظ آهن، جن جي جنس کي مذڪر ته ڪو مونث ٻيو لکي (۵)

تصغيريت

اهو نالو جو ڪنهن شيءِ جي ننڍي روپ لاءِ ڪتب اچي، تنهن کي "اسم تصغير" چئبو آهي. اسم تصغير طور ڪم ايندڙ لفظ آهن: ڪتولي، باغيچو، هٽڙي، ديڳڙي، ڪتابڙو.

ڪي ماڻهو اسم تصغير کي سنڌس ئي روپ جهڙي وڏي شيءِ جنس مونث يا جنس مذڪرکري ليکيندا آهن، سو غلط آهي. ائين چوڻ ته هٽڙي، هٽ جي جنس مونث يا سروڻو، سرَ جي جنس مذڪر آهي، سو غلط آهي. اسم تصغير ٺاهڻ واريون ڪي پڇاڙيون هيٺ ڏجن ٿيون:

۱- اِي ۲- اِڙي ۳- اوٽ ۴- اوٽي ۵- آٽ

مثال گهڙيال - گهڙيالي، نوڙ- نوڙي، انب - انبڙي، ڪتاب- ڪتابڙي، جام- جاموٽ، ٻاهه- ٻاهوٽي، چم - چموٽي، ڇوڪر- ڇوڪراٽ. (٦)

اتر ۾ تصغيريت جو استعمال ٻنهي گهڻو ڪيو ويندو آهي. مثلاً، ٻائڙا، ادڙا، منڙا وغيره. سچل سائين ۽ بيدل سائين اسمن توڙي فعلن سان تصغيريت جو صيغو لاڳو ڪري ڪي نهايت دلپذير بناوتون

ٿاهيون آهن. چند مثال هت پيش ڪجن ٿا:-

١. **ڪيڙو** مست پرينءَ جي ناز مون ڪي،

(سچل سرمست)

٢. لالڻ **ليهڙو** پايون، هليو ويو.

(سچل سرمست)

٣. خاڪي **ڪيڙم** ويس، آهي نہ نت نور نيارو.

(بيدل)

٤. ٿانگا جالن نانهن ۾ **ڪيڙا** نينهن نهال.

(بيدل)

٥. بحر عميق ۾ ڪيئي ويڙا، ڪنهن ڪنهن لڌڙو يار جو سير

(بيدل)

٦. آدم حوا مظهر منهنجو، شوقئون **ٿيڙس** شيٺ.

(بيدل)

٧. ذات ڇپاوت، لوڪ پلاوت، لالن **ڪيڙو** لبيس

(بيدل)

٨. پانڻ **وڏڙو** پولي ۾ توڪي، هستيءَ **ڪيڙم** هلاڪ
ڇاتي **ٿيڙين** ظاهر زمين تي عرش ڇڏي افلاڪ

(بيدل)

٩. پاڻون پاڻ سان **لٿوڙي** جا لايءَ خاص اچي منجهہ خاڪ

(بيدل)

ضمير

سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن جو ضمير خالص جي آچار ۾

ڪجهہ قدر اختلاف آهي. اُترادي، معياري ۽ لاڙي لهجن ۾ ضمير خالص هن طرح آهن؛

اُترادي	معياري	لاڙي
مان	مون، آءٌ	آءٌ
اسان	اسين	اسين
تون	تون	تون
تهان	توهين/ توهان	توين
اوهان	اوهين	آئين
اوهي	أهي	اوءِ
هو، هوءَ	هو، هوءَ	أو، اوءِ

ضميراشارو

ضمير اشاري جا ٻہ قسم آهن . هڪ ضمير اشارو ويجهو ٻيو ضمير اشارو ڏور. معياري لهجي ۾ ضمير اشارو ويجهو لاءِ هي (واحد) ۽ اِهي (جمع) لاءِ ڪم ايندا آهن. اُترادي لهجي ۾ ايهو، ايها، ۽ ايهي ڪم ايندا آهن. مثلاً:-

معياري لهجو	اترادي لهجو
١. هيءُ منهنجو دوست آهي.	ايهو منهنجو دوست آ.
٢. هيءَ منهنجي ڀيڻ آهي.	ايها منهنجي ڀيڻ آ.
٣. اِهي منهنجا ڪتاب آهن.	ايهي منهنجا ڪتاب آهن.

ضمير اشارو ڏور لاءِ معياري ۾ هو (واحد) ۽ اُهي (جمع) لاءِ ڪم ايندا آهن، جڏهن تہ اُترادي لهجي ۾ اوهو ۽ اوهي ڪم ايندا آهن.

معياري لهجو	اُترادي لهجو
١. هوگهر رحيم بخش جو آهي.	اوهو گهر رحيم بخش جو آ.
٢. آهي وڻ اسان جي گهر جا آهن.	اوهي وڻ اسان جي گهر جا آهن.

اتر جي شاعرن پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ ايهو، ايها، ۽ اوهي وغيره ڪم آندا آهن. بيدل سائين جي ڪلام مان ٻه مثال هت پيش ڪجن ٿا:

١-ايهو راز ڪريتو روشن علي ولي شهه مردان شير

٢-اوهو شهنشاهه، اولي عبديت جي.

ضميرمشترڪ

"احمد پاڻ کي ماريو." هن جملي ۾ پاڻ لفظ احمد لاءِ ڪم آندل آهي، جنهنڪري "پاڻ" ضمير آهي. هن جملي ۾ فاعل "احمد" آهي ۽ جنهن کي مارياٿين سو ٻه "پاڻ"آهي، تنهنڪري ڇٻو ته جملي جو فاعل آهي، سوئي ساڳيو مفعول آهي. تنهن ڪان سواءِ "پاڻ" فاعل احمد سان گڏجي شريڪ ٿي ڪم آيو، تنهنڪري اهو "ضمير مشترڪ" آهي. پاڻ، خود وغيره ضمير مشترڪ آهن. اُتراديءَ جاضمير مشترڪ سنڌيءَ جي معياري لهجي ڪان ڪجهه مخلتف آهن، پر تعجب جي ڳالهه هيءَ آهي ته لاڙي لهجي سان بيحد گهٽي هڪجهڙائي رکن ٿا. مثال طور:-

اُترادي لهجو	معياري لهجو	لاڙي لهجو
مونجو، مانجو	منهنجو	مون جو
پان جو	پنهنجو	پان جو
تون جو	تنهنجو	توَ جو، تون جو
ڪينجو	ڪنهنجو	ڪهه جو

جينجو — جنهن جو — جهہ جو

ضمير مشترڪ جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو:

ضميرمشترڪ جي مثالن ۾ "مونْ جو"، "تو جو" صورتون قابلِ ٿوجهہ آهن. معياري لهجي ۾ انهن جي بدران "منهنجو"، ۽ "تنهنجو" صورتون ڪم ايندڀون آهن. معياريءَ وارا لفظ تاريخي لسانيات جي روشني ۾ چند ڇاڻ گهرن ٿا. اهي "مهہ جو" ۽ "تهہ جو" جي ميلاپ سان جڙن ٿا. انهن ۾ "جو" لفظ (صورت) حرف اضافت جو مفهوم ادا ڪري ٿو. انهيءَ جي برعڪس "مون جو" ۽ "توجو" صورتن ۾ "مون" ۽ "تون" ڌار ڌار ضمير متڪلم واحد ۽ ضمير حاضر واحد آهن. ۽ انهن جي حالت فاعلي (Nominative case) نہ پر حالت تغيري (Oblique case) آهي مثال طور

حالت فاعلي	حالت تغيري
مان	مون
تون	تو، تون
اسين	اسان

معياري سنڌيءَ ۾ "مان جو" ۽ "تو جو" توڙي "اسين جو" چوڻ ٺيڪ نہ ٿو لڳي پر " منهنجو" "تنهنجو" ۽ "اسان جو" چئبو آهي. جنهن صورت ۾ "اسان" جي پويان "جو" ملايو ويندو آهي، تنهن اصول موجبْ لاڙ وارا "مون" ۽ "تونْ" جي پويان "جو"ملائيندا آهن. ۽ "مون" جو ۽ "توجو" چوندا آهن. اِها ترڪيب گرامر جي لحاظ کان غلط نہ چئبي. (٧)

ضميراستفهام

ڪير، ڇا، ڪهڙو، ڪنهن، ڪِچاڙو، ڪوهہ، ڪهہ، ڪيهو وغيره ضمير استفهام جا لفظ آهن. انهن مان ڪچاڙو، ڪوهہ،

ڪهہ، ڪيهو فقط لاڙي لهجي ۾ ڪتب اچن ٿا، باقي ڪير، ڇا، ڪهڙو ۽ ڪنهن اُترادي ۽ معياري لهجي ۾ ڪم ايندا آهن. اُترادي لهجي ۾ "ڪهڙو" لفظ کي "ڪيڙهو" ڪري اُچاريندا آهن. خاص طور شڪارپوري جي نندي محاوري ۾ "ڪهڙو" جي بدران "ڪيڙهو" اچاريو ويجي ٿو. (٨)

ضمير موصول

اهو لفظ جو اسم جي بدران ڪم اچي ۽ ساڳي وقت ٻن جملن کي ڳنڍي هڪ ڪري تنهن کي ضمير موصول چئبو آهي. موصول جي معني آهي ڳنڍيندڙ. مثال طور:-

١- هيءَ اُها سائيڪل آهي، جا مون سڪران آندي.

٢- هيءُ اهو جوان آهي، جنهن مون کي مدد ڪئي.

٣- اسان پهلوان ڏٺا، جي پلن گهوڙن تي سوار هئا.

هت جا، جنهن ۽ جي ضمير موصول طور ڪم آيا آهن. ضميرموصول جا لفظ هي آهن: جي، جيڪو، جنهن ۽ جن.

اُترادي لهجي ۾ اهي ئي لفظ استعمال ٿيندا آهن، سواءِ "جن" لفظ ۾ "ج" تي زبر يعني /اَ/ سُر اچي ٿو. جڏهن ته معياري ۽ لاڙي لهجن ۾ "جِ" تي زير يعني /اِ/ سُر اُچاريو ويجي ٿو.

ضمير جواب موصول

"جيڪو-سو"، "جنهن-تنهن"، "جن-تن" لفظن جا ٺئي جوڙا هڪ ٻئي سان واسطو رکن ٿا، جي اسمن جي بدران ڪم آندا ويا آهن، انڪري ضمير آهن. هر هڪ ضميري جوڙي ۾ ٻيو ضمير پهرين ضمير جي جواب ۾ ڪم آيل آهي. يا ايئن چئجي ته جتي ضمير موصول هوندو اُتي سندس واسطيدار لفظ ضرور هوندو. اهو ضمير جيڪو ضمير موصول جي جواب يا لاڳاپي ۾ ڪم اچي، تنهن کي ضمير جواب

موصول چئبو آهي.

جهڙي طرح "جن" لفظ ۾ "ج" تي زبر ڏئي اترادي لهجي ۾ اچاريو وڃي ٿو، اهڙي طرح "تن" لفظ ۾ به "ت" زبر يعني /آ/ سُر ڏئي اچاريو وڃي ٿو. جيڪب آباد جي آسپاس، "جن"۽ "تن" جي جاء تي "جنِ" ۽ "تنِ" به اچاريو وڃي ٿو. (٩)

ضمير مبهم

مبهم لفظ جي معنيٰ آهي نامعلوم يا لڪل. اهو ضمير جو ڪنهن نامعلوم اسم جي بدران ڪم اچي، تنهن کي ضميرمبهم چئبو آهي. مثال طور:

١ـ ڪنهن کي خبرڪانهي تہ مينهن ڪڏهن وسندو.

٢ـ ڪي چون ٿا تہ هيل سيءُ گهڻو پوندو.

ضمير مبهم طور ڪم ايندڙ لفظ آهن، ڪي، ڪا، ڪنهن، ڪن، ڪونہ ڪو، ڪانہ ڪا، وغيره. اترادي لهجي ۾ "ڪن" لفظ جي "ڪ" تي زبر ڏيڻ يعني /آ/ سُر ملائي اُچاريو ويندو آهي، جڏهن تہ معياري ۽ لاڙي لهجي ۾ "ڪ" تي زير يعني/اِ/ سُر سان اچاريو ويندو آهي.

ضمير متصل يا ضميري پڇاڙيون

ضميري پڇاڙيون ضمير خالص جي بدران ڪم ايندڙيون آهن ۽ اسم يا حرف جر يا فعل جي پٺيان بہ ڳنڍيون ويندڙيون آهن. مثال طور:

١ـ هيءُ ڪم ياٺس ڪيو.

٢ـ وٽم بہ رپيا آهن.

٣ـ هڪ انب ڏيوس.

پهرين جملي ۾ ”پاڻس“ معنيٰ هن جو پاڻ، ٻي جملي ۾ ”وٺم“ جي معنيٰ آهي مون وٺ. ٽئين جملي ۾ ”ڏيوس“ جي معنيٰ آهي هن کي ڏيو. پهرين جملي ۾ پاڻ (اسم) جي پٺيان ”س“ ضميري پڇاڙي ڳنڍي وئي آهي ته هت ضمير خالص جو ڪم ٿي ڏئي. ٻئي جملي ۾ ”وٺ“حرف جر جي پٺيان ”م“ ضميري پڇاڙي ڳنڍي وئي آهي ته اها ”مون“ ضميرخالص جو ڪم ٿي ڏئي. ٽئين جملي ۾ ”ڏيو“فعل جي پٺيان ”س“ ضميري پڇاڙي ڳنڍي وئي آهي، ته ”هن“ ضميرخالص جو ڪم ڏئي ٿي. هنن مثالن مان ثابت ٿيو ته ڪي پڇاڙيون جڏهن اسم، حرف جر يا فعل جي پٺيان ڳنڍيون وڃن ٿيون، تڏهن اهي ضمير خالص جو ڪم ڏين ٿيون، تنهنڪري انهن تي نالوئي رکيو ويو ضميري پڇاڙيون، يعني ضمير ناميندڙ پڇاڙيون. اهي پڇاڙيون اڪيلي سر ڪم نه ايندڙيون آهن، پر اسم، حرف جر يا فعل جي پٺيان ڳنڍيون ويندڙيون آهن، تنهنڪري انهن کي ضميرمتصل چئبو آهي. (١٠)

ضميري پڇاڙيون سنڌيءَ جي معياري لهجي موجب هن ريت آهن:-

ضمير متڪلم	واحد لاءِ	م
ضمير متڪلم	جمع لاءِ	هون، اون
ضمير حاضر	واحد لاءِ	ءِ، هي، اين
ضمير حاضر	جمع لاءِ	وَ
ضميرغائب	واحد لاءِ	س
ضمير غائب	جمع لاءِ	ن

ضميري پڇاڙيءَ جي باري ۾ ڪجهه حقيقتون، اترادي لهجي جي حوالي سان پيش ڪجن ٿيون:

١- ”م“ پڇاڙي معياري لهجي ۾ ضمير متڪلم لاءِ ڪم ايندي

آهي، اترادي لهجي ۾ پڻ ساڳيا فعل "م" پڇاڙيءَ سان ڪم ايندا آهن.

٢- "س" پڇاڙي معياري لهجي ۾ ضميرغائب واحد لاءِ ڪم اچي ٿي. ان جي جاءِ تي اترادي ۾ "هنس" پڇاڙي ڪم اچي ٿي. مثال طور:-

معياري لهجو	اترادي لهجو
پٽس	پٽهنس
چاٽس	چاٽهنس

٣- اترادي لهجي جي شڪارپوري محاوري ۾ زمان مستقبل جي ايندس، ويندس ۽ ڪندس جي جاءِ تي ايندم، ويندم، ڪندم چوندا آهن، يعني ته "س"پڇاڙيءَ جي جاءِ تي"م" پڇاڙيءَ لڳائيندا آهن. جڏهن ته پڙهندس، وڙهندس، لکندس، ۽ ڪيڏندس جي جاءِ تي پڙهدم، وڙهدم، لکدم، ۽ ڪيڏدم چوندا آهن. يعني ته انهن فعلي صورتن ۾ نون غنو ڪري ڪونه ٿا اچارين. اِها خاص شڪارپوري محاوري جي خصوصيت آهي. باقي سموري اتر ۾ زمان مستقبل جي فعلي صورت ۾ "س" پڇاڙيءَ جي جاءِ تي "م" پڇاڙي لڳائي وڃي ٿي. اترادي جملن جي بيهڪ هنريت آهي؛

(١) مان گهر ويندم

(٢) مان تو ڏي خط لکندم.

(٣) مان دشمن سان وڙهندم

٤- جڏهن فعل جي پٺيان ٻه ضميري پڇاڙيون گڏبيون آهن تڏهن پوئين پڇاڙي مفعول جي معنيٰ ڏيندي آهي.

چيو مانِ = چيو + مان + نِ = مون هن کي چيو.

سنڌيءَ ۾ ٻئين ضميري پڇاڙين جو مڪمل نظام موجود آهي، جو ٻي ڪنهن به هندآريائي ٻوليءَ ۾ ڪونہ آهي. اترادي ۽ معياري لهجي جي ٻئين ضميري پڇاڙين جي استعمال ۾ ڪو خاص فرق ڪونہ آهي، سواءِ هيٺ ڏنل مثال جي:-

معياري لهجو	اترادي لهجو
موڪليندو سانس	موڪليندو مانس
ماريندو سانس	ماريندو مانس
موڪليندو سانءِ	موڪليندومانءِ
ماريندو سانءِ	ماريندو مانءِ

صفت

صفت جا ڇهہ قسم آهن

١ـ صفت وصفي ٢ـ صفت عددي ٣ـ صفت مقداري ٤ـ صفت اشارو ٥ـ صفت ضميري ٦ـ صفت فعلي يا ڪردنتي.

اترادي لهجي ۾ صفت فعلي يا ڪردنتي جو ٿورو بيان ڪجي ٿو:

اهو لفظ جو فعل جي بنياد مان نهيل هجي يعني ڪردنت هجي ۽ اسم سان لڳي صفت جو ڪم ڪري، تنهن کي صفت فعلي يا صفت ڪردنتي چئبو آهي مثال طور:

١ـ ڪلهو ٻار سيب کي وٺندو آهي.
٢ـ ٽڙندڙ گل سهڻو لڳندو آهي.
٣ـ وَيل ويل وري نہ موٽندي.

پهرين جملي ۾ ڪلٺو اسم استقبال آهي، جو پار (اسم) سان لڳي صفت جو ڪم ڪري ٿو. ٻئي جملي ۾ ٽڙندڙ اسم فاعل (ڪردنت) آهي جو گل (اسم) سان لڳي، صفت جو ڪم ڪري ٿو. ٽئين جملي ۾ "ويل" اسم مفعول (ڪردنت) آهي جو "ويل" (اسم) سان لڳي صفت جو ڪم ڪري ٿو.

اترادي لهجي جي صفت فعلي يا صفت ڪردنتي جا ڪجهه روپ معياري لهجي کان ڪجهه ڦريل آهن، تن جا مثال هن ريت ڏجن ٿا:-

١- ڀيندڙيون ترلان ڏاڍيون لذيذ آهن.

٢- ڀڳلان ڀينان مان ڪان نهرائيندا.

٣- گهملان جايون ڀيهر ڇو ڏسجن.

معياري لهجي جي صفت فعلي جي لفظن "تريل"، "ڀڳل" ۽ "گهميل" جي جاءِ تي "ترلان"، "ڀڳلان" ۽ " گهملان" لفظ ڪم اچن ٿا. هيءَ لفظ اترادي لهجي جي خاص سڃاڻپ آهن.

فعل

اهو لفظ جو فاعل بابت ڪجهه ڄاڻائي ۽ جنهن مان هئڻ، ڪرڻ، سهڻ، ٿيڻ يا پوڻ جي معنيٰ نڪري، تنهن کي فعل چئبو آهي. فعل جا اٺ قسم آهن.

١- فعل لازمي ٢- فعل متعدي معروف ۽ فعل متعدي مجهول ٣- فعل متعدي بالواسطه ۴- فعل متعدي بالواسطه ٻٽو ۵- فعل لازمي اٽپورو ٦- فعل معاون ٧- فعل اڪر ترڪ ٨- فعل مرڪب.

اترادي لهجي جي فعلن جا قاعدا قانون تقريباً سمورا معياري لهجي جا ساڳيا آهن، سواءِ ڪن جزوي فرقن جي جيڪي گهڻو ڪري صوتياتي تبديلين جا آهن.

١- آهين

معياري لهجي ۾ "آهين" چون، پر اترادي ۾ "آهن" "اِن" ۽ "هن" ڪم ايندو آهي.

٢- آهيان

معياريءَ جي "آهيان" اترادي ۾ "هان" ۽ "آن" ڪري ڪم ايندا آهن.

٣- هئو، هئا، هئس ۽ هئاسون

معياري لهجي جو "هئو" لفظ اترادي لهجي ۾ "هيو" ۽ هو" ڪم ايندا آهن. اهڙي طرح "هئا" بہ "هوا" "هيا" ۽ "ها" ڪري اچاريا ويندا آهن. معياري لهجي جو "هئس" اتر ۾ "هوس" ۽ "هئس" ۾ بدليل ملن ٿا. "هئاسون جي جاءِ تي"هواسون" ۽ "هاسون" ڪري اچاريا وڃن ٿا.

٤- هيم

معياري لهجي جو "هيم" اترادي لهجي ۾ "هم" ڪري اچاريو ويندو آهي. يعني تہ "هيم" لفظ مان / ي / نيم سُر حذف ڪيو وڃي ٿو.

٥- آهي

معياري لهجي ۾ "آهي" اتر ۾ "آ" ۽ "آهہ" ڪري اچاري ويندي آهي. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب لکيو آهي تہ شڪارپور توڙي لاڙڪاڻي جا ماڻهو "آهي" بہ چون ٿا.

٦- اٿم، اٿئي ۽ اٿس

معياري لهجي جو فعل "اٿم" اترادي ۾ "ٿم" يعني بنا منڍ واري / آ / سُر جي اچاريو وڃي ٿو. اهڙي طرح "اٿئي" جي جاءِ تي "ٿئي" ۽ "اٿس" جي جاءِ تي "ٿس" ڪري ڪم ايندا آهن.

٧- ڪرن ۽ ڪن، ڪريان ۽ ڪيان

زمان حال ۾ جمع جي صورت ۾ فعل جي بنياد جي پويان "ن" ۽ ٿا ملايو ويندو آهي مثلاً

اچ + / ن / + / ٿا / = اچن ٿا

هل + / ن / + / ٿا / = هلن ٿا.

اترادي لهجي ۾ "ڪرڻ" مصدر مان "ڪر" امر تي / ن / ملائي ان سان / ٿا / لڳائي يعني "ڪرن ٿا" بدران چوندا آهن "ڪن ٿا". اهڙي طرح ضمير متڪلم ۾ پڻ "ڪريان ٿو" بدران "ڪيان ٿو" استعمال ڪيو ويندو آهي. "شڪارپور جي بولي" ڪتاب ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ لکيو آهي تہ قديم زماني ۾ شڪارپور جي لهجي ۾ اِها (ر) موجود هئي ۽ چيو ويندو هو "ڪرن ٿا". شڪارپور واري علائقي جي پراڻن شاعرن جي شعر ۾ بہ ڪٿي ڪٿي "ڪرن ٿا" ڪتب آندل ملندو. هينئر بہ ڪي ڪي ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن "ڪرن ٿا" چئي ويهندا آهن، پر عام طرح شڪارپوري لهجي ۾ "ڪن ٿا" چيو ويندو آهي. البت جيڪب آباد واري لهجي ۾ اجا تائين عام طرح "ڪن ٿا" چيو وڃي ٿو.

اسم مشتق

اهي لفظ جي فعل جي بنياد يا ڌاتوءَ مان نهيل هجن ۽ جملي ۾ اسم جي صفت يا ظرف، يا فعل تي ڪم اچن، تن کي "اسم مشتق" يا ڪردنت چئبو آهي. اسم مشتق جا ۵ مکيہ قسم آهن؛

۱ـ اسم استقبال ۲ـ اسم حاليہ ۳ـ اسم مفعول ۴ـ اسم فاعل ۵ـ ماضي معطوفي

اسم استقبال

اهو لفظ جو فعل جي بنياد مان نڪتل هجي ۽ ساڳئي وقت اهو

ڏيڪاري ته ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي، تنهن کي اسم استقبال چئبو آهي. مثال

احمد اڄ اچڻو آهي.

ڌاتو جي پٺيان "آڻو" يا "اِڻو" گڏڻ سان ٺهندو آهي. جيئن سهه + آڻو، سهڻو، وڃ + آڻو = وڃڻو.

اترادي لهجي ۾ "اِڻو" پڇاڙي ڪم ايندي آهي. جڏهن ته لاڙي ۽ معياري لهجن ۾ عام طور "آڻو" پڇاڙي ڪم اچي ٿي. خاص طور لاڙ جي طرف "اچڻو" ۽ "وڃڻو" چيو وڃي ٿو.

اسم حاليه

اهو لفظ جو فعل جي بنياد يا ڌاتوءَ مان نڪتل هجي ۽ ڏيکاري ته هڪ ڪم هلندي يا جاري رهندي پيو ڪم ٿئي ٿو، تنهن کي اسم حاليه چئبو آهي. مثال:

ڪريم بخش باغ مان گهمندو گهر آيو.

ٻار روئيندو گهر پهتو.

يعني تـه فعل جي ڌاتو گهر ۽ روءِ سان "اندو" يا "ايندو" پڇاڙي ملائڻ سان اسم حاليه ٺهندو آهي. شڪارپور جي محاوري ۾ "اندو" يا "ايندو" پڇاڙين بدران صرف "دو" پڇاڙي ملائي وڃي ٿي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ هن سلسلي ۾ هيٺيون خاڪو ڏنو آهي:

ڌاتو	معياري لهجو	اترادي ۽ لاڙڪاڻي وارو محاورو	شڪارپوري محاورو
هل	هلندو	هلندو	هلدو
مار	ماريندو	ماريندو	ماردو

ڪهر	ڪهمندو	ڳهمندو	ڪهمدو
ڦاس	ڦاسندو	ڦاسندو	ڦاسدو
موڪل	موڪليندو	موڪليندو	موڪلدو

ڪهمدو، ڦردو، هلدو، وغيره فقط شڪارپوري ٻي ڳالهائيندا آهن. شڪارپور شهر کان سواءِ شڪارپور ضلعي، سکر ضلعي ۽ جيڪب آباد ضلعي جا ڪي رهاڪو بہ ائين ئي اچار ڪندا آهن. باقي سريلي (اتر) جي ٻين ضلعن لاڙڪاڻي ۽ خيرپور ۾ ائين ڪونہ ڳالهائين، پر معياري محاوري وانگر ڪهمندو، ڦرندو هلندو ڪري ڳالهائين. (١٢)

حالت

گريئرسن سنڌي ٻوليءَ جون حالتون Case ڪل ٥ (پنج) ڄاڻايون آهن:

١-حالت فاعلي Nominative   ٢-حالت تغيري Oblique

٣-حالت اپادان Ablative   ٤-حالت جري Locative

٥-حالت ندا Vocative

حالت اپادان

معياري لهجي ۾ حالت اپادان Ablative ۾ اسم جي پويان /آن/ پڇاڙي ملائي ويندي آهي. الانا صاحب مطابق لاڙ ۾ / آن / جي بدران / آ/ ملائيندا آهن. مثال ڏنو اٿائون:

لاڙي لهجو	معياري لهجو
گران گهرا	گهران
هندا هنڌا	هنڌان

اترادي لهجي ۾ حالت اپادان لاء / ئون / پڇاڙي ڪم آندي ويندي آهي. مثال طور:-

معياري لهجو	اترادي لهجو
گهران	گهرئون
هنڌان	هنڌئون
توکان	توکئون
مونکان	ماکئون
پريان	پريئون
اوريان	اوريئون
اُتان	اُتئون
هتان	هتئون
ڪٿان	ڪٿئون
جتان	جاتئون
مان	مئون
اوڏانهن	اوڏهون
منجهان	منجهون
ڪيڏانهن	ڪاڏهون
هوڏاهن	هوڏهون

اڳيئون	اڳيان
پويئون	پويان
اندرئون	اندران
پوئتئون	پوئتان
مٿئون	مٿان
بدرئون	بدران

اترادي شاعريءَ مان پڻ ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

(۱) منصور وانگي سڪ **منجهون** سر يار سوريءَ تي سڃج

(بيدل)

(۲) **ساهؤن** ويجهو سپرين، پرين ناهه پري

(بيدل)

(۳) **نينهؤن** ڪر نظر، جومڙوئي محبوب آهه.

(بيدل)

ظرف

اهو لفظ جو فعل سان لڳي ۽ جنهن مان ريت، جاءِ وقت يا قدر جي معنيٰ نڪري، تنهن کي ظرف چئبو آهي.

ظرف جا قسم هن ريت آهن:

۱۔ظرف تميز ۲۔ظرف مڪان ۳۔ظرف زمان ۴۔ظرف مقدار ۵۔ظرف اثبات ٦۔ظرف استفهام ۷۔ظرف خاتم ۸۔ظرف تشبيهه ۹۔ظرف قبول ۱۰۔ظرف نفي ۱۱۔ظرف اشتباهه

ظرف تميز

اهو لفظ جو فعل سان لڳي ۽ جنهن مان فعل واري ڪم جي ريت جي معنيٰ نڪري، تنهن کي ظرف تميز چئبو آهي. ظرف تميز جا لفظ آهن، هوريان، ڏاڍيان، آهستي، لڪ چپ ۾، تڪو، مس مس، خبرداريءَ سان، چٽي طرح وغيره.

اترادي لهجي ۾ ۽ خاص طور شڪارپور جي پاسي "آهستي" لفظ مان "هه" جو آواز ڪيرائي ڇڏيندا آهن، ۽ "آستي" ڪري اچاريندا آهن.

ظرف مڪان

اهو لفظ جو فعل سان لڳي ۽ جنهن مان فعل واري ڪم جي جاءِ جي معنيٰ نڪري، تنهن کي ظرف مڪان چئبو آهي. ظرف مڪان جا لفظ آهن؛ اندر، ٻاهر، اوري، پري، اڳيان پويان، چوڌاري، هِتي، هُتي، آسپاس، هيٺ، مٿي، هيڏي، هوڏي، جيڏانهن، تيڏانهن.

اترادي لهجي ۾ ڪن ظرفن ۾ هن طرح تبديلي ٿئي ٿي:

معياري لهجو	اترادي لهجو
جتي	جاتي / جاٿي
ڪٿي	ڪاٿي
تتي	تاتي / تاٿي
جيڏانهن	جاڏي
تيڏانهن	تاڏي
اوڏانهن	اوڏي
هوڏانهن	هوڏي

اتاهون	اتئون
متانهون	متئون
ڪيڏانهون	ڪاڏئون
اڳيان	اڳيون
پويان	پويون

"ڪاٿي" لفظ اترادي شاعريءَ ۾ گھڻو ئي ڪم آندل آهي.
بيدل سائين جي ڪلام مان چند مثال هت ڏجن ٿا:-

(١) ڪاٿي چاڪــــر چائـــيان، ڪاٿيءَ خاصو ريـــــس
(٢) ڪاٿي سالـــــڪ سڌريــــل، ڪاٿي عـــين اويـــسِ
(٣) ڪاٿي هــنـدو، ڪــاٿـي مومــن، اهــو رکيائـين رايـو.

ظرف زمان

اهو لفظ جو فعل سان لڳي ۽ جنهن مان فعل واري ڪم جي وقت جي معنيٰ نڪري تنهن کي ظرف زمان چئبو آهي.

ظرف زمان طور ڪم ايندڙ لفظ هي آهن:

ڏهاڙي، هر روز، اڄ، سڀاڻي، ڪالهه، پرينهن، اڳي، پوءِ، هاڻي، جلد، ڪڏهن، جڏهن ، تڏهن، جهٽ پٽ، اُمالڪ، مهيني سر مهيني، سال به سال.

اترادي لهجي ۾ "جڏهن" ۽ "تڏهن" لفظن کي "جڏي" ۽ "تڏي" ڪري چيو ويندو آهي. شڪارپوري محاوري ۾ "هربي هربي" مستعمل آهي. معياري محاوري ۽ ٻين محاورن ۾ اهو لفظ استعمال ڪونه ٿو ٿئي. ان جو مطلب آهي "هر وقت، هر وقت" يعني "هر ڀيري هرڀيري" بدلجي "هربي هربي" ٿيو آهي. (١٥)

اتـرادي لـهجي ۾ "كـالـهہ" لـفـظ كـونـہ اُچارين، پـر چون "كلهہ"

ظرف استفهام

اهي لفظ جيكي سوال پڇڻ ۾ كم اچن، مثلاً :

كـٿي، كـيئن، كڏهـن، كـٿان، ڇو، كـيستائين، ڇاكون، ڇالاء، ڇاكاڻ، كڏهانكر وغير.

اُترادي لهجي ۾ "كڏهن" جي جاء تي "كڏي" ۽ كـٿي جي جاء تي "كاٿي" ڇيو ويندو آهي. "ڇاكون" ڇالاء ۽ ڇاكاڻ جي بدران "گهڻو كري "ڇو" ۽ "ڇا كئون" كم اچن ٿا.

ظرف خاتمہ

اهولـفـظ جو كـم جي پڇاڙي ڏيـكاري، جيئن تـہ نـيـٺ، آخر، آخركار، قصو كوتاهہ، مطلب تہ، توري ۾ وغيره.

اُترادي لهجي ۾ اهي سڀ لفظ كم اچن ٿا. البت شكارپوري محاوري ۾ "انـت" لـفـظ گهڻو استعمال ٿيـنـدو آهـي. هـي لـفـظ فقـط شكارپور جي محاوري ۾ ئي ملي ٿو. كي ماڻـهو تـہ ڳالهائڻ ۾ تمام گهڻو كـم آڻيـندا آهـن، ڇڻ تـہ انـهن جو تـكيو كـلام هـونـدو آهـي. ڊاكٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب انهن جا مثال ڏنا آهن.:

- جمـع كـي ڳولـهـي ڳولـهـي ٿكجي پـيـم، انـت وجي هـٿ كيومانس.

- كيتري لنوائي كيترو لنوائيندين، انت مون وٽ اچڻو پوندء.

ظرف‌نفي

ناڪاريت ڏيڪاريندڙ لفظ کي "ظرف نفي" چئبو آهي.

مثال طور نہ، مَ، ڪين، نڪو، ڪين ڪي، ڪانہ، ڪونہ، نہ نہ وغيره.

أترادي لهجي ۾ "نڪي" ، نڪو وغيره "نہ" جي معنيٰ ۾ ڪم ايندا آهن، ۽ ڪثرت سان استعمال ٿيندا آهن.

حرف‌جر

اهو لفظ جو اسم يا ضمير جي پٺيان اچي ۽ ان جو لاڳاپو ٻئي ڪنهن لفظ (اسم يا ضمير) سان ڄاڻائي تہ ان کي حرف جر چئبو آهي. حرف جر طور ڪم ايندڙ ڪي لفظ آهن:

وٽ، لاءِ، کان، تان، مان، ۾، اندر، وسيلي، سوڌو، ڏانهن وغيره.

أترادي لهجي ۾ اڪثر ڪري"کان" "تان" ۽ "مان" لفظ "ڪئون" ، "تئون" ۽ "مئون" ڪري اچاريا ويندا آهن.

بيدل سائين جون ٻہ سٽون آهنَ.

١ـ عبديــــــت جي آلَ، لا سان لاهـــــ وجود تئون.

٢ـ لــڪـيو لـوڙي سپڪا، ڪانـــ لـڪـئـي ڪون ڏار.

حرف جملو

اهو لفظ جو ٻن لفظن يا ٻن جملن کي ڳنڍي ان کي حرف جملو چئبو آهي. حرف جملي طور ڪم ايندڙ لفظ آهن: ۽، تہ، پر، ڪہ، يا، مگر، ليڪن، بلڪ، اگرچہ وغيره.

أتراديءَ ۾ "۽" جنهن جي معياري لهجي ۾ نرالي صورتخطي

"۽" رکي وئي آهي، جڏهن ته معياريءَ ۾ اُچار "ائين" ڪيو ويندو آهي، اُترادي ۾ "ائون" ڪيو ويندو آهي. مثال طور:-

اڪبر ائون اصغر ڀائر آهن.

اترادي لهجي ۾ "يا" لفظ پڻ اڪثر ڪري "جان" ڪري اچاريو ويندو آهي. مثال طور:-

ابا! پاڻي ڪيڙهو پيئندين؟ دليءَ وارو جان برف وارو؟

حرف ندا

لفظ جيڪو جملي ۾ الڳ بيهي، سڏ ڪرڻ جي ڪم اچي يا دل جي حالت جهڙوڪ خوشي، ڏک، خواهش، ڌڪار، عجب وغيره ظاهر ڪري، تنهن کي حرف ندا چئبو آهي. حرف ندا طور ڪم ايندڙ لفظ آهن:

واه، واه واه، افسوس، هاءِ هاءِ، الا، الاڙي، هئه، آه، شل، شال، مانَ، منَ، ڇي ڇي، هينئ، عجبا!، مار، مار پيٽي، هان، ڇا! شاباس، آفرين، ڀلي، ڀل، مَنَ، بيشڪ بيشڪ، هيڏي، سنڀال، خبردار، هان! هون!، اي!، او، ڙي، اڙي، يا وغيره.

اترادي ٻوليءَ ۾ "شال" ڪونه ڪم اچي، پر اڪثر ڪري چون "شل" ۽ "مانَ" به ڪم ڪونه اچي، پر "مَنَ" لفظ گهڻو ئي چوندا آهن. "هينئ" لفظ به خاص طور اترادي لهجي ۾ گهڻو ڪم ايندو آهي. "الاڙي" سان گڏ "گهوڙاڙي" به ضرور چيو ويندو آهي. "او، هيڏي" لفظ سان سڏڻ پڻ اترادي ٻوليءَ ۾ گهڻو ئي عام آهي.

حوالا

(۱) علي نواز جتوئي. علم لسان ۽ سنڌي زبان ۱۹۸۳ع ص ۱۰۹

(2) Leonard, Bloom field. Language 1979 -p 207

(٣) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي. مضمون "سنڌيءَ ۾ نام جي گرداڻي بناوٽ" سه ماهي مهراڻ ٢/ ١٩٦٨ع. ص ١٨٦

(٤) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي. حوالو ساڳيو ڪتاب ص. ١٦١

(٥) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ١٩٥٦ع ص. ١٠٣

(٦) سترامداس سائل، مرليڌر جيٽلي ۽ پرسوگدواڻي. سنڌي وياڪرڻ ١٩٨٥ع ص. ١٦

(٧) ڊاڪٽر غلام علي الانا. لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ١٩٧٧ع ص. ١٥٩ - ١٦٠

(٨) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. شڪارپور جي ٻولي ١٩٩٣ع ص - ٤٧

(٩) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. حوالو ساڳيو ڪتاب ص.٤٩ -٥٠

(١٠) سترامداس سائل، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ پرسو گدواڻي. سنڌي ويا ڪرڻ ١٩٨٥ع ص. ٣١ - ٣٢

(١١) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. شڪارپور جي ٻولي. ١٩٩٣ع ص. ٦٢

(١٢) سترامداس سائل، مرليڌر جيٽلي ۽ پرسوگدواڻي. سنڌي وياڪرڻ ١٩٨٥ع ص. ٥٩

(١٣) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. ساڳيوڪتاب ص -٦٦

(١٤) ڊاڪٽر غلام علي الانا. لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ١٩٧٧ع ص. ١٦١

(١٦) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. شڪارپور جي ٻولي ١٩٩٣ع ص- ٧٢

باب چوٿون

اترادي لهجي جي نحوياتي ڇنڊ ڇاڻ

نحو جي هڪ وصف ڀيرومل "وڏو سنڌي ويا ڪرڻ" (١٩٢٥) ۾ ڏني آهي، جنهن کي اڌ صديءَ کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي ته به ان جي اهميت ۽ افاديت موجود آهي:

نحو معنيٰ دستور يا ريت پر اصطلاحي معنيٰ موجب علم نحو اهو علم آهي، جنهن مان خبر پوي ته جملا ڪيئن ٺاهجن ۽ هر هڪ جملي جي لفظن جو هڪ ٻئي سان ڪهڙو لاڳاپو آهي. جملن جي بناوت ۽ تفريق يا ڇيد ۽ بيهڪ جي نشانين بابت ذڪر سڀ نحو ۾ اچي ٿا وڃن. ڳالهائڻ جا لفظ جي اٺن قسمن جا آهن، سي ساڳيا نحو ۾ ڪم اچن ته انهن جي گڏجڻ جا قانون معلوم ٿين، جن موجب اُهي صحيح ڳالهائي ۽ لکي سگهجن. (١)

انسائيڪلوپيڊيا آمريڪانا (١٩٨٧) ۾ نحو جي باري ۾ لکيل آهي:

Syntax is the part of grammar, or the subsystem of grammar, that deals with the position, order, and function of wodrs and larger units in sentences,clauses and phrases.

The ordering of morphemes and words into larger units, into phrases and clauses and sentences is the sphere of syntax. (2)

پوپٽي هيرانندائي لکيو آهي ته:

هر هڪ ٻوليءَ ڪي جملن ٻڌڻ جو پنهنجو رواج آهي، جنهن کي Syntax order يا واڪيہ ونياس چئجي ٿو..... هر هڪ جملي ۾ ٻہ حصا ٿين ٿا، فاعل ۽ مفعول Subject and Predicate يا اُديش ۽ وڌييہ ... سڀني ٻولين ۾ هيٺيون ٽي ڳالهيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون:

(١) ڳالهائيندڙ ڪير آهي؟

(٢) ٻڌڻ وارو ڪير آهي ؟

(٣) ڳالهائڻ جي مراد يا مقصد ڪهڙو آهي؟

سڀني ٻولين ۾لفظ جملي ۾ هيٺيان ڪم ڪن ٿا:

١- چيزن ۽ انهن جي ڪم جي سڃاڻپ ڏين ٿا. (ڪير پيئڻ سان ڪمزوري دور ٿيندءِ)

٢- چيزن، ڪمن ۽ انهن جي گڻن جو هڪ ٻئي ۾ لاڳاپو ٻڌائين ٿا.

٣- چيز يا ڪم جو ٻالو نہ ڄاڻائڻ جي حالت ۾ اشارا ڏين ٿا. (هيءَ، هو)

٤- اشاري ڪي سهارو ڏين ٿا. (مثلاً هو اهڙو تہ ڪنور آهي جو...)

٥- ڪنهن ڳالهہ تي زور ڏئي "پڪ" ظاهرڪن ٿا. (هيءَ ٿي چور آهي.)

نحويات جو علم تمام گهڻي ترقي ڪري چڪو آهي. جديد لسانيات جي حوالي سان پروفيسرجتوئي صاحب لکي ٿو:

صرفيا (Morphemes) جيڪي آزاد صورت رکن ٿا، تن کي الفاظ (لفظن جو جمع) سڏجي ٿو. اهي لفظ پاڻ ۾ ملي اهڙا ايڪا ٺاهين ٿا، جي ٻوليءَ ۾ مڪمل هوندا آهن، ۽ جن جي ذريعي لساني سماج جا ماڻهو پاڻ ۾ گفتگو ڪندا آهن. لسانيات اهڙن ايڪن مان هر هڪ ايڪي (Unit) کي جملو سڏي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن هڪ ئي لفظ جملي جو ڪم ڏيندو آهي، جيئن ته "پاليو مانس" جيئن علم صرف، صرفين ان جي مختلف صورتن ۽ بناوتن سان بحث ڪري ٿو تيئن علم نحو وري جملن ۽ ان جي جزن جي بناوتن، سٽائن، نمونن، نسبتن ۽ عملن سان بحث ڪري ٿو، پر جيئن ته هڪ لفظ به ڪڏهن ڪڏهن جملي جو ڪم ڏئي ٿو، ۽ جملي جا آخرين جزا به الفاظ آهن، تنهنڪري جديد لسانيات "لفظ" کي علم نحو جو مرڪز ٻڌايو آهي ۽ نه جملي کي. علم نحو لفظن جي صورتن ۽ جوڙجڪن سان بحث نٿو ڪري، اهو ڪم علم صرف جي حوالي آهي. مگر علم نحو هن بحث کي نباهي ٿو ته ڪيئن لفظ پاڻ ۾ ملن ٿا (Cohere) ۽ جملن اندر ڪهڙو ڪارج ڪن ٿا. (۴)

اهو علم جنهن جي مدد سان فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي ٻيهڪ ۽ سِٽاءَ جي خبر پوي، ان کي علم نحو چئبو آهي. ڪن جملن ۾ هڪ ڪان وڌيڪ لفظ به ٿيندا آهن. گفتار ۾ اهڙن جملن مان ڪن ۾ وچ وچ تي نامڪمل (Non final) جهيلار به ايندا آهن. جملي جو اهو جزو جنهن ۾ ڪو نامڪمل جهيلار هجي، تنهن کي جملي جو حصو يا جزو Clause چئبو آهي. ڪنهن گفتار ۾ جملي کان سواءِ فقرا به ٿيندا آهن، هر اها نحوي بناوت جنهن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لفظ سمايل هجن ۽ جنهن سان جهيلار جو واسطو نه هجي، تنهن کي فقرو Phrase چئبو آهي. (۵)

سنڌي نحو جي عام ترتيب ۾ لفظن جي ٻيهڪ ۾ تبديلي تڏهن آڻي سگهبي آهي، جڏهن گفتار واري جهيلار Intonation ۾ به تبديلي آڻبي. جهيلار ۾ تبديليءَ جا مثال الانا صاحب هي ڏنا آهن.

عام جهيلار موجب ترتيب	جهيلار ۾ تبديلي ته ترتيب
	۾ تبديلي ۽ معنيٰ ۾ به تبديلي
ڇوڪر انب کاڌو	انب ڇوڪر کاڌو
	انب کاڌو ڇوڪر؟
	کاڌو ڇوڪر انب؟

لفظن جي بيهڪ ۾ تبديليءَ سان معنيٰ ۾ تبديلي واقع ٿئي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۽ محاورن سان معياري لهجي وارا سمورا نحوي قاعدا قانون ته لاڳو ڪري سگهجن ٿا، پر اتر پاسي ڏانهن عام گفتار ۾ جملن ۾ ڪم آندل لفظن جي بيهڪ ٿوري ترتيب ۾ ڪڏهن نراليون خصوصيتون پڻ نظر اچن ٿيون. ماٿيلي جي محاوري جي نحوي ترتيب کي نياريءَ نرالي ترتيب ڄاڻائيندي پروفيسر شيخ محمد فاضل لکي ٿو:

سنڌي ٻوليءَ کي ٻين سڌريل ٻولين وانگر لفظن جي بيهڪ ۽ جوڙجڪ جو هڪ باقاعده نظام آهي، جنهن ۾ فعل جي نحوي حيثيت کي هڪ مسلم مقام آهي. فعل جيئن ته جملي جي بناوت ۽ معنيٰ جي پورائي لاءِ هوندو آهي، تنهنڪري عام طرح جملي جي آخر ۾ ايندو آهي، پر گفتگوءَ کي اثرائتي ۽ بي تڪلف بنائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن انهي اصول جي ڀڃڪڙي به ڪئي ويندي آهي. مثلاً معياري ٻوليءَ جي هيٺين جملن ۾ فعل پنهنجي مقرر جاءِ تي بيٺل نه آهي. پر معنيٰ جي لحاظ کان اهي جملا باقاعده جملن کان وڌيڪ اثرائتا لڳن ٿا.

(١) اسان ته آهيون ٿي خدمتگارن ۾ شامل.

(٢) آيو ته سوير هو، پر ڪم نڪي جو به نه ڪيائين.

(٣) هيڏا نڪاءِ پيا ٿين، اندر ويندو ڪير؟

نہ رڳو فعل، پر ٻوليءَ جي ٻين لفظن کي پنهنجي مقرر مقام تي رکڻو پوي ٿو. صفت، موصوف کان اڳ ۾ آڻبي ۽ ظرف، فعل کان اڳ ۾ رکبو. اهڙي طرح فاعل جملي جي ابتدا ۾ ايندو تہ مفعول، فاعل ۽ فعل جي وچ ۾ هوندو. اُهي ۽ اهڙا ڪيترائي قاعدا آهن، جن تي ٻولي ڳالهائيندڙن کي عمل ڪرڻو آهي، پر جيڪڏهن معنيٰ ۽ مفهوم ۾ نقص جو انديشو نہ آهي ۽ جملي ۾ پاڻ وڌيڪ دلڪشي ۽ حسن پيدا ٿئي ٿو، تہ پوءِ اهڙين پابندين تي ڌيان نہ ڏيڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي.

"ماٿيلي - اباوڙي" جي علائقي وارا ٻوليءَ جي سلسلي ۾ پنهنجي لاابالي طبع کان مجبور آهن. گفتگو ۾ اهڙي قسم جي بي ساختگي وٽن عيب نہ پر هنر ليکجي ٿي. قصن، ڪهاڻين ٻڌائيندي يا حال احوال ڏيندي هو جڏهن ترنگ ۾ اچن ٿا، تڏهن ويهي ڪين ٻڌجي، ائين پيو ڀانئبو تہ هنن وٽ ڪا نياري ۽ نرالي نحوي ترتيب آهي. (٦)

هن اباوڙي تعلقي جي ڪن مختلف قومن جي ٻوليءَ جا نمونا پڻ ڏنا آهن. هت شرن جي ٻوليءَ جا چار جملا ڏجن ٿا:-

اباوڙي تعلقي جي شرن جي ٻولي	رائج تحريري ٻولي
مان ويٺو هم بنگلي تي، آئي	**آءٌ بنگلي ۾ ويٺو هئس تہ آئي**
آيو جادو.	جادو آيو.
گهرون ويم ڏهرڪي.	گهران ڏهرڪيءَ ويس.
هي روانو ٿي پيو اڳنان.	هيءَ اڳتي روانو ٿي پيو.

اترادي ٻوليءَ جو هڪ نمونو لڪت جي صورت ۾ لوڪرام ڏوڏيجا، پنهنجي ڪتاب "سڪارڻو سفر" ۾ خاص طور ڏنو آهي، سو هت پيش ڪجي ٿو:

اسان شڪارپوري "مان" کي غلت "مون" نہ چوندا آهيون ۽ ڙ

ڪي ر يا ذ، ز، ض، ظ جا اچار بہ مليل سليل ڪندا آهيون، تنهنڪري پاڻ ڪي صحيح سمجهندڙ نقتچين دوستن ڪي وڏيون وڏان سمجهہ ۾ ايندڀون. اڄڪلهہ اها ٻولي جنهن ۾ ماءُ ڏني لولي جي واهپي وڌائڻ جي هلچل جور آهي. ان لاءِ جيڪو آسوڪيال آيو تہ انهيءَ هي ڪتاب لکان ۽ پائر جالاڻي جبان جو مجو چڪين پر گهٽا انهيءَ لاڪيٽيءَ لات مان واڪي نہ هوندا ۽ ٻيا سڪٽي ونڌ ڪندا تہ تتر ڏيڪاري پتر ڏنائين. تنهن اپرانڌ پاڻ ڪي بہ پوري ٻيٽ ڪانهي آڪر جا سال ڪاراچيءَ ۾ گجاريا ها. جماڻي جي هالو چالو جبان سان گباوت ڪبي تہ پريءَ ۾ اچبو ۽ يون يون ڪري وئندا. مڪت ۾ بگاگو ۽ ڦشاد ڪري چوندا تہ ٻاهتريءَ ۾ ڪَلَ ٽري ٽس، ڏاڪدڙ ڪان مجگ سڌو ڪرايوس. مان گريب ڪم ڪاڪتيءَ ڪري تتي تاءِ جباب ڏئي نہ سگهندس سوبن پوي ايڙو مجو! هيلهہ اها ڪجالت نٽو ڪيان. پائر مونجو مطبل سمجهي ويندا. (٧)

هيٺ معياري لهجي ۽ اترادي لهجي جي جملن جي ڀيٽ جو فرق واضح ڪجي ٿو:-

آترادي لهجو	معياري لهجو
ماءُ ڏني لولي.	ماءُ لولي ڏني.
جيڪو آ سو ڪيال آيو.	جيڪو خيال آيو.
سوبن پوي ايڙو مجو.	سو اهڙو مزو بن پوي.

لوڪرام جي ڪتاب ۾ ڏنل ڪجهہ جملا بہ معياري لهجي ڪان مختلف آهن. هن جي ٻولي اُترادي آهي، جنهن ڪي عام اترادي ٻوليءَ جي بجاءِ هندو اترادي نمونو چئي سگهجي ٿو. ڪي جملا مثال طور هت ڏجن ٿا:

اترادي لهجو (لوڪرام جي ڪتاب مان)	معياري لهجو
١. هيءَ جُلد بہ مان تڙ تڪڙ ۾	مون هيءَ جلد بہ تڙتڪڙ ۾

ڇپايو آهي.	ڇپايو آهي.
۲. ٻن رپين ۾ چانور ۽ ڏيڍ رپئي ۾ ڪٽڪ جو مڻ، هڪ رپئي ۾ هڪ سير ديسي سچو گيهہ، هڪ سير باداميون، اٺ سير نج کير، چار آني سير گوشت ملندو هو.	چانور ٻين رپئي مڻ ۽ ڪٽڪ ڏيڍ رپئي مڻ، هڪ سير گيهہ، هڪ سير باداميون، ۽ اٺ سير نج کير هڪ رپئي ۾ ۽ هڪ سير گوشت چئين آني ملندو هو.
۳. اهڙين ڪچهرين مان زالن کي چڙ ٻہ لڳندي هئي.	زالن کي اهڙين ڪچهرين مان چڙ ٻہ ايندي هئي.
۴. اوطاق ۾ ديوان يارن دوستن سان وينو هوندو.	ديوان يارن دوستن سان اوطاق ۾ وينو هوندو.
۵. رسوئي تي تڏي ٿئي.	رسوئي تڏي تي ٿئي.
۶. هن مارئي موٽوءَ جو تہ اچي مٿو ڦريو آهي.	هن مارئي موٽوءَ جو مٿو ڦريو آهي.

مٿيان جملا حالانڪہ ڳالهايل فقرا آهن. ۽ گفتگو ۾ ڪم آيا آهن. سواءِ پهرين جملي جي. پهرين جملي ۾ ليکڪ "مان" يعني فاعل پنهنجي مقرر جاءِ تي نہ آندو آهي. ان جو سبب بہ اهوئي آهي تہ ليکڪ جو تعلق شڪارپور يعني اتر سان آهي، ۽ مفعول يعني "هي جِلد" تي زور ڏئي، اهميت ڏيڻ لاءِ فاعل کان اڳ آندو ويو آهي، تنهنڪري جملي جي نحوي بناوت قدري مختلف بڻجي پئي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي عام نحوي ستاءَ فاعل– فعل واري توڙي فاعل – مفعول – فعل واريءَ جا عام اصول ۽ قانون هنريت آهن؛

١ـ فاعل جو وڌاءُ (لڳ) پهرين ۾ فاعل ان کان پوءِ جملي جي منڍ ۾ ايندو.

٢ـ فعل هميشہ جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو.

٣ـ فعل جو وڌاءُ (لڳ) هميشہ فعل کان اڳ ايندو.

۴ـ فاعل کان پوءِ ۾ فعل جي وڌاءُ کان اڳ پهرين مفعول جو وڌاءُ ۽ ان کان پوءِ مفعول ايندو.

۵ـ ظرف هميشہ فعل جي وڌاءَ طور ڪم ايندو.

٦ـ صفت هميشہ موصوف کان اڳ ۽ ان جي بلڪل پر ۾ جاءِ وٺندي.

٧ـ حرف جر هميشہ اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان پوءِ ۽ بلڪل انهن جي پر ۾ جڳهہ وٺندو (٨)

ڳالهائڻ دوران اترادي لهجي ۾ مٿين قاعدن جي سختيءَ سان پابندي ڪانہ ٿي ڪئي وڃي. ان جو خاص سبب جهيلا ر يا Intonation آهي، جنهن جي ڪري جملن جي نحوي ترتيب ۾ فرق اچي ٿو ۽ معنوي فرق بہ واقع ٿئي ٿو. دراصل روز مرهہ ۽ عام گفتار واري ٻوليءَ جو هر جملو انهن اصولن ۽ قانونن جو پابند هوندو آهي. انهن اصولن لاءِ جيڪا بنيادي سٽاءَ آهي، تنهنجا چارمقصد آهن. پهريون مقصد آهي انتخاب Slection، ٻيو مقصد آهي ترتيب،، ٽيون مقصد آهي فعل جو لاڳاپو، ۽ چوٿون مقصد آهي جهيلار يعني (Intonation) (٩)

”خيرپور ۾ خير جا ڏينهن“ ڪتاب ۾ محسن علي شاهہ بخاريءَ اترادي لهجي ۾ گفتگوجا ڪيترائي جملا لکيا آهن. هڪ مثال هت ڏجي ٿو:ـ

”جيڪڏهن ڪو سيد ٿئي چريو، وتي ڪپڙا لاهيو گهمندو، اهڙي سيد کي چريو سمجهي گدو گهمائڻ بجاءِ چون ” سائين مست آهي“، ۽ رهندو وتن سڳا ڦيٽا ڪرائيندا، ان چرئي شاهہ ڪئون. پر

جيڪڏهن هوندو چيڙاڪ ۽ وتندوڪڪ پن ڪي ڳاريون ڏيندو ۽ جهنگ جهر سان جهيڙو ڪندو، ته ان لاءِ وري چوندا سائين صفا ڪو جلالي آ. شل نہ ڪنهن تي ڪاوڙ ڪري، جي مسڪين جو ٻار اهڙي چرئي متي ڦرئي سيد جي ٽيو سامهون ته چون "ڏٺئہ نامراد جا ڪم، سيد جي ٻار مان بہ ڪونہ مڙيو، صفا ڪو مروان نڪتو، پنهنجي قبر ۾ قيامت ئي ڪاري ڪري ڇڏيائين! .... اڙي پنيرا بي پيرا! وڃين ٿو ڏينهون ڏينهن ايمان مان نڪرندو توڪي مڙئي هن مست جي ڪجهہ دعائن جي دپ جي ضرورت آ!" (١٠)

مٿي ڏنل اترادي لهجي جي نموني ۾ ڪيترائي جملا عام نحوي بناوتن ڪان مختلف آهن. خاص طور هي جملا جڏهن معياريءَ سان ڀيٽ ڪجن ٿا تہ فرق واضح ٿي پوي ٿو:-

معياري لهجو	اتراديلهجو
رهندو ان چرئي شاهہ ڪان سڳا ڦيٽا ڪرائيندا وتن.	(١)رهندو وتن سڳا ڦيٽا ڪرائيندا ان چري شاهہ کٹون.
جيڪڏهن ڪو سيد چريو ٿئي.....	(٢) جيڪڏهن ڪو سيد ٿئي چريو ....
نامراد جا ڪم ڏٺئہ	(٣) ڏٺئہ نامراد جا ڪم!
ڏينهون ڏينهن ايمان مان نڪرندو ٿو وڃين.	(۴) وڃين ٿو ڏينهون ڏينهن ايمان مان نڪرندو

مٿين جملن ۾ جهيلار عام جملن ڪان مختلف آهي ڇجن لفظن تي زور ڏنل آهي، سي پنهنجي مقرر ٿيل جاءِ تي وارد ٿيل نہ آهن، پر جملي ۾ اڳ ۾ يا آخر ۾ رکيل آهن، جنهن ڪري انهن لفظن تي معنوي زور ڏنل آهي. هونئن تہ اهڙا گهڻائي مثال معياري ۽ لاڙي لهجن ۾ بہ ملي

سگهندا، پر اترادي لهجي ۾ ڳالهائڻ دوران هن لهجي جي نحوي بناوتن ۾ اڪثر ڪري گهڻو ئي فرق نظر اچي ٿو. اترادي ٻوليءَ جي هڪ نمايان خوبي اِها آهي، تہ آوازن جي ادائگي چٽي طرح ڪئي ويجي ٿي، بلڪ ڳالهائڻ جو اندازسُر سان يا سُريلو هجي ٿو. اترادي ٻوليءَ جو سواد ۽ مٺاڻ ئي ڪجهہ اهڙو آهي، جنهن جي اڳيان نحو جا قاعدا نرم ٿيو پون، تنهنڪري ايئن بہ نہ ٿو چئي سگهجي تہ اترادي ماڻهو نحوي اعتبار کان غلط ٻولي ڳالهائيندا آهن.

حوالا

(۱) پيرو مل مهرچند آڏواڻي. وڏو سنڌي وياڪرڻ ۱۹۸۵ع ص. ۱٦۳

(2) Encyclopedia Amricana. Vol. 17 P-529

(۳) پوپٽي هيراننداڻي. ڀاشا شاستر ۱۹٦۲ع ص ۱۱۷ - ۱۱۸

(۴) علي نوازجتوئي. علم لسان ۽ سنڌي زبان. ۱۹۸۳ع ص. ۱۱۷- ۱۱۸

(۵) ڊاڪٽر غلام علي الانا. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس. ۱۹۸۲ع. ص - ٦۸-٦۹.

(٦) شيخ محمد فاضل. ماڻيلي- اباوڙي جي ٻولي ۱۹۹۲ع ص. ۲۵.

(۷) لوڪرام ڏوڏيجا. سڪار تونسفر ۱۹۸۰ع ص ۱۰ - ۱۱

(۸) ڊاڪٽرغلام علي الانا. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس. ۱۹۸۲ع ص-۱۷٦

(۹) ڊاڪٽر الانا. ساڳيوڪتاب ص. ۱۷٦

(۱۰) سيد محسن علي شاهہ بخاري، خيرپور ۾ خير جا ڏينهن ۱۹۹۲ع. ص ۹۴

باب پنجون

اترادي لهجي تي سرائڪي، بلوچي ۽ ٻين ٻولين جو اثر

١- سرائڪيءَ جو اترادي لهجي تي اثر

اترادي لهجي جون پاڙيسري ٻوليون آهن - سرائڪي، بلوچي، براهوي ۽ مارواڙي. اتراديءَ جا ننڍا محاورا جيڪي سنڌ کان ٻاهر ليکيا وڃن ٿا، تن مان خاص خاص هي آهن: ماچڪي، ڪيتراڻي، جڳدالي ۽ فراڪي. انهن مان ماچڪي جو تعلق بهاولپور رياست سان آهي ۽ ڪيتراڻي، جڳدالي ۽ فراڪي جو تعلق بلوچستان سان آهي. (١)

سنڌي ٻولي ۽ اترادي لهجي سان قريب ترين ٻولي سرائيڪي سمجهي وڃي ٿي. ان جو خاص سبب ٻنهي ٻولين جي صوتياتي، صرفياتي، ۽ نحوياتي سرشتن ۾ هڪجهڙائيءَ سان گڏوگڏ لفظي ذخيره ۾ پڻ هڪجهڙائي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. سرائڪي ڳالهائڻ وارا سموريءَ سنڌ ۾ آيا ۽ اچي آباد ٿيا آهن. پر اترادي لهجي جون حدون سرائڪيءَ جي مکيه ايراضي سان ملندڙ آهن. بقول پروفيسر ڪرسٽوفر شئڪل جي سرائڪي جي مکيه ايراضي وچولو پاڪستان

(سينٽرل پاڪستان) آهي. پاڙيسري ٻوليون هجڻ سبب هڪ ٻئي تي گهڻو ئي اثر انداز ٿينديون رهيون آهن. ۽ هي عمل مسلسل ٿيندو رهي ٿو. سنڌ ۾ سرائڪي ڳالهائيندڙ Bilingual آهن ۽ ٻنهي ٻولين ۾ اهڙي ئي مهارت رکن ٿا، جهڙوڪر ٻئي ٻوليون سندن مادري زبانون هجن.

سرائڪيءَ کي گريئرسن "لهندا" ڪري لکيو آهي ۽ لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا جي جلد ائين جي پهرين حصي ۾ سنڌي ۽ لهندا ٻنهي ٻولين جولساني جائزو ورتواتائين. "لهندا" لفظ اصل ۾ "الهندو" آهي ۽ خاص طرح معنيٰ اٿس "پنجاب جو الهندو طرف" ۽ اتي جي ٻولي لهندا يعني پنجاب جي اولهندي طرف جي ٻولي سڏجي ٿي. اها ملتان ڏي ملتاني، بهاولپور ڏي بهاولپوري ۽ سنڌ ۾ سرائڪي سڏجي ٿي. سرائڪي ٻولي معنيٰ سنڌ توڙي بسنڌونديءَ جي سري يعني مٿين ڀاڱي جي ٻولي. سنڌ جو سرو يا اتر وارو پاسو خاص طور جيڪب آباد طرف ٻروچڪو ملڪ آهي تنهنڪري اها ٻروچڪي به سڏجي ٿي. سنڌ ۾ جَتَ اڪثراها ٻولي ڳالهائيندا آهن، تنهنڪري اُها جتڪي به ڪوٺجي ٿي. (٢)

سنڌيءَ جوسرائڪيءَ داردڪ ٻولين سان ناتو جي سري هيٺ ڀيرومل آڏاواڻي لکيو آهي:

صدين کان سنڌ، پنجاب ۽ ڪشمير جا رهاڪو هڪٻئي سان گهڻو لهه وچڙ ۾ آيا آهن ۽ خود ڪشمير وارو پاسو پنجاب سميت ڪيترو وقت سنڌ حڪومت هيٺ هو تنهنڪري سنڌيءَ جو انهن ٻولين سان جڃهو ناتو ٿيو آهي. اڄ به ڏسبو تہ سنڌي ٻولي سنڌ جي اتر ڏي اُباوڙي طرف سرائڪي يا اُپي جي ٻوليءَ جو نمونو اختيار ڪندي، بهاولپور ڏي به اهوئي ويس ڌاريندي ملتاني ٻوليءَ سان وڃي گڏي آهي، جنهنڪري ايئن چئي سگهجي ٿو تہ سرائڪي ٻولي ڄڻ تہ وچون ڏاڪو يا وچ واري ڪڙي آهي، جا سنڌيءَ کي پنجابيءَ سان ڳنڍي ٿي ۽ پنجابي ٻولي اترڏي ڪشميريءَ سان وڃي گڏي آهي. انهيءَ ريت سنڌ کان

ڪشمير تائين ٻولين جو پاڻ ۾ ڪڙو ڪڙي سان ڳنڍيو پيو آهي. (٣)

شڪل سرائڪيءَ جا ڇهه قسم / محاورا ڄاڻايا آهن:

١ـ وسطي ٢ـ ڏاکڻي ٣ـ سنڌي ـ سرائڪي ٤ـ اترين

٥ـ جهنگي ٦ـ شاهپوري (٤)

شڪل سنڌ ۾ ڳالهائي ويندڙ سرائڪيءَ کي سنڌي ـ سرائڪي سڏي ٿو. هن لکيو آهي:

سرائڪي سنڌ ۾ صدين کان ٻاهران ايندڙ سرائڪي ماڻهن جي ٻوليءَ طور رائج آهي، ساڳئي وقت ادبي طور پڻ گهڻي زماني کان وڏي اهميت جي حامل ٻولي رهي آهي. سرائڪي ڳالهائيندڙ گروهه، جيڪي اڪثر ڪري بلوچ قبائل آهن، تن جو اصل تعلق مختلف جاگرافيائي خطن سان آهي. سنڌ ۾ هنڌ هنڌ تي آباد هجڻ سبب سرائڪي ٻولي جاگرافيائي اعتبار کان پڻ مختلف لهجن جون صورتون اختيارڪري چڪي آهي. اهڙن مختلف محاورن جو تعلق اتر طرف جي سرائڪيءَ جي مکيه ايراضي جي پنهنجي پنهنجي اصلي محاوري سان پڻ آهي ...... سنڌ جا سرائڪي ڳالهائيندڙ سنڌي ٻولي ۽ سرائڪي ٻولي ٻنهي ۾ هڪجهڙي مهارت رکن ٿا. سنڌ جي سمورن سرائڪي ڳالهائيندڙن تي سنڌيءَ جو تمام گهڻو اثر آهي. شهر جي پڙهيل ڳڙهيل سرائڪي ڳالهائيندڙن تي ايترو ئي وڌيڪ گهرو اثر آهي. هيءُ اثر جيئن جيئن ڏکڻ طرف ويجهو، تيئن تيئن وڌيڪ معلوم ٿيندو. جيئن ته سنڌ ۾ سنڌيءَ جي استعمال جي همت افزائي ڪئي وڃي ٿي، تنهنڪري سرائڪيءَ جو استعمال گهٽبو پيو وڃي. سرائڪيءَ تي سنڌيءَ جو اثر صرف لفظي ذخيره تي پيو آهي ۽ صرفيات تي تمام گهٽ اثر آهي، جڏهن ته نحويات تي ته نه هجڻ جهڙو اثر آهي. سرائيڪي تي سنڌي اثرات جي جڏهن سرائيڪي تي اردو ۽ پنجابي اثرات سان ڀيٽ ڪجي ٿي، ته سنڌي اثرات گهڻو نمايان نظر اچن ٿا. (٥)

سرائڪي ۽ سنڌي ٻنهي ٻولين جا پاڻ ۾ قريبي ناتا آهن. ڪن عالمن جي خيال ۾ سرائڪي سنڌيءَ کان ١١١ هه ۾ ڌار ٿي پنهنجي علحده حيثيت ۽ مقام پيدا ڪيو آهي. (٦) ٻنهي ٻولين ۾ مکيه طور هڪجهڙايون هن ريت آهن:

١- ٻنهي ٻولين جي لفظي ذخيره Vocabulary ۾ ٩٠ سيڪڙو هڪجهڙائي آهي.

٢- ٻنهي ٻولين ۾ چوسٽا ۽ نڪاوان آواز هڪجهڙا آهن، جيڪي ٻين هند آريائي ٻولين ۾ ڪونهن، يعني ته:

چوسٽا آواز:- ٻ ، ڏ ، ڄ ۽ ڳ

نڪاوان آواز:- م، ن ، ڻ ، ڃ ، ۽ ڱ

٣- ٻئي ٻوليون عربي، فارسي ۽ بلوچي ٻولين کان متاثر ٿيون آهن.

٤- ٻنهي ٻولين جا فعل ۽ مصدر تقريباً هڪجهڙا آهن.

٥-سنڌيءَ جي اترادي لهجي ۾ / ٽ/ جو / ٽر / ۽/ ڊ / جو / ڊ ر/ عيوضي صوتيا آهن. هي آواز سرائڪيءَ ۾ / تر / ۽ / در / جي صورت ۾ موجود آهن. مثلاً:

معياري لهجو	اتردي لهجو	سرائڪي
چنڊُ	چنڊر	چندر
پٽُ	پٽر	پتر

٦-اڪثر هند آريائي ٻوليون ٻن سُرن جي وچ ۾ "ت" کي حذف ڪري ڇڏين ٿيون. مگر سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ موجود آهي. مثلاً:

اردو	سنڌي	سرائڪي
ڪيا	ڪيتو	ڪيتا
سوا	سُتو	سُتا

مٿي ڄاڻايل هڪجهڙاين لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اهڙا اثرات هڪٻئي کان متاثر ٿيندي ٻنهي ٻولين قبول ڪيا آهن. جيئن تہ اترادي لهجي جي ايراضي سرائڪي ايراضيءَ سان لڳو لڳ آهي ۽ مسلسل رابطي ۾ آهي، تنهنڪري گهڻي ۾ گهڻا سرائڪي اثرات اترادي لهجي تي پيا آهن. اهڙن اثرن جي وچور هيٺ پيش ڪجي ٿي.

١ـ سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي (خصوصاً سکر ۽ ڀاوڙي طرف) ۾ (ٽ ۽ ٽر)، (ڊ ۽ ڊر) آوازن ۾ (ٽر ۽ ڊر) اهڙا آواز آهن، جيڪي سنڌيءَ جي فقط ڪچي لهجي ۾ ملن ٿا، پر ڪڇيءَ ۾ (ٽ ۽ ڊ) آواز موجود نہ آهن. ڪڇيءَ ۾ بہ (ٽر ۽ ڊر) جا نعم البدل (ٽر ۽ در) آهن. (ٽر ۽ ڊر) آوازن کي ڊاڪٽر الانا صاحب مڪمل صوتيا قرار ڏئي ٿو. (٧) حقيقت ۾ (ٽر ۽ ڊر) سنڌي ٻوليءَ جي (ٽ ۽ ڊ) صوتين جا عيوضي آواز Allophones آهن. سنڌيءَ جي اترادي لهجي تي اهو سرائڪيءَ جو اثر آهي.

٢ـ سنڌي ۽ سرائڪيءَ جا ڪي آواز هڪ ٻئي سان متبادل آهن، جيئن :

سرائڪي آواز	سنڌي آواز	لفظ
ل	ر	ٻال - ٻار
		سولهان - سورهن

٣ـ سنڌي ٻولي جي اترادي لهجي جي جنس مونث عدد واحد کي جڏهن عدد جمع ۾ بدلائبو آهي، تڏهن جيڪي جمع جون صورتون ملن ٿيون، انهن تي سرائڪي ٻوليءَ جو اثربلڪل ظاهر هوندو آهي. مثال طور:-

لفظ	عام سنڌي	اترادي
واحد	جمع	جمع
کٽ	کٽ کٽون	کٽان

کارک	کارک کارکون	کارکان
تنگ	تنگ تنگون	تنگان

۴. سرائڪي ٻوليءَ ۾ اسم فاعل جي نشاني "وال" يا "والا" پڇاڙيون آهن ۽ سنڌي ۾ "وال" يا "وارو" پڇاڙيون ملائبيون آهن. سرائڪيءَ وارو (ل) سنڌيءَ ۾ (ر) آواز ۾ تبديل ٿيو آهي:

اسم	علامت اسم	فاعل
ٻچو / ٻچا / ٻچڙا	وال	ٻچڙ وال / ٻچڙيوال
ڪوٽ	وال	ڪوٽوال
سرنڌي	وال	سرنڌيال

۵. سنڌيءَ ۾ پهرين ڪلاس جي ٻار کي جيڪو "ٻڪي جو ڪوڙو" سيکاريو ويندو آهي، ان ۾ جيڪي انگ ڪم آندا ويندا آهن، تن ۾ جيڪو عدد شماري آهي، اهو هوبهو سرائڪي ٻوليءَ تان ڪنيو ويو آهي. معياري لهجي توڙي اُترادي لهجي تي اهو اثرسرائڪيءَ جو آهي. ڪوڙو هت ڏجي ٿو:-

ايڪ	ڏون	ڏون	(سرائڪي ۾ ڏون معنيٰ ٻه)
ٻه	ڏون	چار	
ٽه	ڏون	ڇهه	
چار	ڏون	اِٺ	
پنج	ڏون	ڏهه	
ڇهه	ڏون	ٻارهن	
ست	ڏون	چوڏهن	
اٺ	ڏون	سورهن	
ناءِ	ڏون	ارڙهن /اَنارهن	
ڏاهه	ڏون	ويهه	

۵. سنڌي اسم جن جي آخر ۾ / آ / سر موجود هوندو آهي، سرائڪي ڳالهائيندڙ اهڙن لفظن جي اُچار ڪرڻ مهل / آ / سَر تي / اِ / سُر ۾ بدلائي اچاريندا آهن. اهو اثر سرائڪي ٻوليءَ جو آهي. ڊاڪٽر الانا صاحب لکي ٿو تہ هن وقت ڪيترائي غير سرائڪي ڳالهائيندڙ سنڌي بہ اهڙن لفظن جو اچارسرائڪي اثر جي ڪري ڪندا اهن. مثال طور:-

سنڌي اچار	سرائڪي اثر هيٺ اچار
پنجَ	پنجِ
ستَ	ستِ
اٺَ	اٺِ
هٿَ	هٿِ
اٽَ	اٽِ

اترادي لهجي تي اهڙو اثر پڻ ٿيو آهي.

٦. اهي سنڌي لفظ جن جي آخر ۾ / اِ / يا / اُ / سُر موجود آهي سرائڪي ڳالهائيندڙ اهڙن لفظن جو اچار ڪرڻ مهل / اِ/ يا / اُ / سُر کي / آ / سُر ۾ تبديل ڪندا آهن. سرائڪيءَ جواهو اثر اترادي لهجي تي چٽو نظر اچي ٿو، مثال طور:-

سُر	سنڌي اچار	سرائڪي اثر وارو اُچار
اِ	سيٺِ	سيٺَ
اِ	راتِ	راتَ
اُ	سنڌُ	سنڌ

٧. زمان حال مان زمان ماضي ۾ ڦيري لاءِ يا انهن جي حالت جري،

حالت اضافي يا حالت مڪاني وغيره ۾ ڦيري لاءِ اسم جي پويان جيڪڏهن "اِي" سر موجود آهي تہ پوءِ آ (ءَ) سر گڏائبو ۽ ان جي پويان حرف جر آڻبو. سنڌ ۾ سرائڪي ڳالهائيندڙ ۽ سرائڪي اثر هيٺ ڳالهائيندڙ هيءُ آخري سُر آ (ءَ) ڪونہ ٿا اچارين. مثال طور:-

سرائڪي اثر هيٺ جملو	معياري سنڌي جملو
ڇوڪري کي ماني ڏي.	ڇوڪريءَ کي ماني ڏي.
ڇوڪري جو پيءُ آيو.	ڇوڪريءَ جو پيءُ آيو.
ڇوڪري ٻار ماريو.	ڇوڪريءَ ٻار کي ماريو.
ٻانو جو پٽ آيو.	ٻانوءَ جو پٽ آيو.
ٻانو کي چيم......	ٻانوءَ کي چيم......

اترادي لهجي جي ماتيلي -اٻاوڙي جي ننڍي محاوري جي ايراضي يعني ميرپور ماٿيلي ۽ اٻاوڙي طرف پڻ سرائڪي ڳالهائيندڙ ۽ سرائڪي اثر هيٺ آيل قومن تي اهڙو اثر گهٽو آهي.

٨- سنڌ ۾ سرائڪي خِطن کان اينڊڙ سرائڪي ڳالهائيندڙ پنهنجا ڳوٺ ۽ واهڻ اڏيا ۽ انهن تي سرائڪي زبان جا نالا يعني سرائڪي جي نحوي سٽاءَ موجب نالا رکيائون. هيٺ اهڙا مثال ڏجن ٿا، جن جي اپياس مان ظاهر آهي تہ اِهاسٽاءَ سنڌي زبان جي نحوي اصولن موجب ڪانہ ٿي لڳي، پر اُها سرائڪي ٻوليءَ جو اثر ظاهر ڪري ٿي:-

سرائڪي علائقي جي ڳوٺ جا نالا	سنڌي ڳوٺن جا نالا
علي شير واهڻ	خانواهڻ
آدم واهڻ	عالي واهڻ
ٺل وزير	ٺل مير رڪن
	ٺل عاقل خان.
نوان ڪوٽ	نئون ڪوٽ
شورڪوٽ	ڪوٽ غلام محمد
ڪوٽ ادو	ڪوٽ مير محمد

"ڪوٽ" جو سرائڪيءَ ۾ اسم تصغير آهي. "ڪوٽلي" يا "ڪوٽله" جيئن ڪوٽلي نجابت، ڪوٽلي لوهاران، ڪوٽله مغلان.

سنڌيءَ ۾ "ل" کي ڙ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، جيئن: ڪوٽڙي ڪبير، ڪوٽڙي وغيره. (٨)

اترادي شاعريءَ تي سرائڪيءَ جو گهڻو اثر آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اڪثر ڪلاسيڪي شاعرن سنڌي ۽ سرائڪي ٻنهي ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي، تنهنڪري ٻـ اترادي شاعريءَ تي سرائڪي ٻوليءَ جو اثر پوڻ لازمي آهي. هيٺ چند سٽون بيدل سائين جي ڪلام مان ڏجن ٿيون، جن ۾ ٺيٺ سرائڪيءَ جا لفظ ڪم آندل آهن:-

١ـ نسالسي ڳڌي ان جي، وجي گونسسسسسسدر غم.

٢ـقدمسن تسلسي، سر ڌري، چڙهسسسيا او آڪسسساس.

٣ـ ڳهسنُ امانسسست عشسسق جي، جي سڌائسسين آدم.

٤ـ تخت هسسزاري شاهسسم سڌائسسين، وچ سيالسسين چاڪ

مارنسسغارا وحدت والا، بسسيدل ٿسسي بسسيياڪ.

٥.پنهنجو پاڻ ويکن ائون وسهن،
ناميان جا ڏي کرن نگاهان.

قاضي قادن جي ڪلام ۾ پڻ ڪيترائي سرائڪي لفظن ملن ٿا. هڪ بيت تہ جڻ سرائڪيءَ ۾ چيل معلوم ٿئي ٿو:

هر هر حال ڪريندا يسان راڌي ڳنسي وها
وڄ پيچو سائون ستيان، لابسي لنگهڻ آ.

(قاضي قادن)

اتر جي ٻين شاعرن، حضرت سچل سرمست، بيڪس سائين ۽ ٻين جي ڪلام ۾ پڻ نہ صرف سرائڪي الفاظ ڪافي تعداد ۾ ملن ٿا، پر ڪيترا سرائڪي پهاڪا ۽ اصطلاح ۽ ترڪيبون پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

٢. بلوچي ٻوليءَ جو اترادي لهجي تي اثر

اترادي لهجي جي ايراضي يعني اتر سنڌ جي اولهه ۾ بلوچستان جو سبي ضلعو آهي. سبيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا جڳدالي ۽ فراڪي محاورا رائج آهن. جن تي بلوچستان جي ٻن مکيه ٻولين بلوچي ۽ براهوي جا اثرات مرتب ٿيل آهن. بلوچي ٻوليءَ جا اترادي لهجي سان پاڙيسرين وارا ناتا برقرار آهن. تنهنڪري اتراديءَ تي بلوچيءَ جا اثرات ٿيڻ ناگزير آهن. بلوچي زبان جو تعلق سنڌي ٻوليءَ سان عام طور ۽ اترادي لهجي سان خاص طور تاريخي طور به گهڻو گهرو رهيو آهي. ويدن واري زماني کان وٺي سنڌ ۽ قنڌار جي ماڻهن جي پاڻ ۾ گهڻي لهه وچڙ هئي. انهيءَ کان پوءِ به هندن جي صاحبي ۽ افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪجهه ڀاڱا سنڌ جي حڪومت هيٺ هئا. انهن سببن ڪري سنڌيءَ تي بلوچي ۽ پشتو جو گهڻو اثر ٿيو. (٩)

بلوچي ٻوليءَ ان جي محاورن لاءِ گريئرسن لکيو آهي:

Balochi means the language of Baloches and so far as it relates to Baloches of Balochistan the name is accurate enough, but there are numerous Baloches in India and probable also in Persia, who have abundoned their tribal speech and have adopted that of the people among whom they have settled.

گريئرسن بلوچي ٻوليءَ جا ٻه مکيه لهجا ڄاڻايا آهن:

(١) مغربي Westren (٢) مشرقي Eastern

اولهندي واري يعني مغربي لهجي کي مڪراني به چوي ٿو:

The Western dialect has better preserved the earlier forms of language. The Eastern has developed or decayed into a stage of which we see only sporadic beginning in the West.

The Eastern dialect, too, has borrowed words very freely from the neighbouring Sindhi and Lahanda. The Western dialect is naturally free from this temptation. When it borrows, it mostly borrows from Persian.

گريئرسن بلوچي جي لهجن جا هيٺيان نمونا ڏنا آهن:-

١- مغربي (مڪراني) لهجو (نثر ۾)	ضلع ڪراچي
٢- مغربي (مڪراني) لهجو (نظم ۾)	ضلع ڪراچي
٣- مغربي (مڪراني)	مڪران
٤- مغربي (مڪراني)	مڪران
٥- مشرقي لهجو	ديرا غازي خان
٦- مشرقي لهجو	لورالائي
٧- مشرقي لهجو	لورالائي
٨- مشرقي لهجو	اپر سنڌ (جيڪب آباد)
٩- قيصراڻي لهجو	ديره اسماعيل خان.
١٠- ڪڇ جي ٻولي (نثر ۾)	ضلع ڪراچي
١١- ڪڇ جي ٻولي (نظم ۾)	ضلع ڪراچي
١٢- سنڌ جا ڳاڏڙ محاورا	ضلع جيڪب آباد
١٣- سنڌجا ڳاڏڙ محاورا	خيرپور رياست

سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي، سرائڪي جي ملتاني لهجي ۽ بلوچي ٻوليءَ ۾ ڪيترا لفظ هڪجهڙا ملن ٿا. جيئن تہ بلوچ قبيلا لڏپلاڻ ڪري جيڪب آباد ۽ ملتان جي علائقن ۾ آباد ٿيا آهن، انهن جي بلوچي ٻولي مقامي محاورن تي پنهنجا اثرات وڌا آهن، جنهن ڪري مذڪوره ٻولين ۽ محاورن ۾ هڪجهڙا لفظ ملن ٿا. ڊاڪٽر مهر عبدالحق جي خيال ۾ هي لفظ ٻين هند آريائي ٻولين ۾ ڪونهن يا بلڪل گهٽ آهن. (١١) اهڙي وچور هن پيش ڪجي ٿي:

سنڌي	بلوچي
أيا	ابا
ادو	ادا
آکيرو	آکيرو
آلسي، آرسي	آلسي
آنو	آنو
اوجهري	اوجري
پولو	پوڙو
ٻيڙي	ٻيڙي
پارٽ	پارٽ
ڦاهو	ڦاهو
تنوار	توار
ٿورو	ٿورا
ڄَٽُ	ڄَٽُ
جهاتي	جهاتي
جهيڙو	جهيڙع
چٽي	چٽي
ڊوهہ	دروهہ
دگُ	دگ
دلو	دلا
ڏنگو	ڊنگ

سانگو	سانگ
سنڌو	سنڌ
ڪير (رک)	ڪير
ڪوڙڪي	ڪوڙڪي.
ڪاري	ڪاري
ڪاهي	ڪاهي
گلر	گلر
لڄ	لڄ
مهي (لسي)	مهي
وٽ	وٽ
وٿي	وٿي
وڍي (رشوت)	وڍري.

بلوچستان جي سبي علائقي جي ڪيترن شاعرن اتر جي لهجن جنداليءَ فراڪي ۾ شاعري ڪئي آهي. انهن ڪيترن ئي شاعرن جو احوال ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ پنهنجي ٿيسز ۾ ڏنو آهي. ان شاعريءَ جي ٻوليءَ تي بلوچي ٻوليءَ جا اثرات بلڪل ئي نمايان آهن.

٣- براهوي ٻوليءَ جو اترادي لهجي تي اثر

براهوي ۽ سنڌي ۾ ڪافي هڪ جهڙايون آهن، خاص طور تي اتر سنڌ جي ٻولي تي اهي اثر نمايان آهن. سنڌي زبان جي الف - ب ۽ براهوي زبان جي الف بي ۾ بہ ڪافي هڪجهڙايون آهن. اها الفابيٽ ڊاڪٽر عبدالرحمان براهوي جي ترتيب ڏنل آهي. ٻنهي زبانن ۾ سُر آواز بہ ساڳيا آهن، ڇو تہ قديم زماني کان ٻنهي زبانن ۾ لساني هڪجهڙائي آهي.

براهوي ۽ سنڌي جي سُرن جي هڪ جهڙائي وارو چارٽ هيٺ ڏجي ٿو. جنهن مان پتو پوندو تہ ٻنهي ٻولين ۾ ڪيتري مماثلت آهي.

معياري سنڌي	براهوي	اترادي	اعراب
آهي	اي	آئي / آ	آ
ميکَ	ميخ	ميخ	آ
قدرتِ	قذرت	قذرت	اِ
چمرُ (ڪل)	چَرم	چَمر	اَ
قبضي	قئوضي	قئوضي	اِي (ء) جو اضافو
قَيدي	قَيذي	قَيذي	آي
اڇي	بري	اڇي	اي
ڪاڙهو	ڪاڙه	ڪاڙو	او
دونهون	وڏ	ڏُوڌ	آو
نمونو	ڊَول	ڊَول	آو

براهوي ۽ سنڌي زبانن ۾ لفظن جڙڻ جا طريقا ساڳيا آهن، يعني صرفي قاعدا هڪ جهڙا آهن. خاص طورتي اترادي لهجي ۾ انهن جو اثر واضح آهي.

سنڌي جي روائتي گرامر کان هٽي ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

براهوي	سنڌي	سنڌي
فعل	**امر**	**مصدر**
ڦرينگ	ڦِر	ڦرڻ
پوجينگ	پوڄ	پوڄڻ
لڳينگ	لڳ	لڳڻ
ڪننگ	ڪر	ڪرڻ.

اترادي لهجي ۽ براهوي جي تڪراري لفظن ۾ هڪجهڙائي جو مثال هيٺين لفظن ۾ ملي ٿو.

براهوي	**اترادي لهجو**
دم بدم	دم دم
وار وار	وار وار
اٽو مٽو	اٽو مٽو (وغيره)

حرف ندا وارا لفظ جنهن سان غم، خوشي ۽ حيرت وغيره جو اظهار ٿئي ٿو، سي گهڻو ڪري براهوي ۽ اترادي لهجو ۾ ساڳي طرح اچاريا وڃن ٿا سواءِ ٿوري گهڻي فرق جي، مثلاً:

اترادي لهجو	**براهوي**
وهه – واهه	وهه – واهه
مارا!	مارا!
آڙي !	اڙي !

هاء هاء	هئي هئي	
حيف	حَيفَ	
ٿو	ٿف	
ٻڌ (ٻڌي مر)	ڌٻ	(وغيره)

اهو طئي آهي تہ ٻوليون ميل ميلاپ ذريعي هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿين ٿيون. براهوي قبيلن جي لڏپلاڻ سڄي سنڌ ۾ ٿيندي رهي ٿي. خصوصاً اتر سنڌ جي علائقن ۾ بلوچستان جي سرحد جي ملڻ ڪري گهڻي ٿيندي رهي آهي. ان ڪري ڪيترا لفظ ٿوري فرق سان ٻنهي علائقن ۾ رائج آهن. جهڙوڪ:

براهوي	اترادي لهجو	
جِند	جِند	(پاڻ)
ميهي	مينهن	(جانور)
ڪَنجي	ڪنجي	
دِلو	دِلو	
ڊو	ڏوئي	
ڊڪڻ	ڍڪڻ	
پڪو	پڪو	
دير	ڪير	وغيره.

ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ آهي تہ انهيءَ امڪان کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، تہ قديم دور جي مُنڊا دراوڙي ٻولين توڙي موجوده دور جي پاڙيسري ٻولي بروهڪي جا ڪي الفاظ سنڌي ۾ رائج ٿي چڪا آهن. (١٢)

حوالا

(١) ڊاڪٽر داد محمد بروهي. سبيءَ جي ٻولي ١٩٩٢ع.
ص ــ١٠

(٢) ڀيرومل مهر چند آڏواڻي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ١٩٥٦ع.
ص– ٨٢

(٣) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي. ساڳيو ڪتاب ص– ٨٥

(4) Shackle, C. The Siraiki Language of Central Pakistan. 1976. p 7-8

(5) Shackle, C. I bid p. 174

(٦) مهر عبدالحق. ملتاني زبان اور اسڪا اُردو سي تعلق. ١٩٦٧ع.
ص– ٢٧١

(٨) ڊاڪٽر غلام علي الانا، ساڳيو ڪتاب ص. ٢٥٨ ـ ٢٦٠

(٩) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ١٩٥٦ع. ص. ٨٨
ـ ٨٩.

(10) Grierson. G. A Linguistic Survey of India.

(١١) ڊاڪٽر مهر عبدالحق. ملتاني زبان اور اسڪا اردو سي تعلق.
١٩٦٧ع. ص ٢٨٣ ـ ٢٨٥

(١٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. سنڌي ٻوليءَ ادب جي تاريخ.
ص١٤.

باب ڇهون

اُترادي لهجي جو لوڪ ادب ۾ حصو

سنڌ جو لوڪ ادب سهيڙڻ لاءِ لوڪ ادب رٿا پاران سنڌي ادبي بورڊ چاليهن کان مٿي جلد شايع ڪيا آهن، جنهن جو سهرو سنڌ جي نامور ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سر تي سونهي ٿو. هن صاحب لوڪ ادب جو مواد سموري سنڌ مان ڪٺو ڪري ڇنڊي ڇاڻي، تدوين ڪري، وڏيءَ عرقريزي بعد سنڌ واسين کي آڇيو آهي. سموري مواد ۾ اتر سنڌ جو به اوترو ئي حصو آهي، جيترو لاڙ يا ٻين حصن جو. لوڪ ادب جون سموريون صنفون اتر ۾ به گهڻيون ئي مشهور ۽ مقبول آهن. سگهڙن ۽ سخنورن جون مجلسون صدين کان هلنديون اچن ٿيون.

اترادي لهجي ۾ ڪيل عوامي شاعري ۽ لوڪ ادب جي ٻين صنفن کي جن عالمن ۽ ادبين جاکوڙ ڪري گڏ ڪري ۽ تحقيق ڪئي آهي تن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر اياز قادري، غلام رسول جتوئي، ابن حيات پنهور، محمد حسن مشتاق، محمد عالم شورو، رائچند راٺوڙ، معمور يوسفاڻي، محمد سومار شيخ، منگهارام اوجها، محمد فاضل قائمي، حاجي لونگ، احمد خان آصف، چيتارام، شير محمد شڪارپوري، محمد صالح منگي، محمد عمر راڄپر، رحمت الله، باغ محمد جوکيو، محمد صالح سمون،

مقبول احمد بلوچ، مولوي بخش علي جتوئي، امام بخش ڪندراڻي، شمن ٻرڙو ۽ ٻيا اهم نالا آهن.

سنڌي لوڪ ادب جو اهو ذخيرو اڄ به ساري سنڌ ۾ شادين ۽ غمين جي موقعي تي ڏاڍي چاهت سان ڳايو وڃي ٿو. انهن لوڪ گيتن ۾ سادا الفاظ ۽ زبان تي پاڻ هرتو تري ايندڙ ٻول سندن جاذبيت جو سبب آهن. لوڪ ادب جو ذخيرو تمام گهڻو آهي. خصوصاً اتر سنڌ ۾ ڪتابن کان ٻاهر عوامي ماڻهن ۽ سگهڙن جي سينن ۾ اهڙو ذخيرو محفوظ آهي. اسان جي پنهنجي ننڍپڻ جي ڏينهن ۾ جيڪي ٻاراڻا ٻول، لوليون ۽ گيت ۽ ڳجهارتون وغيره، اسان جون وڏڙيون، رات جو ٻڌائينديون هيون يا جيڪي ٻول روزانه راند روند دوران، اسان پنهنجي هڪ جيڏن سان آلاپيندا هئاسون، اهي اڄ به اسان جي ذهن تي اڪريل آهن. انهن سيني صنفن ۾ اترادي محاوري جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو. ڇوته اهي سڀ گيت سنڌ جي مٿاهين حصي يعني اتر سنڌ ۾ اسريا، نسريا ۽ ڳاتا ويا ۽ اڄ به اهي هتي ايترو ئي مقبول آهن. جيئن ته اتر سنڌ جي ٻولي تي سرائڪي، بلوچي ۽ براهوي ٻولين جو اثر به آهي پر خاص طور تي سرائڪي جو اثر وڌيڪ آهي. تنهنڪري اسان هتي مروج سنڌي - سرائڪي مان ڪي مشهور اترادي لوڪ گيت به نموني طور ڏينداسين. اترادي لهجي جي لوڪ ادب تي جدا ڪم ٿي سگهي ٿو.

هيٺ لوڪ ادب جي ڪجهه صنفن جا نمونا پيش آهن.

سروز

هي گيت ڪرامتي بزرگن، ولين، پنج تن جي ساراهه، شادي، ٻاس ۽ مينڌي جي موقعي تي، خاص طور عورتون شادي واري رات جاڳرتو يا جاڳو ڪري ڳائينديون آهن. سخي سرور جي مزار ديره غازيخان جي ڀر وارين پهاڙين ۾ آهي. هتي جيڪو سرور جو گيت ڏجي ٿو اهو سرائڪي ۾ آهي.

الا! اول سوران مـــــين بـــــرهـــــي خدا،

الا! تــنــهــن تــي سوران مــين نــبــي رسول،

الا! كــســلــمان جنــهــن دا پــيا هــي قبول،

الا! تــنــهــن تــون سوران مــين سرور پــير،

الا! سكيان نــديــان وهــنــدا هــي كير،

الا! سرور دي گهر وڄدي هــــي شاهـــــي،

الا! سرور جمــــلــــي دي آس پــــڄائـــي،

ڏور

اترادي لهجي ۾ چيل ڏور جا بيت بہ ججها آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اتر جي سگهڙن ۽ شاعرن جن ڏور جا بيت چيا آهن، تن جا نالا هن ريت ڏنا آهن:

خدا بخش ابڙو (تعلقو ڪنڌڪوٽ) محمد قاسم ڪٽي (رفيق مهيسر تعلقو خيرپور) سيد حسين شاه (نٿ تعلقو روهڙي) قادر بخش راڄپر، الهہ بخش مگڻ (گهوگهارو) مريد جت (بخش جتوئي) خاقل پرڙو (ميرپور پرڙو) واحد بخش شيخ (شڪارپور) فريد خان گڏائي (گهوٽڪي) مراد لاشاري (تعلقو روهڙي) شاهنواز ڪٽومڙ، عبدالرحمن مهيسر، گل بهار ڪٽي ۽ محمد عمر سومرو (خيرپور ضلعو) (١) ڪي چونڊ ڏور جا بيت هت ڏجن ٿا، جن ۾ اترادي لهجي جون خصوصيتون نمايان نظر اچن ٿيون.

پيسي ڪؤن پـري هـو، سو نـہ هـزارين هـوء،

ساري ڪري ويو سوَ ڪان، سو سري ڪنـئي پـوء،

سوَ مان ڪسيرو ٿي ڪين ٿيو، هولڪ ڪان لنگهي ويوء،

ڪي حصا ڪروڙ ڪان ويو، پدم پاند نہ پوء،

امي اٿس يار "اڏيو" چئي، امي سالڪ سمجهي ڏيوءِ،
سون سيوڻـــــي توءِ، اڳڻ آئـــــي عجيـــــب جي.

(اڏيو مهر)

عمر ڪــــڏي مارئـــــي، **ڪوٽان** اڃيُ ڪـــــري،
پسيو شابس جڳ ڪري، عمر ڪـــي اڪـــن چئـــي.

(اڪن ڪتوهڙ)

ڪـاهـيـنـدو ويـو ڪـيـچ ڏي، اهـو جت جيڏيـون،
صندوقان سرواڻـن ڪـي، ڪـلـهـن تـي ڪـيڏيـون،
انـن تـي "الـهڏنـو" چئـي، آهــن مال مڏيــون،
قبي ۾ ڪـامـل ڪـي لـنـگـهيا، سال ڪـئين صديـون،
الـهـيءَ ويـل اديـون! گڏيـس محـب "مهر" چئـي.

(الهڏنو مهر)

ڪـنو هـو ڪـامـڻ سان، مانـجهـيءَ سان مقدر،
خبر بـــڏي خان جي، متايـــائـــين الـــڳ اڪر،
پوءِ راضي آهي رهبر، امڙي عاشق تي امام بخش چئي.

(امام بخش جلباڻي)

ڏي مارئـــــي مارن ڪـــــي، تــــون عمر ڄام امير،
پلي سانگي سڪيا هجن، پيا گهمن منجهه ملير،
تنهنجو نانءُ ڪٽي نيڪي، پيا ڪندا نر نظير،
سومري سڏيـــر، ڏنـــي **اجڙوال** "امير بـخش"چئـــي.

(امير بخش ڪٽي)

جانب سان الهيءَ جاءِ تي، ڪٿا هٿا ڪيئي،
گوهر جي گودڙئي ڪي، هوءَ وٺي سا ويئي،
پوءِ سچي حقيقت حال جي، وڃي پالهه کي پيئي،
درس اها ويهي، برسايائون "باغ" چئي.

(باغ)

مند پئي ماري، آئي اجهل هٿ عورت،
اوڏو جڏهن اصيل ٿيو، ڏٺائين جمالي جاوت
پاسي ڪيائين پهنوار ڪٿون، اها عداوت
هن ڪري صبوريت، اچي مارَ مڃي مهر چئي.

(بهاول مهر)

سنڌي قصا

عمر مارئي جي قصي جو واسطو جالانڪ ٿر جي علائقي سان آهي پر ان قصي کي ساري سنڌ ۾ ڳايو وڄايو ويو آهي. اتر جي ڪيترن شاعرن عمر مارئي جا بيت چيا آهن. انهن بيتن جي ٻولي اُترادي آهي. اُترجي جن شاعرن "عمر مارئي" تي بيت چيا آهن، تن مان جن کي لوڪ ادب جي رٿا هيٺ قلمبند ڪيو ويو آهي، تن جا نالا هي آهن: وريل (تعلقو روهڙي) علي شير جاگيراڻي (تعلقو روهڙي) محمد عارف ڪلهوڙو، صابر شر (تعلقو اباوڙو) شيخ (تعلقو اباوڙو) نالي چڱو (تعلقو صادق آباد) (٢) اُترادي لهجي ۾ قلمبند ڪيل انهن کي چند بيت هيٺ ڏجن ٿا:

سوين آنديون سومري، لنديون منجهؤن لوڪ،
ڏس عمر رنگ الله جا مينهن لاتي موڪ،
ويندئي شهر الوٽ تي تنهنجي گهوڙي سوڌا گهوٽ،
صفا تنهنجا ساڙيان، تو ڪارا اڏيا ڪوٽ،
پوءِ مانجهي ڏيئي موٽ، اهي ڪم تي ويا غار ۾.

(وريل)

پچر ڦٽي ڪر پيڪن جي، تون مارن ڍهون مٽ،
پارس سان پاسو لڳو ٿي، گوءِ اها تون ڪٽ،
ور نه لهنديءَ مون جهڙو نٽي سمجهين چٽ،
خوشيءَ سان تون ڪاءِ پيءُ، خيال ندورا لٽ.

(علي شير جاگيراڻي)

اٿاوهين رات عمر اچي نر چيس نسري،
ته من لاٿي مارئي سڻ منهنجي خبر ڪري،
جو مان ٿو مٿان ڪريان اچي تو وٽ وري وري،
تہ بہ اثر جي ڪانہ اندر اٿئي ظاهر هڪ ذري.

(محمد عارف ڪلهوڙو)

عمر ساڌ نـــــــــــــه، سومرو، عمر روڙو راءِ،
ڪٿـــي آيـــو ڪوهـــ تـــان، ڏکو ڏيـــئـــي ڏاءِ،
پـــيءِ پـــنـــهـــي جو هـــيڪڙو، عمر پانـــيان پاءِ،
ســـس نـــ ڪـنـديـس سومرا، عمر تـنـهـنـجي ماءِ،
جهـــلـــنـــدو ئـــي الله ڳهلا! انـــهـــيءَ ڳالـــهـ ڪٿون.

(نامعلوم)

رقعو مڪائين روح ڪٿون، جڏهـن هـيڙو وار سمار،
ڪـاهـي ويـس عمر ڪـوٽ تـي اڳـهون هـو قربـدار،
موٽائي مان ڪـي ڏنـئين، مان تيـس باغن ڪان بـهار،
مامَ ڏنم تـنـهـنـجي مارڻ ڪـي، پوءِ ميـم الـهـيءَ وار،
تنهنجي ڪامڻ قربدار، جيڪا مهٽي ساڻ مري وئي.

(نالي چگو)

سسئي پنهون جو قصو پڻ عمر مارئيءَ جيان سموري سنڌ ۾ رائج آهي ۽ هڪ جيترو ئي مشهور آهي. هت "نالي چگي شر" جي چيل بيتن مان چند بند پيش ڪجن ٿا، جن ۾ اترادي لهجي جون ڪي خصوصيتون موجود آهن:-

چئي: کهڙي ويڏن توسان، تنهنجو ڪالي ساٿ لئيو،
چئي: ساٿ سلامت هتڙي، مان ڪٿون پلي هوش ويو،
هڪ صورت جي سهٽي آ، جيئن ڪنوڻ ڏئي تجلو.نـڪي آرام
اڪـــين ڪـــي، مـــنـــهـــنـــجي ليٽون نـــير وهـــن،

مرن مائـڪ مائـهوئـڙا، مـنهـنـجا ڇپر پـيا ڇلـن،
پـڏي پـهڪان ائـن جون، هـي پـوتـيون نـا پـتجن،
نـہ هنئـي نـڪـاهـہ نيڻـن ۾، جي ائـي اوپـر ڪـن،
هـائـي تـڪـي تـڙن ڏي، اهـي اڪيون اڄ مرن،
اهي هوت حيات هئن، جيڪي چوري رات چڙهي ويا،
چوريءَ رات چڙهـي ويـا، پـاڙي مـنـجهان پـريـن،
ڏسـي پـير هـوتـن جا، هـيـنـڙو پـيـر ڇنـي،
ويندس پويئون پـنهـل جي، مان هتئون هـڪ ڇٽي،
ڪـونهـي ڏوهـہ ڪـنهـن جو اڄي بـندي بـاب بـٽي،
هـڪ ٽڏا پـنـيو ٽاپـا، پـوءِ ڇاڻـي پـاڻ ڏٽـي،
جي الله هـيءَ وٽـي، تـہ ڏوريـنـديـس ڏڪـن ڪـي.

لوڪ گيت:

ڪن سڀوجهن جي دل تي جيڪي گذري ٿو ۽ زبان تي جيڪي تري اچي ٿو، سو لئي جي آڏار تي بولن جي شڪل اختيار ڪري لوڪ گيت بڻجي ٿو. سنڌي لوڪ گيت سنڌي ثقافت ۽ سنڌين جي عوامي ادب جو آئينو آهن، جن ۾ سنڌ وارن جي عام زندگيءَ جو عڪس نمايان نظر اچي ٿو. عوامي ٻولن ۽ جذبن جو هيءُ عظيم سرچشمو روايتي شاعرانہ تصور کان خالي هئڻ جي باوجود سهڻن، نماڻن ۽ سادڙن خيالن سان ڀرپور آهي.(٣) لوڪ گيتن جون روايتون سموري سنڌ مان ملن ٿيون. لوڪ گيتن جي ٻوليءَ تي پڻ مقامي محاورن جو اثر ٿئي ٿو. جيڪي لوڪ گيت سموري سنڌ ۾ رائج آهن، انهن جون جيڪي روايتون اتر مان مليون آهن، تن تي بہ اترادي لهجي جو گهڻو ئي اثر

آهي، يعني تہ ڪيترائي بند اترادي لهجي ۾ چيا ويا آهن ۽ لوڪ گيت ۾ شامل ڪيا ويا آهن. مثال طور هو جمالو ساري سنڌ ۾ مشهور ۽ مقبول لوڪ گيت آهي. اتر سنڌ ۾ هو جمالو لوڪ گيت ۾ اترادي لهجو ڪم آندل آهي. اهو مشهور لوڪ گيت پيش ڪجي ٿو:-

منهنجو جمالو جتن سان، هو جمالو،
جيجان جمالو.
لڙي ايندو لاڙ ڏلهون، هو جمالو، جيجان جمالو.
ڪٽي ايندو خير سان، هو جمالو، جيجان جمالو.
ايندو بندر بريج تي، هو جمالو، جيجان جمالو.
لهي ايندو ريل مؤن، هو جمالو، جيجان جمالو.
لهي ايندو لاريءَ مؤن، هو جمالو، جيجان جمالو.
جيڪو رتو وتي روح ۾، هو جمالو، جيجان جمالو.
ايندو سکر واريءَ پل تي، هو جمالو، جيجان جمالو.
منهنجو جمالو جتن سان، هو جمالو، جيجان جمالو.

لوڪ گيت "ڇلو" پڻ اتر ۾ خاصو مشهور آهي. ڪافي روايتون سرائڪي جون ملن ٿيون. اترادي لهجي وارو هڪ لوڪ گيت "ڇلو" هن ريت آهي:-

ڇلو پائي پيهان، ڪري روح رڄهان،
هي هي ڪوڪان ڪيهان.
جدا ٿيو آ جاني، آهي دل ديواني.

چلــو موجون ماڻــي ويــنــديــس نــيــٺ اباڻـــي،
سانــــجهـــــي يـــــا سياڻــــــي.
مــــنــهـــنــجا مارو موچارا، آهــن جيءُ جيارا،......
چلــو چاهـــي چاهـــي، وڃان كـــيـــچ كـــاهـــي،
جتـــــي پـــــــنـــــهـــــل آهــــــي.
ڏونــگــر كــي ڏوريــان، ونــدر كــي ووڙيــان،.......
چلـــو دلـــبر جو گوهـــر، سهڻو سائـــين دلـــبر،
مــــــلــــــــيـــــــس چاڻ ميهر.
اهــا گهڙي ٿيــنــدي، ڏاڍي خوشـــي ٿيــنــدي......
چلـــــو ميــــــنــــــا كــــــاري.......
هــل تــہ هــلــون سيتان، سهڻيون تــنــهــنجون ريتان،
جانـــــي مورو ويـــــنـــــي ڳايـــــان.....
هــل تــہ هــلــون كــاڇي، جانــب هــونــدو جاڻــي،
جانـــــي مورو ويـــــنـــــي ڳايـــــان.....
هــــل تـــہ هــــلــــون دادو، جانـــب لاٿـــم جادو،
جانـــــي مورو ويـــــنـــــي ڳايـــــان.....
هــل تـــہ هــلــون كــڇي، جانـــب جو سر بــڇي،
جانـــــي مورو ويـــــنـــــي ڳايـــــان.....

سنڌيءَ ۾ لولي ۽ بلوچي ۾ براهوي ۾ ليلڙي چون، هن ۾ عشق ۽ محبت كان علاوه نصيحت، صبح تي روانگي، پاڻي پرڻ، مال چارڻ ۽ ٻار كي سمهارڻ، ريجهائڻ وارو مواد هوندو. هي اتر سنڌ جي ماڻهن جو وڻندڙ گيت آهي.

ويـنـدا جو پـيائـين، تـيڏي هـٿ وچ كـهاڙي،
قســـر هـــي خدادا، ول آويـــن پـــويـــاڙي،
ڍولڻ لولي....
ويـنـدا جو پـيائـين، ڏنـي ويـنـدائـين لـڙائـي،
مـين جو كـنجان، تـيكون خبر نـه كـائـي،
بكا لولي....
اڏريـان نـي كـونـجان، وچ لتيان نـي روهـڙي،
دلـــبر دي در تـــي، پــهسان مـــين نهوڙي،
الا لولي....
اڏريـان نـي كـونـجان، وچ لتيان نـي روهـڙي،
سونـــــي دي پـــــجري وچ، لالان دي جوڙي،
بكا لولي....
اڏريـان نـي كـونـجان، لتيان نـي روهـڙي،
هـك محـب ميڏا، ڏوجهـي كـلـڙيـان دي جوڙي،
الا لولي....

سنڌ جي مشهور اديب ۽ شاعر نياز همايوني جي لکيل لوليءَ جو نمونو.

لولـــي، لـــولـــي، لـــولـــي، الـــو،
سانـــت ســـك جي ٻـــولـــي، الـــو،
جوڀـن تـنـهـنـجو جهـنـك جي گـل جان،

واءُ نـــہ لـــڳيـــس شـــل اولـــي، لـــولـــي....

ڇاتـــــي ڳجين ٿو ســـــــڪـــــٿا بـــــادل،

تـــو وٽ ڇاٽ نـــہ ڇولـــي، لـــولـــي....

مرڪ جنـــين جي پـــرهـــہ جي مـــڪـــڙي،

ماڻ تـنبـہ انـــهـــن جي ڳولـــي، لـــولـــي....

هڪ واقعاتي لولي جنهن ۾ جيڪب آباد ضلعي جي اُنڙ واهہ، ڪنڊڪوٽ ۾ بيگاري واهہ جو ذڪر ٿيل آهي. هن لولي ۾ عارب ۽ نوران جي وڇوڙي جو احوال اوريل آهي.

عارب جي هـــونـــدي نـــوران پـــٽڙو هـــنـــدايـــو،

عارب مري ويـــو، نـــوران ويـــس مٽايـــو،

جانب لولي....

انـــڙ جي ڪـــپ تـــي، نـــوران لـــٿا تـــي ڏوئـــي،

اهـــي جايـــون ڏســـي، نـــوران رت پـــئـــي روئـــي،

جانب لولي....

واهـــہ انـــــڙ ڏاڍو وهـــــي ٿو پـــــورن ۾،

عارب مري ويـــو، نـــوران پـــئـــي سورن ۾،

سانول لولي....

ڳرڙي گهوڙي مٿان، ڪـــــلـــــڙن جو ڳاشو،

چڙهـــي ڏسان ڪـــونـــي تـــي، عارب جو لاشو،

لولي....

مــيرن پـــــيرن جو اڳي پـــــاڻ ۾ تــــــنـــــــازو،
جنـهـن عارب ماريـو تـنـهـن جو كـفـن نـه جنـازو
جيڏا لولي....
بــــورڻ گهوڙي جنـــــهـــن تـــي عارب چڙهـــيو آ،
عارب جو لاشو سچو رت رڱيو آ،
محرم لولي....
بــيــگــاري پتاري، جنـهـن كـي تـي سوسـٺ گهير،
حيف آهي پيڻ كـي، جنـهـن نـه ورتـو پاءُ جو ويـر،
بگالولي

پدل فقير جنهن جي درگاهه لوڊرن جي ڳوٺ جي پرسان تعلقي شكارپور ۾ آهي، تنهن جي لوليءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ميخان ســـي محبـــت جون، انـــدر جيءَ جڙيـــون،
ڪڏهن آکان ڪين ڪي، جيکي ڪاريگر ڪڙيون،
من ۾ روز مڙهيون، جيکي هٿ سان هوت كٽي ويو،
تون آ سـکـهو شـل راضي رب ٿيـنـدو، ڍولا لـولـي....

لئيكو.

هي گيت اصل ۾ بلوچستاني آهي، جيئن تـه اتـر پاسي جون حدون بـلـوچستان سان بـه مـلـن ٿيون. اتـان جا بـراهوي ۽ بـلـوچ قبيلا سياري ۾ لڏپلاڻ ڪري هتي ايندا رهندا آهن، جنهن جي ڪري هي گيت هتي اسريو.

پــــكـــــي چيهو، لالـــــڻ! كــــاگهڙي بـــــيهو،
لالڻ لئيكو چونداسي.

وجان هـــيـــث، لالـــڻ! موڻـــنـــدو نـــيـــٺ،
لالڻ لٺيڪو چونداسي.
پـــير بـــاري، لالـــڻ! جي مجيـــر يـــاري،
لالڻ لٺيڪو چونداسي.

رومال:-

هي گيت اتر پاسي خاص طور ڳايو ويجي ٿو. سرحد، پنجاب ۽ بلوچستان جي زبانن ۾ به ڳايو ويجي ٿو. رومال جي خاص نشاني طور مٺ سٺ ٿيندي آهي. هن گيت ۾ بيقراري، ويڇوڙي ۽ محبوب جي تعريف جا مضمون شامل هوندا آهن.

مڪنمونو:-

سائيڪل واري سنهڙي ڪي، ڪلهي تي رومال آ،
ڪلهي تي رومال آ، سوا روپئي وال آ، سوا روپئي....

ٻيونمونو:-

سهڻا پنهنجي هٿ جو رومال ڪنهن ڪي نه ڏي،
ڪـنـهـن ڪـي نـه ڏي، دنـيا ڏاڍي ڏلـڪـي ٿي.

قافيون

عوامي شاعري ۾ قافيءَ جي صنف سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ مقبول آهي. سنڌي شاعريءَ جي صنفن مان "قافين ڪلامن" جو مواد گهڻي ۾ گهڻو آهي. ڪيترو سارو ته قلمبند به ڪونه ٿي سگهيو آهي. لوڪ ادب سلسلي ۾ تمام گهڻو مواد جمع ٿيو هو، جن مان چونڊ ڪري ٽن ضخيم جلدن ۾ قافيون پيش ڪيون ويون آهن. اتر سنڌ ۾ قافين چوڻ ۽ قافين ڳائڻ جو رواج تمام گهڻو آهي. اترادي لهجو قافين

ڪلامن ۾ ظاهر ظهور موجود آهي، ڪن مڪيه شاعرن جي قافين مان مثالي بند پيش ڪجن ٿا. جن ۾ آترادي لهجي جون خصوصيتون موجود آهن:

١ـ ديدان ديدن سان اڙي ويون، هاٿي چشم ڪير چوري
دام زلف جا قابو جو پيڙا، ڪير سگهي ڇني ڇوڙي
ابرو واريون تيزتراريون، سيني هينون جانب جوڙي
پيڪان پنبڙين جا هن نڌر ڪي، ڏوسست ڏنا آهن ڪوڙي
عشق اوهان جي آتش لائي، نينهن وڏو آهي نهوڙي.
اڱڻ اسان جي آءُ پيارا، قدم قدم تڳون ويان گهوري
تو بنا سُهڻا حال اندر جو، ڪنهن سان نڌر ويهي اوري
"راض محمد" ڪي راتيان ڏيهان، سڪ اوهان جي وڏو جهوري.
(راض محمد خان عاشق)

٢ـ متي اڏاٿو باز، ڪپي مُرادان ڪلئي
اڇي اندر متون پيدا ٿيو، اناالحق جو آواز
ثابت نينهن نفي ڪيو، سڙيو هٺڻ جو ساز
بيخوديءَ جي بحر ۾، شوق ٿيو شهباز
"ميرل" هن مسڪين تي ٿيو الاهي راز.
(فيض دريا شاهم ميرل).

٣ـ لاتي عشق اوهان جي لوري
لتي دوست نِيو دل زوري

زلفان تنهنجون آهن عنبر
چشمان تنهنجون ساڱي خنجر
کي چاڪ وجهن ٿيون چوري.
آءُ تنهنجي ڏينهن گذاريون
ڳالهيون ڳرهي دلڙي ٺاريون
اما رات وڇوڙي جي گهوري.
سِڪ اوهان جي کين لهي ٿي
سهڻل سائين روز رهي ٿي
جيءُ جان جني منجهه جهوري.
"مفتون" آکي ڪر احساني
آءُ تم اصل ڪوڙن دلبر جاني
آهيان پڌڙي اوهان جي ڏوري.
(مفتون همايوني)
۴ـ ڪهڙو ڏيان مان حال هجر جو
لڙون پرين مون سان لايون هليو ويو
درسن دوست پسائي پنهنجو
چاهه ڏيئي دل چايون هليو وو
درد مندن جي دل تي دلبر
ڪوپ غمن ڪڙڪايون هليو ويو.
سڪندي سال ٿيا جنهن پر لئي
پير اگهي منهنجي پايون هليو ويو.

دوســـت بـــنـــا مون دم نـــہ اچھـــي
سيـــنـــي انـــدرسمايون هـليو ويـو.
"عـلـوي" جھڙا سويـــن پـيا سرتـيون
گھوري يـــــــار گھمايون هـليو ويو.
(مير علي نواز علوي)

٥- اڪ ٿيا تہ انار، سڄڻ تنهنجي سانگي
ڪـرڙ ڪـڪوريا ڪـنـڊيـون ڪـانـڊيـرا
ڳم ڳچيءَ تـــــي ڳتڪـــــن ڳيرا
ڏار وجهـن پـنـهوار، ڇيـلـن ڪـي ڇانـگـي
اور انـــــــــدرم ڏي اجهڪارون
ڦرڪـــي ڦاڪـــان ٿـــي دل ڦارون
قادربـــش قرار، پــوءِ نــاهــي نــانـگـي
(قادر بخش گولو)

٦- جتن جون جبـــــل ۾ آهـــــن جام جهوڪان
موتـــڻ ڪؤن مهانـگـيون پـنـهـل جون پلهوڪان
ڏٿـــيءَ ڏيـــر ڪـــيڙا وتيون هـــوت ويڙا
پـلـڻ مٿـيءَ جي پـيڙا، اهـڙا ويـڻ لوڪان
ڪٿوريـون ٿا ڪائـن، ڪـنـهـن ڪـي ڪـين ڀڏائـن
ورهـــيہ ٿيون وسائـــن، پـــڪيون پـــاڪ پوڪان
ڏڪـــن ۾ سورن جي ڪـــريـــان ڳالـــهہ ڪـــهڙي
واهـــن واهــــہ واهـــيون، لـــڳن عام موڪان

ڪهڻ لئي ڪهمان منهنجو سڪ سِر وڃايو
"وريئل" وس نہ آهي، نيون نينهن جون لوڪان.
(وريل فقير)

٧ـ موتن ڏي منگلاج ۾ هلڻ جون پورب منجهہ پچاران
پــــــــــــــــــون ٿيون عرش پڪاران
سامي هليا سنيري ستڪر ڏي لاهي لوڪ مياران
سگيون سنڪ وڃائي ڪن تا گاوڙي گجڪارن
ڪنڊِل ڪنٺ ڪڙولا ڪڙيون ڪنگڻ جون قطاران
جوڙي جتائون جوڳ جڳٽ جون جوڳي ڪن جنساران
ويا ويراڳي ولجهليون وڃائي، ٽڪين منجهہ تنواران
هوڪا هُل هنگام هنيون ويا هو هو جون هونگاران
گوني گيان گگن جو "غمدل" غازي ڪن گفتاران
خاڪ لڳين سِر سيلهيون سناسين، اڪڙيون ميڪهہ ملاران
(قادر بخش "غمدل")

سينگار

عوامي شاعريءَ ۾ "سينگار" جي صنف وڏي اهميت رکي ٿي، ڇاڪاڻ تہ محبوب جي حسن و جمال، خط و خال، باڪمال ۽ بي مثال جو بيان اهڙي تہ نازڪ ۽ نفيس نموني ڪيل آهي، جو شاعرن ۽ سگهڙن جي بلند خيالي ۽ ذهني ذوق جو پورو پورو پتو پوي ٿو. سينگار جي بيتن مان محبوب جي سونهن ۽ سوڀيا جي تصوير هڪ طرف چٽي ٿي بيهي ٿي. تہ ٻئي طرف بيت بذات خود سهڻي پوچ ۽ نفاست جي ڪري سينگار ٻڌجيو پوي. (٥)

سينگار جي شاعري سموري سنڌ ۾ ڪئي ويندي آهي. ڊاڪٽر بلوچ اتر جي شاعرن جن سينگار جي شاعري ڪئي تن لاءِ لکيو آهي ته: صابر موچي، صادق ڪتي ۽ صادق ميربحر غالباً پهريان وڏا سگهڙ هئا جن اتر طرف هن ذوق کي وڌايو. اتر جي ٻين شاعرن جن سينگار جي شاعري ڪئي تن جا نالا هن ريت آهن:

ڏتو رنگريز، ملان هوت موچي، الله بخش ڪاڪيپوٽو، وڏيرو شادي خان، ميان علي شاهه، يار محمد ڪاڪيپوٽو. وريل شاهه، محمد رمضان ڪاڪيپوٽو، محمد سچل ڪاڪيپوٽو، خدابخش حجام، ڪريم بخش موچي، امير شاهه، غلام فريد ڪاڪيپوٽو، لال بخش موچي، سائين رکيو ڪاڪيپوٽو، واليڏنو فقير، حجام. (٦)

سينگار جي جن شعرن ۾ اترادي لهجي جون خصوصيتون ڏٺيون ويون آهن، تن مان ڪي هت ڏجن ٿا.

١. رڏان رجني جيهون، ڇم ڇيهل ڪئون وڏَ
انف انڪ ڪئون آڪرو، رُوءِ ۽ رين ڪيو رَڏَ
ڪيس، ڪسنب، ڪنگوءَ ويتر خوب پريان جا خَدَ
ڏِچن دلبر جا پسي، وچي در پيا منجهه دَ ڏَ
چِهرو چمڪيو، چي ڇپي ڪيو زيب ذهب کي زَڏَ
جوزاجانب کي پسي اٿيو عشق منجهارئون اڏ
ٿور پسڻ کي مور هليا، پيو سُنڪر کي ٿي سَڏَ
"حمل" چئي هِت حد، بيشڪ ناهه بيان کي.
(حمل)

٢. جيئن الدلڪ اپ مؤن ايري تنهن ڪان پير وڏو پروَنِ
موتي ڏنو محبوب جا، سون نسم ثاني تن

چوان چؤٿـــو چنــــڊ ڪٿون، مـنـهـــن تـہ محبوبــن،
سونـهـن تـہ سپريـن، ڏلـي والـي پاڻ "وسـنـد" چئـي.
(وسند)

٣ـ ظـالـمر زلـف سڄن جا هـن ڪـارا ڪـيـس ڪـڪر
تـنـهــن چوڙي چڏيـا هـن شان ڪون تـڙ تـي تـلـيهر
ڪـنـدمر پروش پـاٺـهين مـنـهـنجو حالـت ڏسـي هـيڪر
ڪـــي ڪــنــــي جي آڏر، آئـــون "اگڻ" آڏر اُن جي.
(اگڻ فقير)

ٽيهہ اکريون

"ٽيهہ اکريون" جي شاعري سموري سنڌ ۾ مقبول آهي. اترجي ڪـيترن ئي شاعرن "ٽـيهہ اکريـون" چيون آهن. هيٺ ٽيهہ اکريـن جا ڪجهہ مثالي بند ڏجن ٿا، جن ۾ اترادي لهجي جا عنصر موجود آهن:ـ

ميـــر ٿون مــلـــڻ جون ڪـــر، ولـــهــــيءَ سان وايـــون
پـــاڏايــان ٿو پـــارو چل لـئـي، پـانـد ڳچيءَ پـايـون
ڪـائـــڻ اچن "ڪتــيءَ" ڪــي جانـــب تـــوڙيءَ جايـــون.
"مــنـهــمر مغفرة و اجر عـظـيــمر" ڪــر ساجن! پلايـون
وئـين لـــنءَ پـــارو چل لايون، پـنـهـل ايـنـدءَ پاٺـهي.
تـــون ٿــون نمــاٺــيءَ ، وجي ڪـــالــڪــا ڏيـــج خبر،
پـــيريـــن پــنـــڌ نـــہ اڃهـــي، پـــتون ڪـــيا پـــتر،
آزاديءَ سان عثمان چئـــي، ڪـــج پـــريــنءَ وٽ پـــچر
لـقد جائـڪـــر رسول مـــن انـفسڪــر، آهــيان تـــو آڏر
ڪــيجي لـــهہ تـــون ڪّر، پـــنـــهـــل ايـــنـــدءَ پـــاٺـــهـــي.
(عثمان ڪتي)

مداحون۽مناجاتون

اٽڪل اڍائي سو سالن کان وٺي مداحون سنڌ ۾ عام مروج ۽ مقبول رهيون آهن. مسجدن ۽ مدرسن ۾ سعادت طور پڙهيون وينديون آهن. ازانسواءِ ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ پڻ عيدن برادن ۽ شادين جي محفلن ۾ "شغل" طور ڳايون وينديون آهن. (٧)

هت اتر جي شاعرن جي مداحن ۽ مناجاتن جا ڪي بند پيش ڪجن ٿا، جيڪي اترادي لهجي جي نمائندگي ڪن ٿا:-

١- سوين لک سوالي ٿا تو هؤن پن،
اوهان جا نه ڀئي درڪي پالهان وڃن،
اچي واٽ دامن پلي جي وٺن
مڙيئي سائين جا گولا غم نه ڪن.
پهچ پير درماندگان دستگير
مريدن مددڪرمحي الدين مير.

٢-خاص ختم الانبيا خير البشر
تون پلو سرتاج سڀ ڪٺون سربسر
انبيائن ۾ اُچو ڪُل ڪٺون ڪثر
عاصين جو آسرو يوم الحشر.
يا رسول الله عربي الغياث.
(حسين فقير ديدڙ)

٣- پرٿون هيس پياسو دلبر ڏنو دلاسو
غم جو رهيو نه ماسو، رس يا سخي سرور

پهچ اچي پيغمبر!

محبت جَنِي جي مونسان، مولي ميلين تَني سان
مشڪل هجيم آسان، رس يا سخي سرور
پهچ اچي پيغمبر

دليئون گهريم دعائون، ڪرمؤن قبول ڪيائون
من جون پنيون مرادون، رس يا سخي سرور
پهچ اچي پيغمبر

(ميان حامد الله)

۴۔ناهي ڪو موڙؤن متو منهنجي مداين پاند ڪو
عاجزن اپوجهڙن ۽ بيڪسن جو پرجهلو
احمد عربي! سٺي فرياد تن واهر ورو
دلبرا دامن لڳيءَ جو داد ڪر هر دو سرا.

دم دم صلواتن سرورا ! ماٺهو مَلَڪَ توتي پڙهن
ڇا زمين و آسمان لوح و قلم ڪو ڏڱون ڪهن.
عيبئون ايجو ڪر احمدا! هي ڏک ڏولاوا سي وجن،
آهون سٺي احمدا سيد سٺي منهنجي صدا.

---

۵ توڙئون تنهنجو سنگ سڏايان، گولن جي آءُ گولي آهيان
هر دم هادي مرشد پانيان، آءُ مل جاني! ڪانگ اڏايان
دلبر تنهنجي دامنگير، مدد ڪندين تون مرشد مير

عاشق مولا قطب ڪبير.

سهوان مون منجهہ سهس هزار، ڏوهہ گناهہ ڏاڍو ڏار
ڪافن ۾ اچي رس ڪوهيار، وير ڪندين تون ور وهار،
ڏوهن ڪيڙس زور زهير، مدد ڪندين تون مرشد مير
عاشق مولا قطب ڪبير

(غلام حيدر شر)

مولود

"مولود" عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نئون ڄاول ٻار، ٻار جي ڄمڻ جو وقت. سنڌي محاوري ۾ مولود اهو نظم آهي، جو آنحضرت صلعم جي ولادت باسعادت جي مسرت ڀرئي موقعي تي سنڌن شان ۾ چيل هجي. (٨) مولود نہ صرف خوشين جي موقعن تي چيا ويندا آهن پر جنازي سان گڏ قبرستان تائين پڻ مولود چورايا ويندا آهن. اتر ۾ خاص طور تي جنازي سان گڏ مولود چيا ويندا آهن. مولود اتر سنڌ ۾ تمام گهڻومقبول ۽ مشهور آهن. رمضان ۽ عرس (ربيع الاول) جي مهينن ۾ مولودن جون مجلسون ۽ شغل جام ٿيندا آهن. اتر ۾ ڪيترا مشهور مولودي ٿي گذريا آهن. ساڳي وقت ڪيترن ئي بلندپائي شاعرن مولود چيا آهن. هت حسين ديدڙ ۽ صاحب ڏني جا ٻہ مولود پيش ڪجن ٿا. جيڪي اترادي لهجي ۾ چيل آهن:

١. پاڪ پيغمبر بادشاهہ عاليشان عظام
داور ڪيو دارين ڪي، تنهنجي هيٺ حڪام
حوران تنهنجا هاشمي ملن پَير مدام
خاص ملائڪ خدمتي آين وارا عام
مُنجان تو ڏي مصطفيٰ، صبا هت سلام

ڪنڌين شل قبول تون پاڇيءَ جا پيغام
ويهر وسيلا واهه روعالم چام امام
ٻڌي ڏانهون دلربا، ڪج ڪو غور غلام
آجهو تنهنجو آسرو، تڪيو زور تمام.
ڪيو مير مريض ڪي، اچي دولهه منجهون دام.
عاصي عاجز احمدا، لڳا تنهنجي لام
رکج هت "حسين" چئي، اچي سرور مٿان سام
(حسين ديدڙ)

٢- مون ڪي نرمل نبي ڏيکاريو، روضو رسول الله جو.
مسجد مديني مير جي، جامع وڏي جنسار الو
نيلان منارا نور جا، سورنهن مٿي سينگار الو
صاحبڏنو چري سيدا، تنهنجي اجهي آثار الو
ناقص نڌر آهيان، نبي نالي خدا جي نهار الو
(صاحبڏنو)

هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا

هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا، هڪ خاص قسم جا عنوان آهن جن جي سري سان شاعرن پنهنجا شعرجوڙيا آهن. هئيت جي لحاظ سان اهي جڙ سانچا يا قالب آهن جن ۾ شاعرن پنهنجا بيت سموهيا اهن. انهن عنوانن ۽ قالبن جي نالن پويان احساسن ۽ ڪيفيتن جو داستان پنهان آهي، جنهن جي اثر سببان ئي ان قسم جا شعر اسريا ۽ رائج ٿيا. (٩)

هت اتر ۾ چيل اهڙن سخن مان ڪي پيش ڪجن ٿا:

خميس وار كنيو هڙ هڪلان ڪري دڪايل دالهان،
آءُ پنهل! ڏس پير پاڻ ڪيا چولي ڇيتيون چاهان،
ڳوليندي وڻڪار وندرم واليءَ ڪيڙس واهان،
ماڳ انهيءَ تي موٽي ملندءِ، ڪيڇي ڪاهون ڪاهان،
آيس هوت هاڙهي ۾، اکيون ايائيءَ آهان،
پارئون برهه بلوچ ٻڳي ٻن پردي ساڻ پناهان
ويس وڳا پهري پوشاڪان، خوب خوشيءَ مؤن خواهان
ور جي آئي غم ويا، ٿيون سدا سهاڳ صلاحان.
(بخش علي جتوئي)
چنچر ڏينهن ڪيو، ڀڳڻ وجهي ٻنگ
ديدان ديدن سان ويو، اڙائي آڙٻنگ،
لور نزاڪت ناز منجهان، نايو نينهن نسنگ،
چوري تنهن چنگ، چوٽيءَ تائين چور ڪيو.
(عبدالرحيم داروغو)
ووڙي ورتم پائهي، ڪري اربعا تي اقرار
نيهن جون نوڪان تڪيون تفنگان لڳن ليل و نهار
اهي اصلوڪا اقرار، آءُ پاڙ اچي پريت جا
(عبدالرحيم داروغو)

هنر

اُتر پاسي سگهڙ تمام گهڻا ٿي گذريا آهن. جن ۾ استاد محمد سوايوموچي، خالق پرڙو، فقير عثمان سانگي، قلندر بخش بدوي، ميان شاهه محمد ديدڙ، لال فقير ڪورار، ميفل پٽي، اسماعيل پهوڙ، اسماعيل ڪيهر، قلندر بخش ڪيهر، بدر الدين ڪيهر، امام بخش کنڊراڻي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا آهن. لعل فقير ڪورار لوڪ ادب جي مڙني صنفن تي ڀاڻ ملهايو آهي. سندس هڪ هنر نموني طور پيش آهي.

سهڻـــي هــلـــي سِير وتـــي، هــيـــس گهڙي ساڻ گذر،
اڳيان ڪل نہ پيس ڪڙڪي جي، اچي واڳن ڏنس ور،
اچي واهــر ڪـــر ولـــهـــي جي، مون تـــي ڪـــر ميهر،
ڏسان شـــل اڪـــين سان، پـــيـٽـــن ڪـــي پـــيهر،
اچي آنـــيور، ڪـــسيائـــين قرب ڪـــورار چوي.

مٿين هنر ۾ سگهڙ هرڻي جي معجزي جي ڳالهہ دهرائي آهي، جيڪا ڪنهن شڪاري جي دام ۾ ڦاٿي هئي. هن جا ٻچا ڪائنس پري هئا. هن مرڻ کان اڳ هڪ دفعو پنهنجن ٻچن کي ڏسڻ ٿي چاهيو. چون ٿا تہ حضور صلعم جن هرڻي جي ضمانت ڏني ۽ هو ٻچن کي کير پياري واعدي مطابق واپس وري.

هن هنر ۾ هيٺين لفظن جي لڪ رکيل آهي.

پهرين سٽ ۾ : سهڻي = سو هرڻي + گهڙي = گاهڙي (گاهہ)
ٻي سٽ ۾ : ڪڙڪي = ڪوڙڪي + واڳن = واڳيون (رسا)
ٽين سٽ ۾ : ميهر = مهر (رحم)
چوٿين سٽ ۾ : پيٽن = پٽن (ٻچا)
پنجين سٽ ۾ : آنيور = انور (حضور صلعم)

گروچيلو

محمد اسماعيل ڀوڙ، استاد ٻيڙي خان ڪنيار جو شاگرد آهي. سينگار، ڀاڪو ڏٿ پرولي، هنر ڳجهارت، گرو چيلا ۽ ڏور ۾ وڏي مهارت رکي ٿو. هيٺ سندس گرو چيلي مان هڪ نمونو پيش آهي.

گروچيلو ۾ ڪي ٻه ٽي سوال ڳجهارت طور ڪيا ويندا آهن ۽ تنهي جو جواب ساڳيو هوندو آهي.

گرو چوي ٿو : ڪاتي وهندي نهين،

ٻڪري ٺهندي نهين،

مسيت ٺهندي نهين.

هن ۾ سگهڙ پڇي ٿو تہ ڪاتي ڇو نہ ٿي وهي، ٻڪري ڇونہ ٿي ٺهي ۽ مسجد ڇونہ ٿي ٺهي.

جواب ۾ چيلو چوي ٿو؛ گرو، او سامهين نهين.

يعني ڪاتي انهي ڪري نٿي وهي جو هو سامهون يعني سڌي ناهي. ٻڪري انهيءَ ڪري نٿي ٺهي جو شينهن هن جي سامهون ناهي. مسجد تڏهن نٿي ٺهي جو آها ڪعبي جي سامهون ناهي.

حوالا

(١) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. ڏور. لوڪ ادب سلسلو. "سنڌي ادبي بورڊ.

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. عمر مارئي. لوڪ ادب سلسلو. سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٦ع. ص- د کان ح

(٣) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. لوڪ گيت. لوڪ ادب سلسلو. سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٥ع. ص- ١

(۴) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ قافيون جلد ۲. لوڪ ادب سلسلو. سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۸۷ع. ص - ٦

(۵) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو. لوڪ ادب جو تحيقي جائزو ۱۹۸٦ع ص- ۱۲۹.

(٦) ڊاڪٽر نبي بخس بلوچ. سنڌي سينگار شاعري. لوڪ ادب سلسلو. ۱۹۸٦ع ص- ۱۷۹.

(۷) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. مداحون ۽ مُناجاتون. لوڪ ادب سلسلو ۱۹۵۹ع ص- ۱

(۸) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو. لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو ۱۹۸٦ع ص- ۳۱۸

(۹) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا. لوڪ ادب سلسلو. ۱۹۴۱ع ص- (۱)

باب ستون

ٱترادي لهجي جا خاص لفظ

(الف)

آجا پاجا = حساب برابر
آچار پائڻ = آچارتيار ڪرڻ
آڍڻ = مالش ڪرڻ
آرايون= گرمي داڻا
آرس = سستي
آرسي = سست
آڪڙ = غرور
آڳو = اڳيون حصو
آڳهارڻ = ڏوئڻ
آلسي = سست
آٺو = ناپاڪ، سٺو جوضد
اَپ = ڪڪريون

اَبس = حبس
اپي ساهي = دم جي بيماري
اَتت = اُس جو تاءُ
اٽامٽا = مٽا سٽا
اٽڪڻ = جهيڙو ڪرڻ
اٽل = واڌارو ڏيڻ
اپياپ = مسڪين طبع
ارجهڻ = الجهڻ
ارڪو ترڪو = مال اسباب
افراط = اجايو
اڪائڻ= بند ٿيڻ
اَڪو = سمورو

اڳلا = اڳيان

اڳو پوء = گڏو گڏ

اگهريل = اڌڙيل

اڱڻ = آڳر

اليل= پُور، اڌمو

امارو = سج جو ايرڻ

اميري = ڌاڳن کي ڳنڍ ڏيڻ

انڊ وڻڻ = بهانا بنائڻ

اڻ کليل = بيمار، هيڻو

اوٿپو = چالاڪي

اوتار = خيال، اوتتار

اوجهراڪي = ننڊ جو گهيرٽ

اورار = اورين پير

اوساري = پٽ ڪٽڻ

اوڳر = اندر جو حال

اولڻ گهولڻ = قربان وڃڻ

(ب)

باڪسُ = ماچيس

بتر = بدتر

بني = قبر

بدبدو = بهتان

بدي ڏيڻ = بڪواس

بڪوات = بڪواس

بڪيڙو = ڦڏو

بگو = ڪوڙهيو

بڳو = اڇو

بِلو = حيلو

بوڇڻ = ڪلهي تي رکيل ڪپڙو

بود = مستي

بودل = چريو، چرئي

بيک = ويس

(ڀ)

ڀاتو = ڀتڙ

ڀاجهون =کان سواء

ڀاڙو = ڪوڙو

ڀتالو = ڀتاتا

ڀُٽو کوهم = کوهم جنهن کي ڀڳ
يا مولهہ نہ هجي

ڀُٽو = بنا زيورن مرد

ڀٽي = بنا زيورن عورت

ڀٽ = جڙيل، گڏ

ڀچتي = اصل چت هيٺان ٺاهيل

چت سامان رکڻ لاءِ
ٻرگهل = وڏو سوراخ
ٻک ۾ اچڻ = پريشان ٿيڻ
ٻکرال = اوير جو مينهن
ٻن سُين صبح = ٺاڪ منجهند
ٻنڍ = هڙ
ٻنڊو = ڪسيءَ کي ڏنل بند
ٻنکر = نوان ڦٽل گل.
ٻوڪڙ = وڏو آواز.
ٻوڪي = ننڍي چادر
ٻوهي ڏيڻ = آزار ۾ ڏيڻ
ٻيو = ٻيو ٻه

(ڀ)

ڀچڻ = پورو اچڻ
ڀينڍ = پٿر
ڀينگيو = سجو

(ت)

تباک = گهٽو ڪائيندڙ
تتر ڪرڙيون = ننڍيون سفيد ڪڪريون.
تتي تاءِ = هڪدم
ترلان = تريل
تهوت، تاهوت = تڪڙ
تؤ = تپش

(ٿ)

ٿٽ ٻڌڻ = شاديءَ جي تاريخ مقرر ڪرڻ.
ٿيت = کير ولڻ لاءِ ٻول ڪرڻ

(ٽ)

ٽائڻ = ٻاهه تي مکڻ رجائڻ
ٽرخائڻ = دلاسن سان ٽارڻ
ٽڪا وٽڻ = پئسا ڪمائڻ
ٽڪو ۾ دعا = تعلق ختم ڪرڻ
ٽويو = اناج ماپڻ لاءِ ماڻ

(ٺ)

ٺرڻ = خوش ٿيڻ

(پ)

پاهٺي = پٿر ڪٽڻ وارو اوزار
پَتڪو = پڳ
پِتڪو = ماتم

پنڻ = موڪلڻ

پڏڻ = اگهڻ.

پرار = پرينءَ پر

پروڙ = پنن مان ٺهيل پٽڪيت.

پندي = مائي رکڻ لاءِ ڇٻي، دٻڪي

پُٽڻ = ذليل ڪرڻ

پوتڙو = ڪپڙي جو ٽڪر

پهراڻ = ململ جو چولو

پيڇو = پويون حصو

پيهه = رش، گپاگيهه

(ج)

جات = جماعت = ڪڙم قبيلو

جان = يا

جائي = سچي

جرڪو = چمڪو

جِنبَ = پٽر، وڏو پٽر.

جَود = جلد

جُوهه وجهڻ = لاڳيتو ٽڪڻ.

(چ)

چڱهه = ننڍي ڪڏ

چوچڙي = ٻاهه جي سنهي لاٽ

چوچڙي ڏيڻ = تپائڻ، تنگ ڪرڻ

چولو = پهرياڻ.

چيٽ = رڙ.

چاڳ = نخرو.

(ڇ)

ڇڙيو پاڻي = درياءَ جو پاڻي.

ڇل = پاڻيءَ جو ڪٽورو.

ڇمر = ڪڪر.

ڇيت = ڪڪ.

ڇيهڙ، ڇيٽڙ = سنيون عادتون.

(خ)

خسيون = ڪچيون ڪارڪون.

(د)

دل هول = دل جو خوف.

دوڏا = اکين جا تارا.

دونڪڻ = ٹمڪڻ.

دونو = وٽن جي پنن جو ٺهيل پٽڪيت.

(ڏ)

ڏاڳو = تعويذ.

ڏام = دولت.

ڏانڌل = جهيڙو، ڦڏو.

ڏئونڪ = ورجاءُ

(ڏ)

ڏاجو = ڏاج.

ڏاڏر = ڪاوڙ، آڪڙ.

ڏاوڻ ڏيڻ = شاديءَ جي هڪ رسم.

ڏڏل = ڏڪايل.

ڏڏريل = ڪٽيل.

ڏنگ = اڏ پڪل ڪارڪ.

ڏوڏا = اڻ پڪل ڪاري

ڏوڪا = اڻ پڪل ڪارڪ

ڏوگهڻ = هڪ ڳيت سان ٻي چڏڻ.

ڏوگهو = گهٽي اچ.

ڏيب = بخشش، ڏاج.

(ڊ)

ڊاڙ = ٻتاڪ.

ڊامبر = ڏامر.

ڊنب = ماٺهن جو ميڙ.

دنبلو = ماٺهن جو ميڙ.

ڊونگل = طعنو.

(ڍ)

ڍار = سهارو.

ڍاڍ ڪرڻ = زور سان روئڻ.

ڍر = وقفو، وٿي.

ڍڍ = پيٽ.

ڍڍر = وڏي پيٽ وارو.

(ذ)

ذڪر پچائڻ = ذڪر ڪرڻ.

(ر)

راهڪ = ڪڙمي.

رجبي، ستاويهين رجبي = پير ڳوٺ ۾ ٿيندڙ ٢٧ رجب واري تقريب.

روازي = رياءُ رکندڙ.

روڻ = درياه يا واهه جي اندر نندي گهاري.

رهو = رس.

رئو = چادر، پوتي.

ريڪ = ليڪ.

ريڳاڙو = رت يا ڪنهن پاڻيٺ جون ڌارائون.

ريهي ريبي = برغلائي، پريائي.

ريهاڻ = رڙيون.

(ز)

زمرڪ = وڏو نقصان.

(س)

ساماڻو = جوان ٿيو.

سبب = جن.

سبيل = ججهو.

ستوهه = تاڪيد، پارت.

سترو = سولو.

سردر = در مٿان رکيل ڪاٺ.

سڳداسي = چانورن جي هڪ جنس.

سَنڌو = فرق، نشان.

سنسو = وهم.

سوٽڻ = مالش ڪرڻ.

سؤنسو = وهم.

سيبائڻ = وٺڻ.

سيگهه = جلد، تڪڙ.

سيهو = سهنج.

(ش)

شتربي مهار = بي محابو، مطلبي.

شترو = بي محابو، مطلبي.

شنگ تي چڙهڻ = رُسڻ، ضد ڪرڻ.

شوڪي نهارڻ = ڪاوڙ مان نهارڻ.

شوم = مغرور، ڪنجوس.

(ع)

عرس جو مهينو = ربيع الاول.

(ق)

قڪرو = واڻڪو

قڪل = اٽڪل.

قڪڻ = قڪ پري ڪاڻڻ.

قڪو ٿيڻ = شرم اچڻ.

قڪو پورڻ = اچو ٿيڻ.

قلهڙو = ڪمزور.

قوڙ = پٽر.

قوڪ = ڪاوڙ.

قوڪ = لادعوٽي

قيهه = مار.

(ڪ)

ڪاتر = خاطر، واسطي.

ڪانگهاري = پوئين ڪير واري مينهن يا ڳئون.

ڪائي = ارٽي.

ڪٽ = سنها جيت.

ڪٽ خلق = عام رواجي ماڻهو.

ڪَڍ = الٽي قيءُ.

ڪَڍ پوڻ = پوئتان پوڻ.

ڪرڪر = رنجهه ڪنجهه.

ڪسريل = ناراض، ڪاوڙيل.

ڪنگڻي = چانورن جي جنس.

ڪنگڻي = چوڙي، ٻانهن جو زيور.

ڪني ڪترائڻ = پاسو ڪرڻ.

ڪوساپوڻ = گرمي داڻا.

ڪيس ڳائڻ = ڪيس لڙڻ.

(ک)

کپ = ننڍڙي ڪذ.

کتاڻ = آچار.

ککڙا يا کوکڙا = ٻير جا ٻج.

کنڌو = وهي.

کنڌو کڻڻ = نقصان پهچائڻ.

کوڙ = جام، گهڻا.

کيد = ٺڳي.

(گ)

گهو = زڪام.

گتل = پوريل

گٽ منڙو = بندرو. هڪ گرانٽ ۾ هڪ مُٺ جيترو.

(ڳ)

ڳچل = ڳچ تيل، هڪ ذات.

ڳل پوڻ = ڳچيءَ پوڻ.

ڳِڳَ = ميڏو.

گندان = هنڌ بسترا.

گيدو = ڪيسو.

گهوگهه ڪرڻ = ڳالهائڻ ۾ ڊيگهه ڪرڻ.

گهوگهي = ڳالهيون.

گهيڪَ = پُور، خيال.

گهيڪاني = پنهنجي خيال وارو.

(ل)

لاڪون = ڪان وٺي.

لاوڻ = تيوڻ، پاچي، پوڙ.

لائي = ڳڙ ڏاٿي.

لَبُ = لالچ، رشوت.

لپر لاهڻ = زخمي ڪرڻ.

لک تي متو ڏوڻڻ = امير هجڻ.

لڳڙو = ڪمزور.

لوڪ لڪا پوڻ = خلق ڪي خبر پوڻ.

لونجهہ = ڳتي.

لوء = جهولو.

ليٿَ = پوڏ.

(م)

ماتو، متو = مون چيو.

ماندائي = اداسي.

مانبي = جادوگر.

مانڌاڻ = اڻ تڻ.

ميان = ميون.

مچو = مجموعو.

مڏ = ڪانن جو ترهو.

مزرو = شاباس، انعام.

مڳي = غرور.

منجڻ = موڪلڻ.

مُندر = ڪير وارو.

منٻ = جادو.

منزل پڙهڻ = قرآن مجيد جو مقرر حصو پڙهڻ.

موريز = ڪاڪوس.

موشو = بهانو، عذر، پاسو ڪرڻ.

موٺو = گاهہ يا ڪپڙي جو ويڙهو.

مهي ولوڙ = مانڌاڻ.

ميسڻو= بناوتي معصوم.

مٺي = گاهہ يا ڪپڙي جو ويڙهيل ٽڪرو، ٿانون ڏوڻڻ لاء.

(ن)

نِتُ = سدائين.

نب = آسمان.

ندان = آخر ڪار، دنگ.

نرچو، نرچيو = ڪجيءَ جي وڻ ۾ نر پوڻ.

نود = نرچو.

نيرڳ، نيرڳي = پاڻيءَ جو پکي.

(و)

واٽڙي واڇ = موڳو، بيوقوف.

وَٽَ وٽڻ = ڌاڳتو چڪڻ.

وجهہ = نسل، قسم.

وچٿو = هٿ پکو.

ورجيس = ريت، رسم.

وِسو = موڳو.

وسيهر = ڪاريھر.

وَنُ = رنگ.

ونڌ = ورجاءِ ، ڊيگهہ.

ونواهم = وناهم.

وهڪيل = ويهجي ويل.

ويدن = مصيبت.

ويسورو = حيرت، عجب.

ويسوڙو = ويساري وارو.

ويڳ = بيماري، متو ڳرو ٿيڻ.

ويڳو = ساڳئي جو ضد اصل بجاءِ بيو.

ويٺي = ڪرائي، ٻانهن جي.

(هہ)

هتر = شرم.

هودي = ننڍو حوض.

هود = حوض.

هشناڪي = چالاڪي.

هول = خوف، هور.

هيڪل = اڪيلو.

(ي)

يلوان = بيوقوف، موڳو.

يڪو = هڪ منو ، سانده.

باب اٺون

اُترادي لهجي جا پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح

١-آخر موچاري ڪرڻ.
٢-آڍڙو پيڙو ٽيڻ.
٣-آسمان تان ڪري ڪجيءَ ۾ اٽڪڻ.
٤-آسمان تي چاڙهڻ.
٥-آڳو پيچو جا چڻ.
٦-آڱوٺي ڇاپ.
٧-آڱوٺو ڪڍي ويهڻ.
٨-آلو نور مٽي جو سور.
٩-آني مان قتل.
١٠-آئي ويل ڪم اچڻ.
١١-آيا مير، ڀڳا پير.
١٢-ابتا پير ڪڍڻ.
١٣-ابتي پٽي پڙهائڻ.
١٤-ابو ڪسي، ڏيءَ وسي.

١٥-اپ ۾ تراريون هڻڻ.

١٦-اُتم کيتي، وڏي واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار.

١٧-اٿو نہ ڪو مٿو.

١٨-اٺڪي ہٺڪي سَيڏڻ.

١٩-اٺو ہڏي پويان پوڻ.

٢٠-اٺو چي گھوپاٺو.

٢١-اٺو ڪائي ڪوٺو، مار پوي گابي تي.

٢٢-اٺو ڪٺڻ.

٢٣-اٺ پنهنجي مٺ ۾ ترڪي.

٢٤-اٺ پير ٺاهڻ.

٢٥-اٺ جي لاهي چاڙهيءَ تي لعنت.

٢٦-آپي خاني لائي ڏيڻ.

٢٧-اڄ سيان ڪرڻ.

٢٩-اڄو منهن ڪرڻ.

٣٠-اڄي ڏاڙهي اٺو خراب.

٣١-اديءَ ڪي جن نہ ڪن، ادي ڪي عشق الڏو ڪيو.

٣٢-اُڏاري جي ماءُ مئي نہ آهي.

٣٣-اڏ ڪي چڏي سچي ڏانهن ڊڪي، تنهن ڪي سچو تہ نہ ملي، پر اڏ ڪان بہ سڪي.

٣٤-اڍائي گهڙن جو خير.

٣٥-اُڪريءَ ۾ مٿو وجهڻ.

٣٦ـاکين تي پردا چاڙهڻ.

٣٧ـاکين تي وهارڻ.

٣٨ـاک نہ ڏسي مڇ کي.

٣٩ـانڌو هاٿي لشکر جو زيان.

٤٠ـانڌي کي ڏيو ڏيکارڻ.

٤١ـاونڌيون پاڻيون پاسيرا ٿويا.

٤٢ـاُٺندو اُهائي، جا ڪوريءَ جي من ۾.

٤٣ـبخت ڏٺي ٻيڙو، تہ دال مان سيرو.

٤٤ـٻيڙو ڪتو ڏٺي پُٺائي.

٤٥ـٻڙ نہ ســبــزجـــي ٻها.

٤٦ـبيڪاريءَ کان بيگاري ڀلي.

٤٧ـٻہ شينهن ٻيلي ۾ نہ ماپن.

٤٨ـٻڏيءَ ٻيڙيءَ جون هريڙان ٻہ پليون.

٤٩ـٻڪريءَ کي ساهہ جي، ڪاسائيءَ کي ماهہ جي.

٥٠ـٻلي ست ڪُتا کائي حج تي هلي.

٥١ـٻوتيون حرام، رهو حلال.

٥٢ـپاڙين مٿان پٽ، ڪانون ڪيرائي وڌي.

٥٣ـپٽ بنياد تي وجي ٿي.

٥٤ـپتر پائي ٿيڻ.

٥٥ـپري ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو.

٥٦ـپکي سان ٿي پير، جيسين رتو راس ٿئي.

٥٧- ٻلي ٻلي ڀاڻ آئي، سا ٻہ نہ چئبي ٻلي.

٥٨- ٽانو ڪٽي هڪڙو، ٽڪر ٻيجي گهڻن تي.

٥٩- ٽڪو ڏئي پيءُ ڀٽائڻ.

٦٠- ٽڪي چاڙهڻ.

٦١- پاپڙ ويلڻ.

٦٢- پاڻ نہ ٻجهي ڏوجهان متيان ڏيوي.

٦٣- پاڻ نہ پاري ڪتا ڌاري.

٦٤- پٽر پرائو، سور پنهنجا.

٦٥- پڪي مالي ڇڏجي، پر سنگت نہ ڇڏجي.

٦٦- پنج ئي آڱريون برابر نہ آهن.

٦٧- پنج ئي آڱريون گيهہ ۾.

٦٨- پنڌ کان ڪتي جي چڪ ۾ چڱو.

٦٩- پنهنجي ڪٺي جو نہ ويچ نہ طبيب.

٧٠- پنهنجو ماري ڇانءُ تي سٽي.

٧١- پهاج مکڻ جي ٻہ چڱي ناهي.

٧٢- پهرين وٺي ڪير پري.

٧٣- پئسو وڃي، پت نہ وڃي.

٧٤- پير جو ڪم نڪاءَ سان.

٧٥- پيسا ئي پائيءَ ۾.

٧٦- جمن چارڻ وارو سوال.

٧٧- جنا کان ڪيڻ.

٧٨ـ جنهن آهرن ۾ ڪاڏو، سو پاتڙي ۾ ڪيئن ڏاپندو.

٧٩ـ جنهن ايرندي تاءُ نہ ڪيو، سو لهندي ڇا ڪندو؟.

٨٠ـ جنهن جو بد ٻڌياد، تنهن جو ميوو ملو نہ ٿئي.

٨١ـ جو چلهہ تي، سو دل تي.

٨٢ـ جوڳي نہ ڪنهن جا مٽ.

٨٣ـ جوئر جو اٽو.

٨٤ـ جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا.

٨٥ـ جهڙ جهيڙا سدا نہ رهندا.

٨٦ـ جيڪي اکرين ۾ سر ڏيندا، سي مهرن کون ڪين ڊڄندا.

٨٧ـ جيئندا هڪ ڏينهن ملندا.

٨٨ـ ڄاڻو پٽ، لٽي سڪ، پرڻيو پٽ تہ پٽي يڪ.

٨٩ـ ڄاڻي ناهي، نانيءَ مهاندي.

٩٠ـ ڇٽ ۾ ڦٽ پڌا پلا آهن.

٩١ـ چارئي چنبا ڪوڙي بيهڻ.

٩٢ـ چانديا چور شنباڻي شاهد.

٩٣ـ ڇٽيءَ سٽ پسايو، واڻئي وڌس وٽي، ڇٽيءَ ليکي واڻيو مٿو، واڻئي ليکيڇٽي مٿي، مٿي سائي ڇٽي.

٩٤ـ چريءَ کي چوڙو، ڪلهن ٻانهن ۾ ڪلهن ڇنگهہ ۾.

٩٥ـ چلهہ منٿو.

٩٦ـ چمڙي وڃي دمڙي نہ وڃي.

٩٧ـ چندو چندي کي سو ڪوهہ تي ڳولهي لهي.

٩٨-چور چوريءَ کان ويچي، هيرا ڦيريءَ کان نہ ويچي.

٩٩-چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک.

١٠٠-چور سائو ڪونهي، پاڳيو بکيو ڪونهي.

١٠١-چور نہ تہ چاڪي ئي سهي.

١٠٢-چورن مٿان مور.

١٠٣-ڇا ڪوري، ڇا تراريون.

١٠٤-ڇتي ڪوريءَ واري ڊيگهہ.

١٠٥-ڇوڪرائي پوتي، ڪنهن نہ ڌوتي.

١٠٦-ڇيٺا پورڻ.

١٠٧-حنود ڪاسائيءَ واري ڪڏ.

١٠٨-حياتيءَ تي ڪهڙو اعتبار.

١٠٩-حيلي رزق، بهاني موت.

١١٠-خانن جي خالي، ماني مان معلوم.

١١١-درياهن جا منهن ڪنهن بند ڪيا آهن؟.

١١٢-دشمن جي دانگي پڳي بہ ڀلي.

١١٣-دلو راءِ جي نگري.

١١٤-دودو ڌوڙ چنيسر ڇائي.

١١٥-ديهہ وڏي نانءُ بيران.

١١٦-ڌڻ تہ ڌٽي، نہ تہ وڪڻ ڪٽي.

١١٧-ڏاڍي جي لٺ ڪي ٻہ مٿا.

١١٨-ڏاچي هٽي ڏمہ، توڏي هٽي تيرهن.

١١٩ـ ڏائڻ به ڏهه گهر ٽاري.

١٢٠ـ ڏيري ڊور تي ميجر به گهٽا.

١٢١ـ ڏٺو پير، پُني مراد.

١٢٢ـ ڏٺي مک ڪير ڳهي.

١٢٣ـ ڏنلاين آڱريون ڏيڻ.

١٢٤ـ ڊيڊر ڊرا ٽيڻ.

١٢٥ـ ڏڳ ڏيکي جڳ ڪي، سياڻو ڏيکي ڏڳ ڪي.

١٢٦ـ راهوجن ۾ رات، قادر ڪنهن جي نه ڪري.

١٢٧ـ رڻي اڳي ٿي ويئي هئي، ويتر آيس پيڪن جو ماڻهو.

١٢٨ـ رڻي آهي کهوٽ سان، ڳالهائي نه ٿي ڳوٺ سان.

١٢٩ـ رڏون مڙئي ٻوٽ ڪاريون.

١٣٠ـ روهين رلا مٿي ڪلا.

١٣١ـ زور اڳيان زاري.

١٣٢ـ ساڳي ماني ساڳ سان.

١٣٣ـ ست گهر ڏائڻ به ٽاري.

١٣٤ـ ستي چڙهي ڏاکه.

١٣٥ـ سڪن گڏ ساوا به سڙن.

١٣٦ـ سپ نه ماري سپ جو سراپ ماري.

١٣٧ـ سک سمهي ڪنياري، جنهن جي چور نه نئي مٽي.

١٣٨ـ سکٽي ڪني گهٽو اُيامي.

١٣٩ـ سوڙ آهر پير ڊگهيرڻ.

۱۴۰ـ سهي تنگون تي، چوٽون پچ.

۱۴۱ـ شرع ۾ ڪهڙو شرم.

۱۴۲ـ عقل ريءَ عذاب، گهڻو پسنديءَ جندڙي.

۱۴۳ـ عمر وٺي مارڻي وڻندو، ٽر ته ڪين ٽيلهيندو.

۱۴۴ـ ڪاريءَ وارا ڪک.

۱۴۵ـ ڪيچ ڪوسي ڪرڻ.

۱۴۶ـ ڪري ڏاڙهيءَ وارو پري ميڇن وارو.

۱۴۷ـ ڪک جي چوري لک جي چوري.

۱۴۸ـ ڪوئلن جو واپار ـ هٿ لاءِ هٿ ڪارو، پير لاءِ پير ڪارو.

۱۴۹ـ ڪڪڙ ڪوريءَ جو، نانءُ وڏيري جو.

۱۵۰ـ ڪتي جو منهن ڪارو، رب اوتري جي اوتري.

۱۵۱ـ ڪوڙي حرام، بجڪو حلال.

۱۵۲ـ ڪني آگر وڃي پلي.

۱۵۳ـ گابا هر وهن ها ته ڏاند نه هجن ها.

۱۵۴ـ گدڙ ڊاک نه پڄي، آکي ٿو کٽا.

۱۵۵ـ گڏهه ڇا ڄاڻي گلقند مان.

۱۵۶ـ گڏهه اهوئي آٽر، ٻيا پيس ته پڙ ڪونهي.

۱۵۷ـ گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

۱۵۸ـ گهوڙي ڪن برابر.

۱۵۹ـ ڳوهه کي ڪٽي ڪٽي، ته ڳولهي شڪارين جا گهر.

۱۶۰ـ لال واه جا چيڙا.

١٦١ـ لاهہ ڪيڻ.

١٦٢ـ ليي لوٺڪ بہ نہ، سڏان مريڙي جون.

١٦٣ـ لال بہ ليي، پريت بہ رهجي اچي.

١٦٤ـ لکي عيسو پڙهي موسو.

١٦٥ـ ليتڙيون پائڻ.

١٦٦ـ ماتيجي ماءُ جي مڪ، جهڙ جي ڏپ، ۽ انڌي جي گهت هڪ برابر.

١٦٧ـ ماشا ڦرڻ.

١٦٨ـ مالڪ تہ مالڪي.

١٦٩ـ ماءُ مري مريڙي ڪاڻ، پٽ پاڻي خان.

١٧٠ـ مزوان موت، ملوڪان شڪار.

١٧١ـ مکڻ پوندي متو سڙيو؟.

١٧٢ـ مکڻ مان وار ڪيڻ.

١٧٣ـ ملتاني گهيتلو.

١٧٤ـ نائي رڌڻ واري، ڏوهٽا ڪائڻ وارا.

١٧٥ـ ٽنهن جا زور لائڻ.

١٧٦ـ نوانوي جو ڏڪ .

١٧٧ـ نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪتا ساڙي دونهيون ڪيون.

١٧٨ـ وات ڪائي، اک لڄائي.

١٧٩ـ واڙيءَ پارهن هٽ اثارهن، گهر ويني ويهہ!

١٨٠ـ وائڙي ڪتي انڌا گلر چٽي.

١٨١- واٽڙي ڪتي واه تي، سائن ليکي شڪار تي.

١٨٢- وڻ وڻ جي ڪاٺي.

١٨٣- ويچارا ڪيڻ.

١٨٤- ويهن آڱرين جو زور لڳائڻ.

١٨٥- هجئي ناڻو ته گهر لاڙڪاڻو.

١٨٦- هديرو ڳل ڪرڻ.

١٨٧- هر هلائي ڄڏڻ.

١٨٨- هڪ اٺهوند ٻيا اڦعال ٻڇڙا.

١٨٩- هڪ الله جي نالي ٻيو حلوي سان ماني .

١٩٠- هڪ وٽي نـ، ٻيو وري جوٽن سوڏو جهوليءَ ۾.

١٩١- هڪڙا اڏ ۾، ٻيا پنڌ ۾.

١٩٢- هو سودو نه سلي، هي اٽل گهري.

١٩٣- ميڪڙ چوري، ڪير ڪتوري، ٻيجهڙ چوري، جيءَ جي جهوري.

١٩٤- يارن جي ياريءَ سان ڪم، اڦالن سان ڪونهي.

١٩٥- يارن جي ٻاھ ٻارن مان نه ڪيجي.

١٩٦- يار ياراڻي معاملا صاف.

—

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسُل وارا پنَ به مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، برندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نه آهي.

ڪوشش اها هوندي ته پنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي ته ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي به ٿِين. اهڙي حالت ۾ پنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو به مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو ته ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو به لاڳاپو نه هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)